

# ڪتاپ جا گل

منصور ٿلهو

SAMBARA PUBLICATION HYDERABAD

# گڏاپ جا گل

(لُغت)

## منصور ٿلهو

SAMBARA PUBLICATION HYDERABAD

سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد

ڪتاب نمبر 108
حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ

ڪتاب جو نالو: گڏاپ جا گل
موضوع: لُغت
ليکڪ: منصور ٿلهو
ڇاپو پهريون: مارچ 2018ع
ڪمپوزنگ/لي آئوٽ: شاهزيب ميمڻ
ٽائيٽل: فتاح هاليپوٽو
ڇپيندڙ: سمبارا پبليڪيشن
منو ٽاور سامهون عبرت پريس ويجهو ڏوابا پوليس لائين، گاڏي کاتو حيدرآباد
03003513966

مُلهه: 250
پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

***GADAP JA GUL***
(***Dictionary***)
***By: Mansoor Thalho***
***Sambara Publication Hyderabad***
***03003513966***

# ارپنا

ڏاڏو
سرائي بخشل خان ٽالپر
ڏاڏي
جنت خاتون ۽ الله بچائي
بابا
سرائي در محمد خان ٽالپر
امڙ سائڻ
رضيہ بيگم
جي نانءُ

# اداري پاران

هونئن تہ دنيا جي ٻولين جي قدامت جو پتو ٻوليءَ جي لفظن جي ذخيري مان پوي ٿو، هتي جيڪي ٻوليون شاهڪارپ ۾ ڳڻجن ٿيون، انهن جي لفظن جي "لغتن " جو جائزو وٺبو تہ پنهنجي سنڌي ٻولي مڙني زبانن کان سرس، قديم ۽ متاهين نظر اچي ٿي، ان ۾ ڪوبہ شڪ ناهي تہ سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ تمام وسيع آهي، پر جيڪڏهن اڃان بہ سنڌي ٻوليءَ جي ادارا ۽ ٻوليءَ جا ماهر ۽ ڄاڻون هن پاسي نهايت سنجيدگيءَ سان ڌيان ڏئي ٻوليءَ جي لهجن تي لغت تيار ڪري دنيا آڏو پنهنجي ٻوليءَ جي قدامت کي اڀارين تہ يقينن سنڌ ٻوليءَ جو مستقبل وڌيڪ روشن ۽ تابناڪ ثابت ٿي سگهي ٿو.

سنڌي ٻولي ۽ ادب لاءِ پاڻ پتوڙڻ واري جذبي سان سرشار سائين منصور ٿلهو جي علمي ۽ عملي ڄاڪوڙ جو اندازو سندس ڀرين آيل ڪتابن "جيون ليڪا" (ناول)، "جي هانءَ نہ هارين"(چوند ڪهاڻيون)، "زندگي ڀوڳ"(ناول)، "متي ۽ مهاڻا"(ناول)، "ريڙهي مياڻ" (ناول) ۽ "سوڪي بندر ۽ ساموندي سور"(سفرنامو) سميت هن ڪتاب "ڳذاپ جا ڳل"(لغت) ۾ پڻ ڌرتيءَ ۽ ٻوليءَ سان ساڃهي محبت ۽ انسيت کي ڪنهن بہ طرح درگذر نہ ٿو ڪري سگهجي، سائين منصور ٿلهو پنهنجي ڄاڪوڙ ۽ جستجو سان هڪ ڊگهي عرصي کان لاڙ جي ساموندي پٽن تي راتين جون راتيون گذاري اتان جي ماڻهن، پٽن، ڍورن، چاڙن سان ناتو ڳنڍيندو پيو اچي ۽ انهن پورهيت سان قرب ڪچهرين سميت پنهنجي خاص مقصد لاڙي لفظن جي لغت تي ججهو مواد سهيڙڻ جي مشق کي جاري رکندو رهيو آهي، هن فقير منش ليکاريءَ جو ٻوليءَ سان بي انتها عشق جا داستان تہ انيڪ آهن پر خاص طور هن ڪتاب ۾ لاڙي ۽ ساموندي پٽي ۾ استعمال ٿيندڙ ٻولين لفظن جي چونڊ پڻ ڦٽين وانگر ڪٺي آهي، هن تہ پنهنجي وت آهر طبعيت جي ناسازي باوجود هزاران وڙان خرچ ڪري پاڻ ملهايو آهي، پر سندس چواڻي تہ اڃان تہ وڌيڪ ڪم جي ضرورت آهي.

سائين منصور ٿلهو جي جي هن ڪتاب "گڏاپ جا گل"(لغت) ۾ مليـر جي گڏاپ واري علائقي جي محبتي ماڻهن سان ڏينهن رات ڪچهريون ڪري ميلن جا ميل پيرين پنڌ سفر ڪري پنهنجا پير پڏون تـ ڪري چڏيا آهن پر سندس ساڳي همت ۽ جذبو برقرار آهي، اهوئي سبب آهي جو سندس هيءَ محنت پنهنجي ٻوليءَ سان هڪ محبت جي سفر طور سامهون آئي آهي، جنهن تي پاڻمرادو پيار جون ريڪائون اپري اچن ٿيون، هن ڪتاب کي حتمي شڪل ڏيڻ کان اڳ هن ڪراچي يونيورسٽي جي استادن ۽ شاگردن کان پڻ مدد وٺڻ ۾ بـ عار محسوس نـ ڪئي آهي، توڙي جو اهو تجربو سائين منصور ٿلهو جي پهريون ناهي، ان کان اڳ بـ لغت جي حوالي سان سندس ڪتاب" اکر پٽي "منظر عام تي اچي چڪو آهي، جڏهن تـ "لاڙي لفظن جي موتين مالها" پڻ ڇپائي جي مرحلي ۾ آهي، پنهنجي ٻوليءَ جي نج لفظن ۽ لهجن کي چونڊڻ ۽ پين ٻولين سان ڀيٽڻ جي جستجو تي ڪيس داد ڏيڻ کانسواءِ رهي نـ ٿو سگهجي.

هن ڪتاب گڏاپ جا گل ۾ خاص طور گڏاپ جي ماڻهن سان ڳالهـ ٻولهـ دوران پين لهجن اتردي، وچولو، ڍاٽڪي ۽ لاڙي لهجن کان منفرد نموني سامهون اچن ٿا.جيئن اتان جا ماڻهو بلوچي، سرائيڪي، ڪوهستاني ۽ لاسي علائقن جا لفظ پڻ اچاريندا آهن يا گڏاپ جا ماڻهو توهان، توهين، توهانجو، تنهنجو جهڙا لفظ استعمال نـ ڪندا آهن ۽ جن لفظن ۾ "هـ" جو آواز هوندو آهي، اهي پڻ بنهـ گهٽ يا استعمال ئي نـ ڪندا آهن ، هتان ماڻهن تون جو لفظ پڻ هر ڪنهن لاءِ، پوءِ پلي استاد هجي، والد هجي يا ڪو بزرگ ۽ هڪ جيڏو ڇوڪرو هجي، لاءِ ڪتب آندو وڃي ٿو، اهڙيون انيڪ ڳالهيون اوهان کي سائين منصور ٿلهو جي هن ڪتاب ۾ ملنديون، جن کي پروڙي هيئين سان هنڊائي سگهجي ٿو، سمبارا پبليڪيشن پاران سائين منصور ٿلهو جو سفرنامو "سوڪي بندر ۽ ساموندي سور" ڪانپوءِ هي ڪتاب "گڏاپ جا گل" پڻ سنڌي ٻولي ۽ ادب جي واڌ ويجهـ سميت پڙهندڙن لاءِ نهايت ڪارائتي سوکڙي ثابت ٿيندي.

ساجد سنڌي
سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد
03003513966

## مهاڳ

# ڪرڪٽا لاهي سڪ نہ سُتا ڪڏهين

مون جڏهن سنڌ جي سامونڊي پيٽن تي لکڻ شروع ڪيو، سنڌ ۽ بلوچستان جي دنگ تي چرٽي (چرٽو) پيٽ کان ٽيندو جڏهن ريڙهي مياڻ پهتس تہ هتي دوستن جي واتان منصور ٿلهو جي ناول "ريڙهي مياڻ" جو ذڪر ٻڌم، دوستن ٻڌايو تہ اوهان جنهن موضوع تي لکڻ لاءِ تحقيق لاءِ نڪتل آيو، منصور جو اهو ڪتاب ڪنهن حد تائين اوهانجي رهنمائي ڪندو. مارڪيٽ مان پڇا ڪيم پر ڪتاب نہ ملي سگهيو. منهنجي پيٽن وارو سفر هر هفتي "ڪاوش دنيا" ۾ ڇپجندو هو، انٽرنيٽ وسيلي پوري دنيا ۾ پڙهيو ويندو هو، هر هفتي فون ۽ ميل وسيلي پوري دنيا مان حوصلہ افزائي ملندي رهي، جڏهن ڪراچي ۽ ٺٽي جي دنگ تي جاڪي/جاکي بندر پهتس تہ دوستن صلاح ڏني تہ اهو ڪتابي صورت ۾ اچڻ گهرجي، ٻئي پاسي مون ۽ ڊاڪٽر رخمان گل پالاري، ڀنڀور کان ڪيچ تائين "سسئيءَ جي واٽ" تي بہ ڪم شروع ڪيو هو. پياري دوست محمد علي مانجهي "جاڪي بندر" ۽ "سسئيءَ جي واٽ" تي بہ جدا جدا مضمون لکيا هئا، انهن جي حاصلات ۽ مانجهي سان جاڪي بندر جي حوالي سان وڏيڪ ڪچهري لاءِ جڏهن مڪلي، مانجهيءَ جي گهر پهتس تہ هن مونکي منصور جو ڪتاب "ريڙهي مياڻ" تحفي طور ڏنو ۽ ٻڌايئين تہ منصور هر هفتي اوهانجو پيٽن وارو سلسلو پڙهندو آهي ۽ هن سڀئي قسطون محفوظ بہ ڪيون آهن. منصور ٿلهو جو نالو ٻڌل هو پر هن سان ڪا واقفيت نہ هئي ۽ نہ ئي هن جو ڪو ڪتاب پڙهڻ لاءِ مليو هو.

محمد علي مانجهي انهيءَ وقت فون ملايو، اُن وقت منصور ٿلهو آمريڪا ۾ هو، فون تي ڳالهہ ٻولهہ تي پيٽن واري سلسلي کي بہ هُن صلاح ڏني تہ ڪتابي صورت ۾ اچڻ گهرجي ۽ پنهنجي ڪتاب "ريڙهي مياڻ" پڙهڻ جي تاڪيد بہ ڪيائين، اهو منهنجو هن ڪاهوڙيءَ سان پهريون رابطو هو. سنڌس ناولُ "ريڙهي مياڻ" ۽ ناول "مِٽي ۽ مُهاڻا" پڙهڻ جو موقعو مليو. اهي ٻئي ناول منصور جي سامونڊي علائقن ابراهيم حيدريءَ کان ڪيٽي بندر تائين ڇهن سالن جي سفر ڪانپوءِ لکيل آهن، اهي ناول

اصل ۾ تحقيقي ۽ تاريخي ناول آهن، جن ۾ اصلي ماڻن، مڪانن ۽ ماڻهن جا نالا ڏنل آهن.

اهي ٻئي ناول ۽ لاڙي لفظن تي ٻڌل سندس لغت، "اکر پتي" پڙهڻ کانپوءِ مون کي لڳو تہ اسان جي عشق جو محور ڇڻ تہ هڪ ئي آهي. اهو آهي سنڌ جي پيڙيل طبقن جي تاريخ، سنڌ جا وساريل ماڳ ۽ مڪان، جن کي تاريخ جي پني تي ڪا پذيرائي نہ ملي سگهي، اهي طبقا، ماڻهو، ماڳ ۽ مڪان تاريخ جي دز ۾ غائب ٿي ويا آهن، اسان ٻئي، ڇڻ تہ انهن جا ڳولائو هجون. منصور ٿلهو بہ مونکي انهيءَ پيڙيءَ جو سوار لڳو. هو بہ مون وانگر تماچي ٻڄي "نوريءَ" جي عشق ۾ ککي هاٿين ڪارين ۾ ڇڻ تہ گم ٿيو هجي، انهيءَ عشق ۾ هر پيري هو هڪ نئون ڪتاب سرجي نڪري ايندو آهي. منهنجي زندگيءَ جو ڳچ حصو ساموندي ماڻهن سان گذريو آهي. حمل جيئند کان وٺي هي سمنڊ منهنجو ساٿيہ رهيو آهي. حمل بہ پور چوگيزن کي للڪاريو هو ۽ پوءِ هن کي گرفتار ڪري هميشہ لاءِ غائب ڪيو ويو ۽ هو تاريخ جو مسنگ پرسن ٿي ويو. آئون ۽ منصور بہ وقت جي نون پور چوگيزن سان جيڪي پوري ساموندي پٽي ۽ ڪوهستان کي ڳڙڪائڻ جا منصوبا ٺائي رهيا آهن، متان جي ثقافت، تاريخ، ادب ۽ زندگيءَ کي ختم ڪرڻ ۾ رڌل آهن اسان انهيءَ تاريخ کي محفوظ ڪرڻ جا جتن ڪري رهيا آيون.

اسانجي نوري بہ سنڌ جو ساموندي ڪنارو، ان جون ڪاريون، پيٽ هتان جا رهندڙ ماڻهو، ڪاري ڪيڙائو آهن، جيڪي سنڌ جي هزارين سالن جي ثقافت ۽ تاريخ جا امين آهن. جن جي ڪري هي ڪنارا هميشہ آباد رهيا. جن جي ڪري ديبل سميت سوين ننڍا ۽ وڏا بندر آباد هئا. انهن ماڻهن جي ڪري سنڌ پوري دنيا سان ڳنڍيل هئي، سنڌو سڀيتا جي ترقي ۾ انهن جو وڏو هٿ هو پر اڄ اُهي بک، بدحالي ۽ زندگيءَ جي سيني سهولتن کان وانجهيل آهن، انهن جي زندگي ڏاڍي ڏکي ٿي پئي آهي، اهي لطيف جا جيئرا جاڳندا ڪردار آهن. جيڪڏهن لطيف کي سمجهڻ گهرو ٿا تہ پوءِ انهن وٽجارن، لاڙ جي جتن، ڪوهستان جي رهواسين هتان جي رهندڙ ٻين قبيلن جي ماڻهن سان ملو، اوهان کي لطيف جو پورو رسالو بہ زبان معنائن سميت ملندو. مون کي جڏهن بہ

گهٽ محسوس ٿيندي آهي ۽ جڏهن اڪيلائي محسوس ڪندو آهيان تہ ساموندي علائقي ۽ ڪوهستان جي جبلن ڏانهن نڪري ويندو آهيان ۽ نئين قوت سان ڪجهہ نہ ڪجهہ تخليق ڪندو آهيان. اسانجو هي دوست منصور ٿلهو بہ آمريڪا ۾ پرآسائش زندگي هوندي بہ جڏهن هُن کي مهاڻن، ملاحن، لاڙ پٽي جي سگداسي چانورن جي خوشبو، چرڪن ۽ موراڪن جي چَٽ ۽ اُڪير لڳندي آهي تہ هو انهن علائقن ۾ پهچندو آهي، پوءِ "مِٽي ۽ مُهاڻا"، "ريڙهي مياڻ"، "اڪر پٽي" ۽ "سوڪي بندر ۽ ساموندي سور" جهڙا تاريخي ۽ تحقيقي ڪتاب سرجيندو آهي.

هن ڀيري منصور کي موڪيءَ جي "مَڌ" پياسي ڪيو آهي ۽ هو منهنجي ڏيهہ گڏاپ اچي نڪتو آهي، هن ڀيري هو ڪوهستان جي ڪنڌيءَ تي موجود پراڻي ماڳ گڏاپ، موڪي متارن، مري مگٽر، موئيداڻ، لطيف سرڪار جي آستانن ۽ هتان جي رهندڙ قبيلن، انهن جي ٻوليءَ جي ڳالهہ ڪري ٿو. سندس هي ڪتاب "گڏاپ جا گل" انهيءَ پس منظر ۾ لکيل آهي.

هڪ ڏينهن ڊاڪٽر رحمان گل پالاري فون ڪري پڇيو تہ، "منصور ٿلهو ڪي سڃاڻي"، چيم ها سڃاڻان، "وڻجارو منصور". ڊاڪٽر صاحب چيو تہ هن ڀيري هو گڏاپ تي ۽ هتان رهندڙ واڍيلن جي سنڌي لهجي جدگالي تي ڪجهہ لکڻ چاهي ٿو، اوهان هن جي ڪتاب جو مهاڳ لکي ڏيو، ڪجهہ ڏينهن ڪانپوءِ منصور فون تي ڳالهايو ۽ ڪتاب جي مهاڳ لکڻ لاءِ چيائين. گهڻا ڪم هوندي بہ منصور کي انڪار ڪري نہ سگهيس، ڇاڪاڻ بي لوث ڪاهوڙين کي انڪار منهنجي ڌرم ۾ شامل نہ آهي.

هڪ ڏينهن هو، احمد نواز واڍيلي سان، حاجي فقير محمد بلوچ جي ڳوٺ، انور بلوچ جي اوطاق تي اچي نڪتو ۽ احمد فون ڪري اچڻ لاءِ چيو. سانجهي ڪانپوءِ هتي پهتس تہ منصور سان گڏاپ جي نوجوانن ۽ در محمد جوکئي جهڙن جهونن جي ڪچهري اوج تي هئي. انور بلوچ جو هيءُ اوطاق تاريخي حيثيت رکي ٿو. مرحوم انور پيرزادي، لطيف پيرزادي، مرحوم علي بابا، بدر ابڙي، اشتياق انصاري سميت ڪيترائي اديب ۽ ڪاهوڙي هن اوطاق ۾ رهي چڪا آهن.

منصور سان ڳڏ اهي نوجوان جيڪي جوکيا ۽ واڍيلا هئا، ڪراچي يونيورسٽيءَ جا شاگرد هئا ۽ ڳڏاپ جي مختلف ڳوٺن جا رهندڙ آهن، منصور انهن سڀين تي اهو ڪم رکيو هو تہ شام جو ڪچهري تي اچڻ کان پهرين پنهنجي تر جا سؤ لفظ بہ پاڻ سان لکي کڻي اچو.

منصور جتي بہ تحقيق لاءِ ويندو آهي، ڏينهن جا ڏينهن هتي رهي، ڪچهريون، مارڪا ۽ رهاڻيون ڪري تر جي لفظن ۽ تاريخ کي محفوظ ڪندو آهي. زندگيءَ جون سڀ آسائشون هونديون بہ هي ڏکين پنڌن ۽ پيچرن تي هلي، سامونڊي لهرن سان مقابلو ڪري، خاموشيءَ سان، بنا ڪنهن مشهوريءَ جي لالچ جي، سنڌي ادب، ٻولي ۽ تاريخ جي خدمت ۾ مشغول آهي.

انور بلوچ جي اوطاق تي اها منهنجي منصور سان روبرو پهرين ملاقات هئي، تفصيل سان ڪچهري ٿي. اڳ ۾ مون سمجهيو تہ منصور فقط سنڌيءَ جي جدگالي لهجي تي لکڻ چاهي ٿو پر ملاقات ڪانپوءِ خبر پئي تہ، هو ڳڏاپ ۾ رهندڙ مختلف قبيلن، جن ۾ واڍيلا، جدگال، جوکيا، خاصخيلي ۽ ڪلمتين جي روزمره جي زندگيءَ ۾ ڳالهائيندڙ منفرد لفظن تي تحقيق ڪرڻ چاهي ٿو. ياد رهي تہ ڳڏاپ ۾ رهندڙ ڪلمتي، بلوچي ڳالهائين ٿا پر گهگهر، جوريجي، دهابيجي، ٺٽي ضلعي، سجاول ۽ بدين ضلعي جا رهندڙ ڪلمتي سنڌي ڳالهائين ٿا.

منصور پهرئين پيري بہ راتيون، سائين انور بلوچ جي اوطاق تي ترسيل هو. هڪ ڏينهن هن سان سائين عبدالحڪيم جوکئي جي اوطاق تي ڪچهري ٿي. انهن ڪجهہ ڏينهن ۾ سائين منصور ٿلهو سان ڪتاب "ڳڏاپ جا ڳل"، ڳڏاپ ۾ ڳالهائيندڙ سنڌي جي لهجن، جدگالي، ڪوهستاني، لاسڪي ۽ لاڙي تي، انهن لهجن ۾ استعمال ٿيندڙ لفظن تي ڀرپور ڪچهري ٿي. منصور جي ڪتاب جو اصل موضوع بہ اهو آهي تہ ڳڏاپ ۾ رهندڙ مختلف قبيلا، جيڪا سنڌي ڳالهائن ٿا ۽ هتي جيڪي منفرد لفظ استعمال ٿين ٿا انهن کي هڪ هنڌ ڳڏ ڪرڻ آهي تہ جيئن هڪ لغات ترتيب ڏنو وڃي. "ڳڏاپ جا ڳل" ڪتاب جو نالو بہ انهيءَ ڪري چونڊيو ويو آهي تہ ڳڏاپ ۾ رهندڙ مختلف قبيلا ڳلدستي جي ڳل وانگر آهن، هڪٻئي سان ميل ملاقات، اوکي سوکي، مرڻي پرڻي ۾

هڪبئي جي مدد ۾ سائتا ڪرڻ وارا هي ماڻهو انتهائي پرخلوص، ساده ۽ پيار ڪرڻ وارا آهن. پنهنجي ڏن ۾ مست رهڻ وارا هي ماڻهو جن ۾ لاڙ جي سگداسي چانورن جي خوشبو، ڪوهستان جي جبلن، ندين ۽ ڍورن جي ڪپ تي ڦٽندڙ خودرو گلن جو رنگ، لس جي ليارن جهڙي مناس ۽ ڪلاچيءَ جي ساموندي ڪنارن جهڙي خوبصورتي شامل آهي، جيڪي تاريخ ۾ هوندي به تاريخ نه ٿي سگهيا، اهي چاڪر خان ڪلمتي، چاڪر خان جوکئي، حمل جيئند، پوجو مل، قادر بخش بڪڪ، مائي ڪلاچي مورڙي ميربحر، ملير خاصخيلي، حاجي ڪرمي پوو، بشام خان پالاري، شاهه حسڻ، ملهه پالاري جي عظمت جا امين آهن پر هر دور ۾ ڏڌڪاريا ويا آهن، ترقي جي نالي تي انهن ماڻهن جي زرعي زمينن، چراگاهن، ڳوٺن، روزگار جي وسيلن ۽ تاريخي اهڃاڻن تي قبضا ڪري، انهن ماڻهن کي پنهنجي وطن ۾ جلاوطن ڪيو ويو. هاڻي بحريا ٽاؤن ۽ ڊي.ايڇ .ستي جهڙا راڪاس مست هاٿي وانگر انهن ماڻهن جي ملڪيتن، اجهن، پکن، ڪکن، ڍنڍن، ڍورن، تاريخي جبلن ۽ تاريخ جي هر اهڃاڻ لتاڙي پيهنگ ڪري رهيا آهن.

جڳي اسانجي ڪکن پنن جي،
تنهن تي به نظر آهي دشمنن جي.

هر پاسي خاموشي آهي، بقول شاعر جي:

”ڏوهه ناهي گدڙن جو، پنهنجا ڪُتا ياڙي آهن.“

منصور ٿلهو، جيڪو سنڌ جي اتر جي هوائن ۾ پليل لاڙ ڪانپوءِ ڪوهستان جي سورن کي قلمبند ڪرڻ لاءِ گذاپ جي گلن جي رنگن کي سنڌ آڏو نروار ڪرڻ لاءِ ڪوشش ۾ رڌل آهي، کيس سلام آهي.

منصور ڪتاب جي پيش لفظ ۾، ڪتاب لکڻ جي ارادي بابت لکي ٿو ته ” سيني شاگردن سان ڏيٺ ويٺ ٿي وئي، اڪثر شاگرد گذاپ جي علائقي جا هئا، هنن سان ڳالهه ٻولهه ۾ ڪيترا اهڙا لفظ هُجن، جيڪي نُپ سمجهه ۾ نه ٿي آيا، پر مزي جي ڳالهه اها هُئي ته جڏهن گذاپ جا شاگرد پاڻ ۾ به ڳالهائيندا هئا ته اُهي به هڪبئي جا لفظ سمجهي ڪونه سگهندا هئا، اهو ڏسي مان خاموش ٿي ويندو هئس، پوءِ ڪجهه وقت اهو سوچيندو رهيس، هي سيئي هڪ ئي ڳوٺ ۽ شهر جا

آهن ۽ پاڻ ۾ دوست آهن، ننڍپڻ کان گڏ رهيا آهن، پوءِ به هڪٻئي جا لفظ سمجهن نہ ٿا.”

انهيءَ خيال منصور ڪتاب ”گڏاپ جا گل“ لکڻ تي مجبور ڪيو. هتي رهندڙ واڍيلا، جيڪي جدگالي ڳالهائين ٿا. جوڪين جي ٻولي لاڙي آهي، جڏهن تہ خاصخيلي لاڙي ۽ ساموندي لهجي ۾ ڳالهائين ٿا. برفت، گوندر، ٻرا، چٽا، ٻڪڪ، ڪانڙا ۽ لاسي، ڪوهستاني ۽ لاسڪي لهجو ڳالهائين، براهوي، بروهڪي ڳالهائين ٿا. سنڌي ٻوليءَ جي مختلف لهجن ڳالهائڻ وارا قبيلا هتي رهن ٿا ۽ مخصوص لهجي جا لفظ، ٻئي لهجي وارو نہ سمجهندو آهي ۽ پوءِ انهيءَ ڳالهہ منصور کي ڪتاب لکڻ تي مجبور ڪيو، اهو ڪتاب اڄ اوهانجي سامهون آهي. ٻوليءَ جي ماهرن، ٻوليءَ جي شاگردن لاءِ هي هڪ نهايت ڪارائتو ڪتاب آهي.

جدگالي لهجي سان منهنجي شناسائي ننڍپڻ کان آهي، متي مائٽي ۽ ميل ميلاپ ڪري جدگالي منهنجي لاءِ ڄڻ تہ منهنجي پنهنجي ٻولي آهي. گڏاپ ۾ رهندڙ واڍيلن ڪانسواءِ درساٽي چني، ڪانوڙ، ڊملوٽي، ملير شهري علائقي ۽ لياري خاص ڪري نوان لين ۾ رهندڙ واڍيلا ۽ جدگال، جدگالي ڳالهائين ٿا. ڪراچيءَ جي ٻهراڙيءَ ۾ رهندڙن واڍيلن جي جدگالي جن کي هو، ”نمڙڪي“ بہ چون ٿا، ان ۾ آهستہ آهستہ سنڌيءَ جي لاڙي لهجي جا لفظ شامل ٿي رهيا آهن، جڏهن ملير جي شهري علائقن ۽ لياريءَ ۾ ڪنهن حد تائين جدگالي لهجو پنهنجي اصلي صورت ۾ موجود آهي پر هتي بہ هاڻي اردوءَ جا لفظ شامل ڪري جدگالي کي بگاڙيو پيو وڃي. ڪراچيءَ ڪانسواءِ سنڌ جي ٻين ضلعن ٺٽو، مٽياري، ٽنڊوالهيار، ٽنڊو آدم، سانگهڙ ۽ ميرپورخاص ۾ بہ جدگال وڏي انگ ۾ رهن ٿا ۽ اهي جدگالي ڳالهائين ٿا. سنڌ ڪانسواءِ بلوچستان ۾ لسٻيلي، خضدار، آواران، جهلاوان، ڪيچ (مڪران) ۽ گوادر ضلعن ۾ بہ جدگال وڏي انگ ۾ رهن ٿا، جيڪي جدگالي ڳالهائين ٿا. ايراني مڪران ۾ بہ رهندڙ جدگال، جدگالي ڳالهائين ٿا. بلوچستان ۽ ايران جي جدگاليءَ ۾ بلوچيءَ جو اثر وڌيڪ آهي. ايراني مڪران جي سياست ۾ جدگالن جو رول نهايت اهم آهي، هو هتي جا چونڊيل نمائندا بہ آهن. سلطنت عمان ۾ بہ وڏي انگ ۾ جدگال رهن ٿا ۽ اهي

جدگالي ٻالهائين ٿا.

لس ۾ لاسڪي، ڪوهستان ۾ ڪوهستاني لهجي، ڪراچيءَ ۾ لاڙي لهجي، بلوچستان ۽ ايران ۾ بلوچي جي اثرن ڪري، انهن لهجن ۽ بلوچي ٻوليءَ جي اثرن ڪري، ميلاپ ڪري جدگالي ۾ هڪ مٺاس شامل آهي، جنهن جي ٻڌڻ سان، اُنهن جا لفظ روح جي پاتال تائين لهي ويندا آهن، هي سنڌيءَ جو هڪ جدا ۽ منفرد لهجو بڻجي ويو آهي.

جدگالي ۾ بلوچيءَ جا لفظ شينگ شانگ، تيلگ، پاگ، گپ، غار، شات، انيچگ پلينڊ، امبرا، تاٿ، موڪو نِشار، مشوڪ هارگ، زار، پشڪونڊنگ، ڊنڊڪار، لمپشڪ، گندل شينز جهڙا ۽ ٻيا ڪيترائي لفظ شامل ٿي هن جي خوبصورتي ۾ واڌارو ڪيو آهي، هاڻي اهي چئي ته جدگالي جا لفظ ٿي ويا آهن.

جدگال ۽ واڍيلا جيڪي جدگالي ۽ نومڙڪي ٻالهائين ٿا، تحقيق جي ضرورت آهي ته اصل ڪير ۽ ڪٿان جا آهن؟ وڍ ۾ رهڻ ڪري انهن کي "واڍيلو" چيو وڃي ٿو، معنيٰ "وڍ وارا" جدگالي ٻالهائڻ ڪري انهن کي "جدگال" به چيو وڃي ٿو پر واڍيلو ۽ جدگال الڳ الڳ ذاتيون آهن، انهن جو پاڻ ۾ متيون مائٽيون گهٽي هئڻ ڪري، انهن کي الڳ ڪرڻ هاڻ گهڻو مشڪل آهي. واڍيلن جي باري ۾ هڪ رايو اهو به آهي ته اُهي مينگل آهن. ڪجھ محققن ۽ خود گهڻن واڍيلن جو چوڻ آهي ته اهي "رونجها" آهن. جدگالن ۽ بروهين جي لڙائي ۾ واڍيلن، جدگالن جو پاسو ورتو، شڪست کانپوءِ انهن جدگالن سان گڏ "وڍ" جو علائقو ڇڏيو ۽ انهن مان ڪجھ سنڌ ڏانهن آيا ۽ ڪجھ جدگالن سان گڏ ايران هليا ويا.

ڊاڪٽر لال بخش نائچ جو خيال آهي ته، جدگال، آريا نسل مان آهن.

جدگالن جو گهڻو ڪري پيشو گله باني هو، انهن وٽ اُٺن جا وڳ هوندا هئا، جنهن ڪري انهن کي "جت گل" چيو ويو پوءِ اهو لفظ بگڙجي "جدگال" ٿيو. جدگالن جو ڏنڌو واپار هوندو هو. واڍيلن جو ڌنڌو زراعت هو ۽ اڄ به واڍيلا زراعت سان لاڳاپيل آهن. جدگالن جي باري هڪ نظريو اهو به آهي جڏهن محمد بن قاسم سنڌ تي حملو ڪيو ته مڪران کان گهڻا بلوچي ٻالهائڻ وارا، محمد بن قاسم جي فوج ۾ شامل ٿيا. عربن

جي قبضي ڪانپوءِ اهي سنڌ ۾ رهي پيا، هتي انهن مٿين مائٽيون ڪيون ۽ جڏهن انهن جو اولاد واپس مڪران پنهنجي پراڻي ماڳن ڏانهن ويو ۽ سنڌي ڳالهائڻ ڪري انهن کي “جدا+ گال” معنيٰ ٻي ٻولي ڳالهائڻ وارا چيو ويو. جيڪو بعد ۾ بگڙجي “جدگال” ٿيو. اهي سڀ حتمي نظريا نه آهن. واڌيلن ۽ جدگالن تي تحقيق جي ضرورت آهي. اڳ ۾ لکي آيو آهيان ته شهر ۾ رهندڙ جدگال، جدگاليءَ ۾ اردوَ جا لفظ ٽُنبي هن جي مٺاس کي جڙ ته زهر پيري رهيا آهن. هاڻي اُهي نشار (ياجائي) کي ياپي، ڪاڪو (چاچو) کي ’چاچا‘، ’ڪاڪي‘ کي چاچي، پيڻ کي باجي جهڙا لفظ استعمال ٿا ڪن، پر اها ٿيڻي آهي ڇاڪاڻ ته ٻوليون آس پاس جي ٻولين، خاص ڪري جن ٻولين جو اثر وڌيڪ هجي ٿو، اُنهن جو قبول ڪن ٿيون. جنهن جا ڪيترائي سبب آهن، مارڪيٽ جي ٻولي، شهر جي اسڪولن ۾ تدريسي ٻولي سنڌي نه هئڻ ڪري به ٻوليءَ تي اثر پئجي رهيو آهي. جنهن تي اڳتي هلي بحث ڪنداسين.

مون گهڻو اڳ جدگالي لهجي تي قلم آزمائي ڪئي هئي. جڏهن ’جاڳو‘ اخبار پاران هڪ سلسلو، “اچو ته سنڌي سکون” شروع ڪيو ويو هو، جنهن ۾ مون سلسليوار جدگالي لهجي ۾ ڪتب ايندڙ لفظن، جيڪي سنڌيءَ جي ٻين لهجن ۾ نه آهن، اهي نج سنڌي جي جدگالي لهجي ۾ ڳالهايا وڃن ٿا، ڏيڻ شروع ڪيو. ياد رهي بلوچي لفظن ڪانسواءِ گهڻا اهڙا لفظ آهن، جيڪي اسان کي فقط جدگالي لهجي ۾ ملن ٿا. سنڌيءَ جي لغات جي ڪتابن ۾ به اهي نٿا ملن، اهو سلسلو پڙهندڙن گهڻو پسند ڪيو هو. جدگالي جا نج لفظ، جيڪي ٻئي ڪنهن ٻولي يا سنڌيءَ جي ٻين لهجن ۾ موجود نه آهن، انهن مان چند هي آهن. ڏوتاري (آئينو)، رانڌ (شام جو وقت)، آچڻ (سرمو يا سوهيرو)، پرزڻ (سرمي داني واري ڪاني)، زينئن (عورت جي چولي ۾ نميل اڳيون ڪيسو) وڃير (هن وقت، هينئر) وڃر (هينئر) ڪونڪ (ڪهڙي وقت) مُوچئين (تعزيت لاءِ عورتون استعمال ڪن ٿيون). ڪنهن جي تعزيت تي ويٺو هجين ته چون، “هلون فلاڻي جي، “موچئين ته هلون”. ٻُشانڪ (مهارو، مچرداني لاءِ به استعمال ڪن)، اوءِ چي (غرق ٿي)، تونگ (اُن وقت)، پُرهيه (مَرد)، پُئي (ڪاڪوس واري جاءِ)، رَڃ (ڪاڏي جا ٿانوَ) ڙان

(شادي)، گُشاڻ (متي تي اوڍڻ وارو رَئو يا چادر)، ياڳ (سپاٽي) اهي ۽ اهڙا پيا ڪيترائي لفظ آهن جيڪي نج جدگالي جا آهن، اهڙن لفظن تي منصور بحث ڪيو آهي، منصور ڪي بہ لفظ گڏاپ ۾ رهندڙ واڍيلن ۽ مون سان ڳالهہ ٻولهہ ۾ اهي لفظ ملي سگهيا آهن. جدگالي ۾ اڃان بہ اهڙا گهڻا لفظ آهن، جيڪي نج جدگالي جا آهن جيڪي جدگال ڳالهائين ٿا، ڪراچيءَ کان وٺي ايران تائين سفر ڪبو تہ اهڙا ڪيترائي لفظ ملي ويندا. ٻولي يا ان جا اصلي لفظ ڳولڻ لاءِ ٻهراڙيءَ جي عورتن سان ملڻ ضروري آهي، نج لفظ اڃان بہ عورتن وٽ محفوظ آهن، جنهن جو وڏو سبب اهو آهي تہ ٻهراڙيءَ جي عورت شهرن يا ٻين علائقن ڏانهن سفر گهٽ ٿي ڪري، تنهنڪري مرد جي مقابلي ۾ هن وٽ ٻولي ۽ لفظ اصلي حالت ۾ موجود هوندا آهن. مرد روزگار، واپار، ٻين ڪم ڪارين سانگي سفر ۾ رهي ٿو هر قسم جي ٻولي ۽ لهجن ڳالهائڻ وارن سان ملي ٿو، تنهنڪري هن جي ٻوليءَ ۾ فرق رهي ٿو، اها نج نٿي رهي. تنهنڪري نج جدگالي لفظن کي گڏ ڪرڻ لاءِ ڪراچيءَ کان بندر عباس تائين سفر ڪرڻ ضروري آهي. مون جدگالي، لاسڪي ۽ ڪوهستاني لهجن تي ڪجهہ ڪم شروع ڪيو تہ پيا پروجيڪٽ وچ ۾ يا ذهن ۾ اچڻ ڪري لهجن تي ڪم اڌ ۾ رهجي ويو. جڏهن منصور ٿلهي سان گڏاپ ۾ حاجي فقير محمد بلوچ ڳوٺ ۾ انور بلوچ جي اوطاق تي ۽ حاجي سائين رکيو جوکيو ڳوٺ ۾ اسان جي تر جي شاعر ۽ سگهڙ عبدالحڪيم جوکيو جي اوطاق تي جيڪي ڪچهريون ٿيون، تہ هو گڏاپ جي ڳالهائيندڙ لهجن ۽ خاص ڪري جدگالي تي ڪم ڪندي ڏسندي خوشي ٿي تہ جيڪو ڪم آئون مڪمل نہ ڪري سگهيس آهيان اڄ منصور انهيءَ تي ڪم ڪري رهيو آهي، تنهنڪري مون پنهنجو ڪم ۽ تجربو ان سان شيئر ڪيو ۽ اڄ منصور جي ڏينهن رات محنت ۽ اوجاڳن جو ثمر "گڏاپ جا گل" ڪتاب جي صورت ۾ اوهانجي سامهون آهي. هي شروعات آهي. جدگالي، لاسڪي ۽ ڪوهستاني سنڌي جي لهجن تي ڪم جي اڃان ضرورت آهي. منصور انهيءَ عمارت جو پهريون پٿر رکيو آهي، اسان سڀني کي گڏجي انهيءَ عمارت کي مڪمل ڪرڻ گهرجي. منصور لاءِ اهو ڪم ڪنهن حد ڏکيو هو. ڇاڪاڻ تہ منصور بلوچي ٻولي، لاسڪي،

ڪوهستاني ۾ جدگالي لهجن کان اڻ واقف هو، سنڌيءَ جا اِهي لهجا ڪنهن حد تائين لاڙ پٽيءَ ۾ ساموندي پٽيءَ جي وڻجار ٽڪي لهجن سان ملن ٿا. منصور ساموندي پٽيءَ تي ڪم ڪري چڪو آهي، "اڪر پٽي" نالي لغات ترتيب ڏيئي چڪو آهي، جنهن ڪري منصور جلدي انهن لهجن، انهن جي لفظن کي سمجهي ويو. منهنجي لاءِ جدگالي، ڪوهستاني ۾ لاسڪي لفظ سمجهڻ هن ڪري آسان آهن تہ اهي سڀ منهنجي تر جا لهجا آهن، بلوچي منهنجي مان ٻوليءَ ۾ جدگاليءَ ۾ گهڻا لفظ بلوچيءَ جا استعمال ٿين تنهنڪري انهن کي ڇنڊڇاڻ ڪرڻ ۾ منهنجي لاءِ آساني رهي. مٿين لهجن ۾ گهڻي حد تائين هڪجهڙائي بہ آهي. لاڙ، ڪوهستان ۾ لس هڪٻئي سان ڳنڍيل آهن، پراڻن واپاري رستن، ساموندي بندرن ۾ وڻج واپار ڪري انهيءَ سيني لهجن ۾ ڪنهن حد تائين هڪجهڙائي آهي.

گڏاپ جا جوکيا جن جون گهڻي ڀاڱي مٿيون مائيٽيون لاڙ پٽي جي گهاري، گجي، مالماڙي، جنگ شاهي، نٽي، ڄامشوري ضلعي، ميرپور ساڪري کان ويندي ور، غلام الله ۾ ڀهارن تائين آهي، انهن جو اچ وڄ رهي ٿو. ڪراچيءَ جي گابو پٽ، حب کان ونـي گڏاپ کان درساٽي ڇني، چوهڙ بازار، جوريجي، ڏاٻيجي، ڪانوڙ تائين جوکين جا سوين ڳوٺ آهن. گهاري کان گڏاپ اينڊڙ قديم مومتاٽي واٽ بہ جوکين جي وراٽي "مومت" ڪري مشهور ٿيو. انهيءَ واٽ تائين گهڻو ڪري "مومت" جوکيا ميرپور ساڪري ۾ نٽي ضلعي جي ٻين علائقن کان وسڪاري ڪانپوءِ مال ڪاهي گڏاپ ۾ حب تائين ويندا هئا. انهيءَ ڪري اهو گس "مومتاٽي واٽ" ڪري مشهور ٿيو. جنهن جو هاٽي ڪجهہ حصو "بحريہ ٽاؤن" ۾ اچي ويو آهي. جوکيا اصل ۾ سما آهن، سمن وانگر انهن جي سردار کي "ڄام" جو لقب مليل آهي. هن وقت ڄام عبدالڪريم جوکيو، جوکين جو سردار آهي، ملير جي ڄام مراد علي ڳوٺ ۾ رهائش پذير آهي. جن کي "ڄام آف ملير" بہ چيو وڃي ٿو. جوکيا ڪنهن دور "ڪنگور" جي علائقي ۾ بہ رهندڙ هئا، "ڪنگور" وارو علائقو شاهہ نوراني درگاهہ جي اتر پاسي ضلع خضدار ۾ آهي. جتي جوکين جون گهاڙي، چتساليءَ واريون قبرون بہ موجود آهن. جوکين جون مختلف

برادريون آهن، گڏاپ ۾ "مومت جوڪين" جي گهڻائي آهي. "مومتن" جو، هن وقت وڏيرو، "محمد انور جوڪيو" آهي. جيڪو مريد ڳوٺ گڏاپ ۾ رهي ٿو. ساحلي پٽيءَ ۾ حب ڪان وٺي ميرپور ساڪري تائين، ٻئي پاسي محال ڪوهستان تائين مهاڻا، جوڪيا، ڪلمتي، برفت، ڏاراجا، نگامڙا راڻا طاقتور قبيلا رهيا آهن. چراگاهن ۽ ٽريڊ روٽس تي ڪنٽرول لاءِ انهن قبيلن ۾ پاڻ ۾ جنگيون بہ لڳيون آهن، جن جا تفصيل، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي مرتب ڪيل ڪتاب "جنگ ناما" ۾ ڏنل آهن. پوري ڪوهستان ۽ بلوچستان جي بندر جيوٽي کان وٺي سنڌ جي ساحلي پٽي تائين گهاڙي قبرون ۽ قبرستان گهڻو ڪري جوڪين، ڪلمتين ۽ برفتن جو آهن، جنهن سان انهن قبيلن جي خوشحالي جي پروڙ پوي ٿي. انهن جو پاڻ ۾ ميل ميلاپ ۽ اچ وڃ ڪري سنڌي جي مختلف لهجن جيڪي هتي ڳالهايا وڃن ٿا هڪ ٻئي تي اثر فطري عمل آهي.

ڪراچيءَ ڊويزن ۾ رهندڙ خاصخيلي بہ هتان جا قديم رهواسي آهن، اهي گهڻو ڪري سومرن ۽ سمن جي دور ۾ هتي اچي آباد ٿيا. ڪراچي شهر ۾ اجان بہ گهڻا ڳوٺ خاصخيلين جا آهن. گڏاپ ۽ ملير ۾ بہ خاصخيلي وڏي انگ رهن ٿا. اهي زراعت، مزدور پيشہ ۽ مالوند ماڻهو آهن. انهن جي لهجي ۽ لاڙي، لاسڪي ۽ ڪوهستاني ڪانسواءِ شهر ۾ رهڻ ڪري ساموندي لهجي جو اثر موجود آهي، پر مجموعي طور تي انهن جي لهجي کي اسان لاڙي لهجو چئي سگهون ٿا. جوڪين ۽ خاصخيلين جي لهجي ۾ جيڪي گڏاپ ۾ رهن ٿا ڪو خاص فرق نہ آهي.

سونمياڻي بلوچستان کان وٺي بدين تائين مختلف بندر هئا، ديبل، لاهري، شاهہ بندر، گسري بندر ۽ ڪراچيءَ سميت سنڌ ۾ 20 کان مٿي وڏا بندر ۽ ڪيترائي ننڍا بندر هئا ۽ ڪجهہ اجان بہ موجود آهن. موهن جي دڙي ۽ ان کان اڳ سنڌو تهذيب جو واپار انهن بندر تان دنيا جي مختلف بندرن تائين هلندڙ هو. مختلف قوميتن ۽ ٻولين جا ماڻهو سنڌ جي بندرن تي ايندا هئا، مهينن جا مهينا رهندا هئا. سنڌ جا ماڻهو بہ ٻين ملڪن جي بندرن تي وَڪر کڻي ويندا هئا. اهو سلسلو انگريز دور تائين اوج تي رهيو، تنهنڪري مختلف ٻولين جا لفظ هتان جي سنڌي ٻوليءَ جي خاص ڪري لاڙي، ساموندي، ڪوهستاني ۽ لاسڪي

لهجن ۾ شامل ٿيا. بغداد، فارس ۽ ڪيچ جي زميني رستن ڪان بہ قافلا سنڌ، اڳتي هندستان ڏانهن ايندا ويندا هئا. سنڌ جو وٽج واپار سامونڊي ڪناري بندر ۽ زميني رستن سان هلندڙ هو. جنهن جي ڪري بندرن جي ڪناري شهرن ۾ ٻين ملڪن ۽ مختلف ٻولين ڳالهائيندڙن جي اچ وڃ ڪري هتان جي ماڻهن جو ٻين ملڪن جي ماڻهن سان ميلا ميلاپ وڌيو، سماجي تعلقات استوار ٿيا تہ مختلف ٻولين جي لفظن ۾ سفر ڪيو، اهي لفظ سنڌي ٻوليءَ ۾ شامل ٿيندا ويا، خاص ڪري سامونڊي پٽي ۽ لاڙ پٽ ۾ ٻوليءَ جي شاهوڪار هجڻ جو هڪ سبب اهو بہ آهي. تنهن ڪانسواءِ سنڌي ٻولي خاص ڪري لاڙ، سامونڊي ۽ ڪوهستاني لهجن جا ڪيترائي لفظ ٻين ٻولين ۾ ملن ٿا، ان سلسلي ۾ منصور ٿلهو ڪم ڪري رهيو آهي. جنهن جو ايندڙ ڪتاب، "سنڌي، سرائيڪي ۽ اسپيني ٻولين جا هڪجهڙا لفظ ۽ ساڳيون معنائون" آهي. جنهن ۾ سوين لاڙي، سامونڊي ۽ ڪوهستاني لهجن جا لفظ ڏنل آهن جيڪي اسپيني ٻوليءَ ۾ ساڳين معنيٰ سان موجود آهن. چپسين جي باري ۾ بہ محققن جو خيال آهي تہ اهي انڊس سولائيزيشن جا ماڻهو هئا. ٻاهرين ٻوليءَ جا لفظ هيٺين سببن ڪري مقامي ٻوليءَ ۾ شامل ٿيندا آهن. (1) وٽج واپار ڪري، واپاري قافلن ۽ غورابن جي اچ وڃ ڪري: جنهن ڪي ثقافتي، سماجي ۽ معاشيءَ واپاري لاڳاپا بہ چيو ويندو آهي، (2) حڪمرانن جي ٻوليءَ ڪري: سنڌ ۾ ٻڌ حڪمرانن ڪري پالي ٻولي ڪي سرڪاري حيثيت رهي، عربن جي قبضي ڪانپوءِ عربيءَ جو عمل دخل وڌيو. اهي ٻئي ٻوليون حڪمرانن ڪانسواءِ مذهبي ٻوليءَ هئڻ ڪري. سنڌي ٻولي تي انهن ٻولين جو اثر پيو. عربيءَ جو ڦهلاءُ ۾ مذهبي عنصر شامل رهي آهي، عربن ڪانپوءِ ٽالپرن تائين سنڌ جي سرڪاري ٻولي فارسي رهي آهي، جنهن جو وڏو عمل دخل سنڌي ٻولي ۾ رهيو آهي. فارسي يا پهلويءَ جو اثر زرتشتين جي دور ۾ سنڌي ٻوليءَ تي پيو آهي. اهڙي طرح سنسڪرت، پالي، فارسي، عربي، انگريزي، بلوچي ۽ اردوءَ جا اثر سنڌي ٻوليءَ ۾ پسي سگهجن ٿا، جيڪي رياستي، مذهبي، سياسي، ثقافتي، سماجي ۽ معاشي غلبن ڪري سنڌي ٻوليءَ تي اثرانداز ٿيندا رهيا آهن. سنڌي ٻوليءَ جي اها خوبي آهي تہ ان انهن ٻولين جا لفظ پنهنجي اندر ۾ سموهي انهن ڪي

سنڌي ويس پهرايو آهي.

بلوچي ٻوليءَ جو اثر واپار، سماجي ۽ ثقافتي لاڳاپن ۽ لڏپلاڻ ڪري سنڌي ٻوليءَ تي پيو آهي.

گڏاپ ۽ ملير جيڪي لس، ڪوهستان، لاڙ ۽ ڪراچي سان ڳنڍيل هئڻ ڪري، هتي سنڌيءَ جي مٿين لهجن ڪانسواءِ بلوچي براهوي ۽ اردوءَ جو اثر پئجي رهيو آهي ۽ هڪ نئون لهجو متعارف ٿي رهيو آهي. هتي جيڪي بلوچ رهن ٿا. صديون گذرڻ ڪانپوءِ خود انهن جي ٻوليءَ ۾ سنڌي جا لفظ اچي رهيا آهن. خاص ڪري درساٽو چنو، ڊملوٽي، ڪانوڙ ۽ گڏاپ ۾ رهندڙ بلوچ، جن جي آس پاس سنڌي ڳالهائڻ وارن جون آباديون آهن. اوڪي سوڪيءَ ۾ اهي هڪ ڪٽنب وانگر آهن، تنهنڪري هاٽي هتان جي بلوچيءَ جي شڪل مٽجي رهي آهي، ان سلسلي ۾ هيٺ ڪجهه مثال ڏيان ٿو.

1. "ڪارو ڍڳوا بوج بيار": معنيٰ "ڪاري ڍڳي کي ڪولي اچ". جملي ۾ "ڪارو" ۽ "ڍڳو" سنڌيءَ جا لفظ آهن. بلوچيءَ ۾ ڪاري کي "سياهه" ۽ "ڍڳي" کي "ڪائيگر" چون، "ڍڳوا" معنيٰ "ڍڳي کي". بلوچيءَ ۾ اهو جملو ايئن آهي، "سياهه ڪائيگرا بوج بيار".

2. "نم ٿُڙسَرا ماڪيءَ نشتا": معنيٰ، "نم جي ٿڙ تي ماکي ويٺل آهي". جملي ۾ "نم"، "ٿڙ" ۽ "ماکي" سنڌيءَ جا لفظ آهن. نم کي بلوچيءَ ۾ "شريش"، "ٿڙ" کي "ٿال" ۽ "ماکيءَ" کي "بينگ" چون، بلوچيءَ ۾ هي جملو ايئن آهي: "شريشِ ٿال سر ابينگ نِشتا."

3. ننڍو ڪونڊي آپَ چي چڪارين": معنيٰ "ننڍو حوض پاڻي سان ڀريل آهي". جملي ۾ 'ننڍو' ۽ 'ڪونڊي' سنڌيءَ جا لفظ آهن، 'ڪونڊي' ڪوهستان ۽ لاڙ ۾ حوض کي چيو ويندو آهي، بلوچيءَ ۾ اهو جملو ايئن ٿيندو، "ڪسانين آپ جا، آپ چي چڪارين".

4. "ڏلوا بيار": معنيٰ "چليءَ کي ڪٽي اچ"، 'ڏلو' سنڌيءَ جو لفظ آهي، ڪوهستان ۽ لاڙ ۾ 'چلي' کي ڏلو ۽ "لچ" چون. "ڏلوا" معنيٰ "ڏليءَ کي". بلوچيءَ ۾ "ڏلي" کي "لچ" چون. بلوچيءَ ۾ "لَچا بيار"، بلوچي ۾ "ا" "کي" لاءِ استعمال ڪندا آهن.

انهن علائقن ۾ سماجي ميل جول ڪري، بلوچيءَ جي شڪل بہ

تبديل ٿي رهي آهي. جتي اڪثريتي ٻولي رهڻ وارا هوندا آهن. هتي ايئن ٿيندو آهي.

جدگاليءَ ۾ بہ بلوچيءَ جا لفظ گهڻائيءَ ۾ شامل آهن. ڪجھ مثال هيٺ ڏجن ٿا:

1. "غار چي" معنيٰ "گم ٿي": هتي "غار" بلوچيءَ جو لفظ آهي.
2. "رَڇ شينگ شانگ لاٿا آهن": هتي "رڇ" جدگاليءَ جو لفظ آهي، "شينگ شانگ" بلوچيءَ جو لفظ ۽ "لاٿا" جدگالي، لاسڪي ۽ ڪوهستاني ۾ استعمال ٿئي ٿو، معنيٰ: "ٿانءُ ٽڙيل پکڙيل پيا آهن".
3. "ٽيلگام اُڪينس": معنيٰ "اکين ۾ هٽينس"، جملي ۾ "ٽيلگ" بلوچيءَ جو لفظ آهي "ٽيلگام" معنيٰ اکين ۾. "اُڪينس" معنيٰ هٽينس، اُڪينس جدگالي ڪانسواءِ لاسڪي ۽ ڪوهستاني لهجي ۾ بہ استعمال ٿئي ٿو.
4. "يو مانڪ شات نہ چو چئي": معنيٰ هي مون کي پيارو آهي. "شات" بلوچيءَ جو لفظ آهي. 'يو'، 'مانڪ' ۽ 'چو چئي' جدگالي ۽ لاسڪي لهجي ۾ آهن، 'يو' معنيٰ هي "مانڪ" معنيٰ، "مونکي"، نہ چو معنيٰ "نہ ٿو"، "چئي" معنيٰ "ٿئي".
5. "ڳيُر گهر منجھ پتريو": معنيٰ "ٻار گهر اندر گهڙيو"، جملي ۾ پتريو، بلوچيءَ جو لفظ آهي. بلوچيءَ ۾ "پترتا" گهڙڻ کي چيو ويندو آهي. جدگاليءَ ۾ "پترتا" کي 'پتريو' ڪيو ويو آهي، جنهن کي سنڌي ويس پهرايو ويو آهي. پتريو لاسڪي ۽ ڪوهستاني بہ استعمال ڪن ٿا.
6. "يو مانڪ لچيو پيو آهي": معنيٰ "هي مونکي چنبڙيو پيو آهي"، "لچيو" بلوچيءَ ۾ "لچتا" آهي، جيڪو هاڻي سنڌيءَ جي ڪوهستاني، لاسڪي ۽ جدگالي لهجن ۾ "لچيو" ٿي ويو آهي. 'لچيو' معنيٰ "چنبڙيو".

تورم: ٻارن جي لوڏ. تورما منجھ اڙياسين معنيٰ ٻارن جي لوڏ ۾ وڃي ڦاٿاسين.

چم ڪُٽ: بي حيا. چم ڪُٽ تي چلھ مَ پيٺو اين جي حيا ٿي رڌٽي ۾ وينو آهين.

تاس: ڪنجيءَ جو ڪٽورو. مهماڻ اچن تہ تاس مَ پاڻي پيارين، مهمان اچن تہ ڪنجيءَ جي ڪٽوري ۾ پاڻي پيارين.

پُڇ: ڪپڙا. آن پچان ڌوئڻ وڃي سي معنيٰ مان ڪپڙا ڌوئڻ لاءِ وڃان ٿي،

هتي "پچان" جمع لاءِ استعمال ٿيل آهي.

لاسڪي، ڪوهستان ۽ جدگالي ۾ "ٿ" جي جاءِ "ڇ" استعمال ڪيو وڃي ٿو، "ڪيڏي وڃي ڇو. (جدگالي)"، "ڪيڏ وڃي ڇو (ڪوهستاني ۽ لاسڪي". "ڇا آهي"؟ لاءِ چون "ڇو اي"، ايهو لاءِ جدگالي ۾ "يو" استعمال ڪيو وڃي ٿو ۽ لاسي "ايهو" ڪي "يهو" چون. "يہ جو مطلب ڇو اي"؟ معنيٰ هن جو مطلب ڇا آهي؟ ڀلي سرها ڇن. (جدگالي، لاسڪي ۽ ڪوهستاني) معنيٰ ڀلي سرها (خوش) ٿين. "آن وڃي ڇو ڇوينس" معنيٰ آئون وڃي ٿو ڇوانس"، "اڳي م ڇي" (جدگالي، لاسڪي، ڪوهستاني) معنيٰ "اڳيان مٿان ٿي". "وَڪ ڇو ڇيو آهي؟" (ج. لا. ڪ) معنيٰ، "هن ڪي ڇا"؟ آهي؟ وَڪ معنيٰ هن ڪي. "اڳي ڇي"، معنيٰ "اڳيان ٿي". "غار ڇي" معنيٰ "گم ٿي"، "آن جي نہ اچڻ تي ارها چنداسين" = "اوهان جي نہ اچڻ تي ارها ٿينداسين" (ج ـ لا ـ ڪ) جدگالي، لاسڪي ۽ ڪوهستاني لهجي وارا "۽" جي تي "ن" اُچارين "آن اُچي بازار ڏي ٿو وڃين" معنيٰ "آئون هتي بازار ڏانهن وڃان ٿو". "آن" = آئون /آءُ. "آن باغ ۾ ڪم پيو ڪرين" (ج. لا. ڪ) معنيٰ "آءُ ٻنيءَ ۾ ڪم پيو ڪريان". ڳڏاپ، ملير سميت پوري ڪوهستان ۽ لس ۾ ٻنيءَ ڪي "باغ" چون.

ملير، ڳڏاپ، ڪوهستان ۽ لس جا ماڻهو "هہ" جو اکر ڪونہ اچارين، جيئن، گهر ڪي گر، ٻاهر ڪي ٻار، ٻاءُ ڪي ٻا، منهنجو ڪي مانجو، گهرائي = گُرا "يڪ ايڏ گُرا" معنيٰ هن ڪي ايڏانهن گُهرا" (ج. لا. ڪ)

گران معنيٰ وٽان، "تو گَران جڻ گُرائي ڏي"، معنيٰ "تو وٽان لسي گهرائي ڏي". (ج. لا. ڪ). "تو گَر پوڙ آهي". = "اوهان وٽ پاڇي آهي" (ج. لا. ڪ). "تو گر" = "اوهان وٽ". "هن" جي لاءِ استعمال ڪن "وَجو" "وَ" تي زبر، "وجو ڪاڪو هيڏ پيو اچي" معنيٰ "هن جو چاچو هيڏانهن پيو اچي"، (ج. لا. ڪ). "هيڏ پيو اچي" معنيٰ "هيڏانهن پيو اچي". "ڪيڏ پيو وڃي" معنيٰ ڪيڏانهن پيو وڃي". مَر معنيٰ ڀلي. "مَر وڃي ڇوينس"، "ڀلي وڃي ڇوينس"، (ج ـ لا ـ ڪ). "تران" لس، ڪوهستان، لاڙ ۽ جدگالي ڳالهائڻ وارا "هيٺان" لاءِ استعمال ڪن. "آن وڻ تران ٻيٺو آين" (ج ـ لا ـ ڪ) معنيٰ "آئون وڻ هيٺان ويٺو آهيان".

"ويهڻ" لاءِ "ٻي" استعمال ڪن. "هيٺ پَٽت ٻي"، (ج ـ لا ـ ڪ) معنيٰ "هيٺ پٽ تي ويهه". لاسڪي، ڪوهستاني ۽ جدگالي لهجن ۾ گهڻن جاين خاص ڪري علائقن جي نالن ۽ جدگاليءَ ۾ عورتن جي نالن ۾ آخر ۾ 'ن' جي جاءِ تي "ڻ" استعمال ڪن ٿا. "مڪران" کي "مڪراڻ" "موئيدان" کي "موئيداڻ"، هنيدان کي "هنيداڻ" چون، (ج ـ ل ـ ڪ) ڪنهن عورت جو نالو جيڪڏهن شمس خاتون آهي تہ واڍيلا ۽ جدگال هن کي شمسا توڻ چون، مهر خاتون کي مهرا توڻ، حير خاتون کي حيرا توڻ، گل خاتون کي گلا توڻ، ملڪ خاتون کي ملڪا توڻ چون. اهي نالا بلوچيءَ ۾ "ن" سان ڳالهايا وڃن ٿا. جيئن شمسا تون، مهرا تون، حيرا تون، گلا تون ۽ ملڪا تون. بلوچ ڪيچي لهجي وارا معنيٰ ڪيچ مڪران وارا ڪراچيءَ کان بندر عباس تائين "خ" جي جاءِ "ح" اچارين ٿا. هو خير بيبي کي حير بيبي، خدا کي حدا، خدا بخش کي حدا بخش، خير محمد کي حير محمد چون ٿا. مٿيان عورتن جا نالا جن جي آخر ۾ "خ" آهي "خاتون" ان کي "حاتون" چون ۽ رواني ۾ "ح" کي "الف" ۾ تبديل ڪن ٿا. جدگالي لهجي ۾ انهن نالن کي بلوچيءَ وانگر اچارين پر "ن" جي جاءِ "ڻ" جو استعمال ڪندا آهن. ڪراچي ۽ ان جي آس پاس، ڪوهستان ۽ لس ۾ "ج" کي گهٽو ڪري خاص ڪري ڪنهن ذات، علائقي يا نالي سان ڳنڍيل هجي تہ "چ" اُچارين. جيئن "بنديجو" کي "بنديچو"، "باريجو" کي "باريچو" چون ٿا. ڪراچي ڪوهستان ۾ ڪجهه ديهن جا نالا هن ريت آهن جن جي آخر ۾ "ج" آهي تہ هن کي "چ" ۾ اچارين ٿا "لنگهيجي" کي "لنگهيچي"، "ڏاٻيجي" کي "ڏاٻيچي"، "ٻلهيجي" کي "ٻلهيچي"، "جوريجي" کي جوريچي اچارين ٿا. مائي ڪلاچي معنيٰ "ڪلا واري" بگڙ جي "ڪلاچي" ٿيو آهي. ڪلا عورت جو نالو آهي، جنهن جو ڪن هو "ڪلا جي ڪن"، "ڪلاچي ڪن" ٿيو. هتي جتي ڪن هو ڪلا ڪوٽ، علائقو ۽ ڪلا وارو مندر موجود آهن. (ڪلاچيءَ جي نالي بابت وڌيڪ تفصيل لاءِ ڏسو، منهنجو ڪتاب "ڪراچي: سنڌ جي مارئي" سيڪنڊ ايڊيشن. 2014ع).

لاسڪي، ڪوهستاني، لاڙي ۽ جدگالي لهجن ۾ "ڳَر"، "وٽ" لاءِ

استعمال ڪن ٿا. "تو ڳر پئسا ان" معنيٰ "تو وٽ پئسا آهن" "لهڻ" لاءِ "چٽڻ" جو لفظ استعمال ڪن ٿا. "وڻ تان چٽي پو" معنيٰ "وڻ تان لهي پؤ". "گُهرڻ" لاءِ "گهتڻ" جو لفظ استعمال ڪندا آهن. "گهتينس" معنيٰ "گُهرينس" "تئي پي وچي پيو، وچي پئسا گهتينس" (ج ـ لا ـ ڪ) معنيٰ تنهنجو پيءُ وچي پيو، وچي پئسا گهرينس".

"ڪائڻ" لاءِ لفظ "ڪاڻ" استعمال ڪن. "حفيظ ماني ڪاڻ منجي" معنيٰ "حفيظ ماني ڪائي رهيو آهي". جدگال زمان حال ۾ جيڪڏهن ڪو ماڻهو ڪنهن ڪرت ۾ آهي تہ هن لاءِ "منج" جو لفظ استعمال ڪن. جيئن "انور اُونگهرڻ منجي" (انور وهنجي رهيو آهي)، "احمد اچڻ منجي" (احمد اچي رهيو آهي)، "طارق ماني ڪاڻ منجي" (طارق ماني ڪائي رهيو آهي). 'سو' معنيٰ 'چو'، 'تينڪ' = 'تنهن کي' ۽ 'توڪ' معنيٰ 'توکي' (ج. لا. ڪ). لاسڪي، ڪوهستاني، لاڙي ۽ جدگالي ۾ 'ناريل' کي "ناير"، "تلاءُ" کي "ترا"، ويهو کي "وئو" چون. انهن لهجن ڳالهائڻ وارا ضمير ۾ بہ وڏو ڦيرو ڪن ٿا.

سنڌين جي ٻين لهجن وانگر مٿين لهجن ۾ "ن" بنا نقطي جي استعمال ڪن، جنهن کي اردوءَ ۾ "ن" غُنيٰ چيو ويندو آهي. لاسڪي، ڪوهستاني، جدگالي ۽ لاڙي لهجي ۾ اهو گهڻو استعمال ٿئي ٿو. اهو اکر سنڌي الفابيٽ ۾ موجود نہ آهي، جنهن کي شامل ڪرڻ گهرجي. هيٺين لفظن ۾ جيڪي لاسڪي، ڪوهستاني ۽ جدگالي ۾ استعمال ٿين ٿا "ن" ساڪن آهي پر لکڻ ۾ "ن" کي نقطو ڏنو وڃي ٿو، جنهن سان لفظ جو اُچار تبديل ٿيو وڃي. مثال طور: "زينئن" (ج) (عورت جي چوليءَ جو ڪيسو) ڙان معنيٰ شادي، "ڙانت وچي سو" معنيٰ "شادي تي وڃا پيو" "تو گران" معنيٰ "تو وٽان" "تران" معنيٰ هيٺان"، "آن" معنيٰ "مان" وغيره. اهو اکر جدگالي، لاسڪي ۽ ڪوهستاني "" جو لفظ گهڻو استعمال ٿئي ٿو پر اهو لفظ ۾ سنڌي الفابيٽ ۾ موجود نہ آهي، جنهن کي بہ الفابيٽ ۾ شامل ڪرڻ گهرجي. جدگالي، لاسڪي ۽ ڪرهستاني ۾ "بوڙ" معنيٰ "ڪليل وارن واري"، بوڙ معنيٰ "وار" اهو لفظ بلوچيءَ ۾ آيل آهي. جدگالي "ان" معنيٰ "شادي" وغيره.

انهيءَ پوري بحث جو مطلب اهو آهي تہ سنڌيءَ جا اهي لهجا

جن ۾ خاص ڪري لاسڪي، ڪوهستاني ۽ جدگالي. انهن ۾ گهڻي حد تائين هڪجهڙائي آهي، انهن لهجن تي ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي. منصور ٿلهي جي ڪتاب جي مهاڳ يا چند پنن تي انهن لهجن سان انصاف نٿو ڪري سگهجي، مهاڳ ۾ هن پوري بحث جو مطلب اهو آهي گڏاپ ۽ پسگردائي رهندڙ سنڌي ٻولي ڳالهائڻ وارن جو تعلق لاڙ سان گڏ لاسڪي، ڪوهستاني ۽ جدگاليءَ سان بہ آهي.

منصور ٿلهي جو هي ڪتاب "گڏاپ جا گل" انهيءَ بحث جي شروعات آهي، سنڌي ٻوليءَ جي لهجن، لفظن ۽ قبيلن جي حوالي سان هي ڪتاب تحقيق جا نوان گس ناهيندو. مون کي يقين آهي تہ منصور جي انهيءَ ڪم سان هتان جي پڙهيل نوجوانن ۾ شوق پيدا ٿيندو ۽ هو نئين جذبي سان پنهنجي تَر جي لهجن ۽ لفظن تي ڪم ڪندا. جڏهن ڪو بہ ٻوليءَ جو ماهر، محقق انهن لهجن تي قلم کڻندو تہ منصور ٿلهي جو هي ڪتاب بنياد جو ڪم ڏيندو. منصور جو هي قلمي پورهيو، پڙهندڙن جو ڏيان پارڻ ڏانهن ضرور ڇڪائيندو. محنت، تحقيق ۽ ڪتاب لکڻ تي منصور کي دل جي گهراين سان واڌايون.

نوٽ: ج=جدگالي. ڪ: ڪوهستاني. لا=لاسڪي لاڙ=لاڙي.

تاريخ: 21 ڊسمبر 2017ع

**گل حسن ڪلمتي**
**حاجي عرضي بلوچ ڳوٺ گڏاپ ضلعو ملير**
**ڪراچي، سنڌ**
Cell: 0322-2445370

# ڳڏاپ جي ڳلن جو مالهي ـ منصور ٽلهو

هڪ ڏينهن منهنجن پيارن شاگردن، دوستن احمد نواز، وقار ۽ ساجد ٻُڌايو تہ ، منصور ٽلهو ڳڏاپ جي تر ۾ ڳالهائجندڙ لهجي جي لفظن تي تحقيق جي سلسلي ۾ ملڻ ٿو چاهي، مون خوشيءَ سان هائو ڪر ڪئي ۽ کين هر طرح پنهنجي سهڪار جو يقين ڏياريو.

جڏهن منصور صاحب سان مليس، تہ ناهہ نوهہ کان ڪوهين ڏور سندس فطري شخصيت ڏسي مون کي پنهنجائپ جو احساس ٿيو. ساٽس مارڪو (ڪچهري) ڪندي هو مونکي پاڻ ارپيندڙ اورچ شخص لڳو. سندس چوڻ هو تہ ڳڏاپ ڪوهستاني پٽيءَ جو وڏي ايراضي ۾ پکيڙ تي ٻڌل هڪ اهم علائقو آهي ۽ سنڌيءَ ٻوليءَ جي اصلوڪن لفظن جي معاملي ۾ پاڻ پيرو ۽ انتهائي شاهوڪار آهي. ان ڪري هو هن تر جي لفظن تي تحقيق ڪري انهن کي ڪنهن لغت جي صورت ۾ محفوظ ڪرڻ جو ارادو رکي ٿو. مون کي سندس اها ڳالهہ ٻڌي ان ڪري بہ خوشي محسوس ٿي ، جو اهڙا بہ گهڻا پڙهيا ڳڙهيا ماڻهو منهنجي تجربي ۽ مشاهدي مان گذريا آهن، جيڪي هن تر جي ٻولي/ لهجي کي ڄٽڪو ڪري ليکين ٿا.

"توهان" بدران "تون" کي بد تهذيبي ۽ "مان" بدران "آئون" چوڻ کي جاهل هجڻ جي نشاني سمجهن ٿا....... آهي تہ نہ وسهڻ جهڙي عجيب ڳالهہ، پر سچ آهي!

ڪوهستاني پٽيءَ جو علائقو ڳڏاپ نہ رُڳو ويندي ۽ ڪيچ جو پنڌ ڪڇيندي سسئي جي واٽ بڻيو، بلڪ سسئي ۽ پنهون جي آخري آرمگاهہ بہ ان سان لڳ ئي آهي. شاهہ جا نيارا ڪردار موکي متارا بہ هن تر سان لاڳاپيل ۽ هتي ئي مدفون آهن. مري مگڙ جي رومانوي داستان جو جنم هنڌ بہ هيءَ سنگلاخ ڌرتي ئي بڻي. آڳاٽي تهذيب جا اڻ ڳڻيا آثار هن تر ۾ وک وک تي پکڙيا پيا آهن.

پانورو جبل جنهن جو ذڪر شاهہ لطيف پنهنجي شاعريءَ ۾ بہ ڪيو آهي. "پب وجهنديس پُٺ تي، پڇندي پانوارو" ان ئي پانوارو



ڪراچي يونيورسٽي جي سنڌي شعبي پاران ٻولين جي مادري عالمي ڏينهن تي ڪرايل سيمينار ۾ منصور ٿلهو سرائيڪي ٻولي جي نمائندگي ڪئي، سيمينار ۾ 10 ٻولين جي نمائندن شرڪت ڪئي، پروگرام جي ڪاروائي ڊاڪٽر شير مهراڻي هلائي



ڪراچي يونيورسٽي ۾ چيئرمين سنڌي ڊپارٽمينٽ ڊاڪٽر رخمان گل پالاري ۽ اسسٽنٽ پروفيسر سنڌي ڊپارٽمينٽ ڊاڪٽر شير مهراڻوي جو شاگردن سان گڏ



لیکک منصور ٹلھو صاحب، ماما زین، احمد نواز بلوچ، عبدالحکیم جوکیو،
میر جنید، صالح محمد، واجد، اسماعیل، عظیم ۽ منیر جوکیو



لیکک منصور ٹلھو صاحب، عبدالحکیم جوکیو، منیر جوکیو، محمد عظیم
میر جنید، صالح محمد، احمد نواز، واجد، اسماعیل ۽ نور عالم جوکیو



محترم احمد نواز بلوچ، محترم سعيد احمد، ليکڪ منصور ٿلهو ۽
محترم سائين گل حسن ڪلمتي



محترم احمد نواز، محترم گل حسن ڪلمتي، محترم ڊاڪٽر رخمان پالاري
(چيئرمين سنڌي ڊپارٽمينٽ ڪراچي يونيورسٽي) ۽ ليکڪ منصور ٿلهو



ليکڪ منصور ٿلهو ۽ در محمد "درو" شاهه لطيف جو فقير



گڏاپ جي علائقي ۾ نارا ٿر جبل تي "متارن" جو قبرون آهن

جبل تي شاهہ لطيف جو تڪيو بہ هو. ان کان سواءِ هي سڄو تر آڳاٽي تهذيب جي تاريخي آثارن سان ڀريو پيو آهي. پٿر جي دور جي اوزارن جا ماڳ، رومين جون قبرون (روميون) قديم زرعي نظام جون نشانيون، اڻ چٽڻ جون ننگهون (Cup marks )ناياب جنگهلي جيوت وغيره. پر اسانجو اياڳ، جو بحريہ تائون جو بدمست هاٿي سڀ ڪجهہ پيليندو ۽ ميساريندو اڳتي ڌوڪيندو ٿو وڃي.

ڪوهستان جي ايراضي بابت پروفيسر ڊاڪٽر رُخمان گل پالاري لکي ٿو:

"ضلعي ٺٽي جو جنگشاهي وارو سڄو اتر وارو پاسو ويندي هيٺ گگهر تائين ، ڪراچيءَ جو سڄو ملير، ضلعي ڄامشوري جا ذري گهٽ ٽي حصا، ضلعي دادو جو اترين اولهائون پاسو، بلوچستان جو دُريجي، خضدار، ضلعو لسبيلو سڄو، جائو جبل جو سڄو اولهائون اترئين ڪنڊ وارو پاسو بار، ڪان تائين، وري ڏاڪٽين پاسي اور ماڙا، پسني، جيونيءَ کي الهندي پار ڪندي ايراني دشت بہ اورانگهيو وڃي. ان سڄي ڪوهستاني پٽيءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ جا پورا پنج لهجا ڳالهايا وڃن ٿا. جن ۾ لاڙي، ڪوهستاني، لاسي، ڪيتراني ۽ جدگالي شامل آهن. اُهي لَهجا ڇڻ تہ هڪٻئي سان سلهاڙيا پيا آهن، جو منجهن ڪيترائي هڪجهڙا لفظ معمولي ڦيرقار سان ڳالهايا وڃن ٿا."

گڏاپ ان ئي ڪوهستان جي ضلعي ملير جو وڏي ايراضيءَ تي پکڙيل ڀرارڙيءَ وارو علائقو آهي. منهنجي خيال موجب گڏاپ لفظ جي معنيٰ آهي. ميلاپ يا اتحاد جنهن کي انگريزي ۾ Junction ڪٺي چئجي. هن علائقي جي جاگرافي بيهڪ اهڙي آهي. جو هتان ذڪر ڪيل ڪوهستان جي علائقي جي هر پاسي لاءِ گس، واٽون، دڳ ۽ رستا نڪرن ٿا. هتي ڄڻ تہ انهن جو گڏاپ Junctionٿئي ٿو. هتي ڪيترين ئي ذاتين ۽ قبيلن جو گڏاپ آهي، ۽ هتي ذڪر ڪيل سنڌي ٻوليءَ جا لڳ ڀڳ سڀ لهجا هتي ڳالهايا وڃن ٿا. جن جي گڏاپ سان ڄڻ تہ هڪ نئون لهجو اُسري رهيو آهي. هتي ڳالهائجندڙ جدگالي لهجي جي اهم ڳالهہ اها آهي، جو اهو ايران تائين ڳالهايو وڃي ٿو. ان کان علاوه ڪيترن ئي عرب رياستن ۾ اڄ بہ جدگالي لهجي واري سنڌي

ڳالهائيندڙ موجود آهن. بلوچستان گزيٽيئر موجب جدگال، جهلاوان/ جهالاوان وادي جا قديم باشندا آهن. جهالاوان بلوچستان جي قلات، جدرک پاڳوانا، زهري، فيروزآباد، ماتري، وڍ، نال، ساروٽا، جائو ۽ شڪئي ندي وارن علائقن تي مشتمل هڪ اهم ۽ وڏي ايراضي تي پکڙيل وادي آهي.

گڏاپ ۾ ڳالهائيجندڙ لهجن ۾ "وسرگ صوتين" جي بدران "اوسرگ صوتين" کي ڪتب آندو ويجي ٿو. مثال طور

| | | | |
|---|---|---|---|
| گهوڙو | گوڙو | ڏگهو | ڏگو |
| ڏِڳو | ڏِڳو | ڙِڏَ | رڍ |
| ڏيءُ | ديءُ | ٻاءُ | ٻا |
| ڏيپ | ڏب | جهجهو | ججو |
| ڳالهه | ڳال | ماٺهو | ماڙو، ماٽو |
| پانهو | پانو | سامهون | سامون |

وغيره

شاهه لطيف جي شاعري کي ڏسجي ته سسئي جي سُرن جون سڀ تصويرون شاهه لطيف هن ٽر جي ٻاٻيس پيري ٻوليءَ جي سهڻن رنگن سان چٽيون آهن. الائي ته ڪيترائي سُهڻا سخنور سگهڙ شاعر هن جابلو پٽيءَ ۾ صحرا جي گُلن جيئن ٽڙي، پنهنجو واس وکيري ڪومائجي ويا، پر ادبي ڪيتر جا محقق انهن جي وجود کان ئي ته اڻواقف رهيا. هڪڙو ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ئي هو، جنهن هتي جا جبل جهاڳي ڪشالا ڪڍي ڪنهن قدر هتي جو لوڪ ورثو سهيڙيو. پر منظم انداز ۾ هتي جي ٻولي / لهجي جي حوالي سان ڪڏهن به ڪو تحقيقي ڪم نه ٿي سگهيو.

سو سائين منصور ٿلهي جڏهن اهڙو ارادو ڏيکاريو، ته منهنجي لاءِ اهو خوشگوار حيرت جو سبب بڻيو. جيوٽيڪ هن ٽر جي ٻوليءَ جي لفظي خزاني کي محفوظ ڪرڻ ۽ منظر عام تي آڻڻ لاءِ منصور صاحب جي هيءَ ڪوشش هڪ شروعاتي وک ئي آهي. پر اتساهه ڏياريندڙ ڳالهه اها آهي ته ڏگهيون منزلون طئي ڪرڻ لاءِ بنياد بهرحال پهرين وک ئي بنجندي آهي. اڄ هر سڌريل قوم پنهنجي ٻوليءَ جي قديم ورثي کي چنڊي ڦوڪي سارڻ سنڀالڻ لاءِ پنهنجون ڪوششون ڪري رهي آهي ۽

ان لاءِ سندس ادارا منظم انداز ۾ پنهنجو ڪم ڪري رهيا آهن. پر اسان وٽ ان جي ابتڙ يا تہ ادارا آهن ڪونہ، ۽ جي آهن تہ رڳو نالي ماتر.... ان ڏڪار واري حالت ۾ ڪي ڪاهوڙي انفرادي طور تي پنهنجي هڙان وڙان خرچ ڪري، جيڪڏهن اهڙو ڪم ڪن ٿا، تہ انهن جي همٿ ڪي نہ ساراهڻ نا انصافي چئبي. چو تہ ٻوليءَ جي باري ۾ تحقيق نہ رڳو ٻوليءَ جي وسعت کي واضح ڪري ٿي، بلڪ ان سان گڏ تاريخ، تمدن، تهذيب ۽ ثقافت تي ٻوليءَ جي اثرن جو اپياس بہ ڪري ٿي، جنهن سان قديم تهذيبي ورثي کي پرکڻ جي راهہ هموار ٿئي ٿي.

دنيا لسانيات جي اهميت کي سمجهندي ان جي ترقيءَ لاءِ سائنسي بنيادن تي کوجنائن ۾ رُڌل آهي پر اسان وٽ اڃا گ سان ان کي ايتري اهميت حاصل نہ ٿي سگهي آهي. اهوئي سبب آهي جو اسان وٽ تخليقي ادب جي ميدان ۾ تہ موچارو ڪم ٿئي پيو ۽ ڪتاب بہ ڇپجن پيا پر ٻوليءَ تي تحقيق جي سلسلي ۾ پينگ پئي واڪا ڪري. جيڪڏهن ٿوريون گهڻيون ڪوششون ٿيون بہ آهن، تہ محدود رُخ ۽ مخصوص انداز ۾............ ڪوهستاني پٽي، خاص طور تي گڏاپ واري تر جي لفظي خزاني تي ڪڏهن بہ تحقيق جي ڪا ڪوشش سامهون نہ آئي آهي. ان ڏس ۾ "گڏاپ جا گل" شايد پهرين ڪوشش آهي، جنهن جو سِهرو سائين منصور صاحب جي سر تي آهي. اُميد تہ اڳتي هلي هيءَ وک، هڪ وسيع تحقيقي عمل جي منزل تي پُهچڻ جو سبب بڻبي، جنهن جو فائدو اوس سنڌي ٻوليءَ کي ٿي ٿيڻو آهي. چو تہ ان سان ٻوليءَ جي مرڪزي ڌارا ۾ اهڙا لفظ شامل ٿيندا، جيڪي اڄ تائين ڪن لاتار جو شڪار رهيا آهن ۽ جن تي بي خبري ۽ بي حسيءَ جي لٽ چڙهي وئي آهي.

امر گُل
لیڪچرار ايجوڪيشن ۽ سنڌي لٽريچر
ڪونڪر ڪاليج گڏاپ ملير

# ٻه ٻول چار ڳالهيون

ساهَڙُ سا سوهڻي، سائر پُڻ سوئي،
آهي نجوئي، ڳجهه، ڳجهاندر ڳالهڙي،
گل گل پسي، گودڙيا! گهٽام پانئيج.
سُر سهڻي (شاهه)

ڪراچي يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي ۾ پروفيسر ڊاڪٽر شير مهراڻيءَ سان ملڻ ويس، يونيورسٽي روڊ تي ڪراچي يونيورسٽيءَ جي مکيه دروازي وٽ گاڏي بيهي رهي، آءٌ هيٺ لهي وڏي دروازي جي پاسي ۾ ننڍڙو لنگهه هُجي، اُن ننڍڙي دروازي منجهان شاگرد ۽ شاگرديائڻيون، يونيورسٽي جا ملازم ڪي اندر ٿي ويا ته ڪي وري اُن، دروازي مان ٻاهر ٿي آيا. دروازي ٻاهران پڪيءَ عمر جون عورتون ۽ ننڍڙا ٻار خيرات گهرڻ جي لاءِ ايندڙ ويندڙ ماڻهن جي اڳيان پٺيان ۽ پاسن کان آواز ڏيندا هلندا رهيا. ڪو ٻارن کي خيرات ڏئي پيو ته ڪو مُنهن سُجائي هليو ٿي ويو.

مان ننڍڙي دروازي تي اچي ڏاڪا هيٺ لهي ٻه وکون کنيون ته اڳيان سِرن جو خوبصورت "پيرو چارو" هُجي. هي پيرو چارو سيمنٽ جي آچين سرن جو نهيل، اُن جي ٻنهي پاسن کان ڳاڙهين سرن جو پٽو نهيل هجي. اُن ٻنهي پاسن ۾ ڳاڙهين سرن جي مٿان لوهه جا ڏنڊا لڳل، جن کي سائو رنگ ڏنل هجي. انهن جي ڏنڊن جو مٿيون حصو ڪمان وانگر وريل هيو. اُنهن ڏنڊن جي مٿان سائي رنگ جي سنهڙي لوهي چاري چڙهيل هُجي. پيرو چارو جي ٻنهي پاسن کان لوهه جي ڏنڊن پٺيان وڻ هُجن. اُنهن وڻن جون ٽاريون، سائي چاريءَ مٿان ڪنڌ لاڙيون بيٺيون هجن، جيئن ٻار پنهنجي ماءُ جي جهوليءَ ۾ ڪنڌ لاڙي آرامي ٿيندو آهي. سج جي روشني تي ٽارين جا اولڙا فرش تي ڪنهن چترڪار جي ناهيل نيچر (NATURE) ڊزائين جيان لڳي رهيا هئا. جنهن ڪري پيرو چارو واري وات ڏاڍي سهڻي لڳي رهي هئي. ٻنهي پاسن کان لوهه

وارا ڏنڊا تي سئو ويهہ هئا. هڪ پاسي کان هڪ سؤ سٺ (160) ساوا ڏنڊا هجن، ٻئي پاسي کان هڪ سئو سٺ (160) ڏنڊا لڳل هئا.

هيءَ ”پيرو چارو“ چانوري وارو هيو. ماڻهن جي گهڻي اچ وڃ لڳي پئي هئي. ڪنهن ڪنهن وقت هوا هڪ پاسي کان آچي، هلندڙ ماڻهن جي ڪپڙن سان شرارتي ٻار وانگر کيچل ڪري هلي پئي وئي. ڪن شاگردن ۽ شاگرديائڻين جا هٿ قميص ۽ چولن جي اڳين پٺئين پاسي ڏانهن وڌي پيا وڃن، اُهي پنهنجين قميصن ۽ چولن کي هيٺ ڪري پيا چڏين. هوا هر ڪنهن سان کيچل ڪندي آهي پر اُن کي ڪو ڏسي ناهي سگهندو، هوا جي ڪپڙن سان راند بہ عجيب لڳي رَهي هئي.

وڻڪار واري وات ختم ٿي، چارين لڳل رستي کان ٻاهر نڪري ساڄي پاسي واري جاءِ ڏانهن هلڻ لڳس. هڪ نوجوان کان سنڌي شعبي جي پڇا ڪئي ۽ کيس چيو:

”ادا، سائين پروفيسر ڊاڪٽر شير مهراڻيءَ صاحب سان ملڻو آهي؟ نوجوان مشڪي ورائيو:

”آچو...“

ڪجهہ وکن کانپوءِ هڪ کليل در ڏانهن اشارو ڪري چيائين:

”اِها سائين ڊاڪٽر شير مهراڻي جي آفيس آهي، سائين سامهون ويٺو آتوَ، شايد ڪلاس وٺي رهيو آهي“.

اُن نوجوان جو شڪريو ادا ڪيو ۽ هو موڪلائي هليو.

مان جيئن اندر داخل ٿيس تہ شاگردن سان ڪمرو ڀريل هُجي. اُنهن کي ڏسي پوئتي موٽڻ جي ڪئي، ايتري ۾ سائين مهراڻي آواز ڏنو، ”ادا، آچو — سَڀ پنهنجا آهيون. اُهي لفظ ٻڌي سائين مهراڻي ڏانهن وڌي وڃي کيس هَٿ ملايو. ڪمري ۾ خالي ڪرسي ڏسي اُتي وڃي ويٺس. پوءِ سائين مهراڻي ڪمري ۾ ويٺل شاگردن جو تعارف ڪرايو. هي شاگرد ايم فل جا آهن. زبير احمد خاصخيلي، مُنير احمد جوکيو، عبدالڪريم شَر، ڪاشف علي مگريو، حامد علي مَري، آغا ولي محمد پٺاڻ، سيد محمود شاهہ، زبيده هنگورو، نصير جوکيو، ڪجهہ وقت کانپوءِ اُهي شاگرد هليا ويا ۽ سائين ڊاڪٽر رخمان گل پالاري صاحب اندر آيو، اُن سان هَٿُ ملايو. سائين پالاري صاحب، ويٺي ويٺي سائين

شير مهراڻيءَ سان حال احوال ڪري واپس هليو ويو. ايتري ۾ ڪجھ شاگرد دياڻيون ۽ شاگرد آيا تہ انهن پنهنجو تعارف ڪرايو.

"احمد نواز واڍيلو بلوچ، (ايم اي فائينل) زين العابدين (ايم اي فائنل)، مير جُنيد جوکيو (ايم اي فائنل)، اسماعيل جوکيو (ايم اي فائنل)، ساجد ولد عبدالغني سوماراڻي جوکيو (ايم اي فائنل)، وقار احمد واڍيلو بلوچ (ايم اي فائينل)، بيبي فاطمہ ابڙو (ايم اي فائنل).

سائين شير مهراڻي صاحب چانھ گهرائي ڇڏي هُئي، هڪ قد جو هلڪو ماٺهو چانھ جا پہ ڪوپ کڻي آيو. اُن جو تعارف ڪرائيندي چيو. هي غلام اصغر اُچڻ خيرپور ميرس جو آهي، پوءِ اُن نوجوان هٿ ملايو ۽ چانھ جو ڪوپ ڏنو.

ٻئي ڏينهن تي سنڌي شعبي جي لائبريري (سيمينار هال) پروفيسر ڊاڪٽر ناهيد جي آفيس سان لڳ هُجي. لائبروري ۾ داخل ٿيس. لائبريري انچارج سائين حيدر علي ٻَنڊَ سان ملاقات ٿي. هال ۾ شاگرد ۽ شاگرد دياڻوين ويٺل هُجن، زبير خاصخيلي اُنهن جو تعارف ڪرايو.

"اياز جوکيو (فرسٽ ايئر) واجد جوکيو (ٿرڊ ايئر)، عامر ڪلمتي (ٿرڊ ايئر) سعيد چانڊيو (فرسٽ ايئر)، ذوالفقار علي جوکيو (سيڪنڊ ايئر) سَجاد حسين شر (فرسٽ ايئر) طارق مختيار شر (فرسٽ ايئر)، فيصل خان (فرسٽ ايئر)، آسد علي مگريو (ٿرڊ ايئر)، اعزاز احمد لاشاري (سيڪنڊ ائير) فرزانہ شاهاڻي (سيڪنڊ ايئر، رحيما زينب شر (سيڪنڊ ايئر) صدف ميمڻ (ايم فل)، فردوس سولنگي (ٿرڊ ايئر)، ثنا امداد ڏيپر (ٿرڊ ايئر) پارس صديقي (ٿرڊ ايئر) آسيہ (ٿرڊ ائير)، ناياب ڪلوڙ (ٿرڊ ايئر)، مُعين اختر وگهيو (فرسٽ ايئر)سيف الله انصاري (فرسٽ ايئر)، محمد فاروق راهمو (فرسٽ ايئر)، بيبي فاطمہ ابڙو (فائنل ايئر)، فرزانہ شاهاڻي (سال پيو)، زينب شر (سال پيو)، ثريہ شر (سال پيو)، رحيم بخش (سال پيو)، پوءِ سيني شاگردن سان ڏيٺ ويٺ ٿي وئي، اڪثر شاگرد گڏاپ جي علائقي جا هُئا. هنن سان ڳالھ ٻولھ ۾ ڪيترا اهڙا لفظ هُجن، جيڪي ٻُپ سمجھ ۾ نہ ٿي آيا، پر مزي جي ڳالھ اِها هُئي تہ جڏهن گڏاپ جا شاگرد پاڻ ۾ بہ ڳالهائيندا هئا تہ اُهي بہ هڪٻئي جا لفظ سمجهي ڪونہ سگهندا هئا، اهو ڏسي مان خاموش ٿي

ويندو هئس. پوءِ ڪجهه وقت اهو سوچيندو رهيس، هي سڀئي هڪ ئي ڳوٺ ۽ شهر جا آهن ۽ پاڻ ۾ دوست آهن. ننڍپڻ کان گڏ رهيا آهن. پوءِ به هڪٻئي جا لفظ نه ٿا سمجهن، اُنهن کان پُڇيو، تہ اِهو ڪهڙو سبب آهي، جو توهين هڪٻئي جا لفظ سمجهو نہ ٿا؟

احمد نواز واڍيلي چيو، ” اسين واڍيلا بلوچ آهيون ۽ هي جوکيا آهن. ڪي لفظ اسين ڪونہ سمجهون تہ ڪي لفظ جوکيا اسان جا ڪونہ سمجهي سگهندا آهن“ . ائين خاصخيلي دوست به اسان واڍيلن جا لفظ سمجهي ڪونہ سگهندا آهن. ڇو تہ واڍيلا بلوچ ڳالهہ ٻولهہ ۾ جدگالي لهجي جا لفظ استعمال ڪندا آهن.

سنڌ جو ڪوهستاني علائقو هڪ وسيع ايراضي ۽ جبلن وارو علائقو آهي. هن علائقي جون حدون ڪراچيءَ کان وٺي قمبر شهدادڪوٽ ضلعي تائين پکڙيل آهن. سنڌ جو هي ڪوهستاني علائقو، سنڌ جي ٻين علائقن لاڙ، ٿر، وچولو ۽ اُتر وارن علائقن کان ڊيگهہ ۽ ايراضيءَ ۾ گهٽو آهي. ڪوهستاني علائقو معدنيات جي حوالي سان مالا مال آهي. هي علائقو ٻين علائقن جي ڀيٽ ۾ گهٽ آبادي وارو ۽ پنتي پيل علائقو آهي.

ڪوهستاني علائقي جو ڳڏاپ وارو حصو ملير ضلعي ۾ اچي ٿو، هن جون حدون ”لاڙ“ سان ملندڙ آهن. تنهن ڪري لاڙي لَهجي جو اثر ڳڏاپ (ملير ضلعو) تي چٽو پٽو نظر اچي ٿو. ڳڏاپ جا ماڻهو پنهنجي ڪم سان ڪم رکندڙ، ڪنهنجي ٻن ٽن ۾ پرانگهہ نہ وَجهن، نہ وري ڪِنهن ٻي جي اُبتي سُبتي ڳالهہ سُڻن ٿا. ڳڏاپ ۾ مختلف ذاتين جا رهندڙ ماڻهو، اوڪي سوڪيءَ مَهل، ڪَم ڪارين ۾ هڪٻئي سان ڀِتَ دوستن وانگر بيٺا هوندا آهن ۽ سڀئي هڪجهڙا ڏسڻ ۾ ايندا آهن. پر ڳالهہ جي انداز مان اُنهن جي ذات ۽ پاڙي جو پتو پئجي ويندو آهي.

ڳڏاپ جي علائقي ۾ رهندڙ ذاتيون..

برفت، واڍيلا بلوچ، جدگال، جوکيا، گبول بلوچ، شهڻا، ڪانڙا، گوندر، بروهي، ڇُتا، رند، خاصخيلي، ملاح، لاسي، کوسا، ٻُرا، بگٽي، مَري، چانڊيا، واڍيا، ڪلمتي بلوچ، ڪولي، پيل، مينگهواڙ ۽ ٻين ذاتين وارا ماڻهو رهن ٿا.

گڏاپ ۽ ان جي آس پاس ۾ هيٺيان مشهور ڳوٺ اچي وڃن ٿا.
اگارو خاصخيلي ڳوٺ، راهو گهرام جوکيو ڳوٺ، حاڪو بروهي ڳوٺ، اسحاق واڍيلو ڳوٺ، ارباب گبول ڳوٺ، حڪيم گبول ڳوٺ، روزي گوندر ڳوٺ، بيدي گوندر ڳوٺ، امام بخش گوندر ڳوٺ، حيات گوندر ڳوٺ، مير خان گوندر ڳوٺ، نوشهروان گوندر ڳوٺ، حاجي جوکيو، حسين بلوچ، رستم بلوچ، مير خان گوندر ڳوٺ، رسول بخش خاصخيلي، صالح محمد جمعاڻي ڳوٺ، دائود زنگياڻي ڳوٺ، عبدالرحيم واڍيلو ڳوٺ، ديپار گوندر ڳوٺ، عالي گبول ڳوٺ، حاجي اميد گبول ڳوٺ، ڳوٺ ڪونڪر، خميسو جوکيو ڳوٺ، عبدالحڪيم واڍيلو ڳوٺ، چنيسر جوکيو ڳوٺ، فقير سهراب جوکيو ڳوٺ، يار محمد واڍيلو ڳوٺ، آدم گبول، جمعو گبول، امير بخش گبول، عارب رند، احمد رند، مراد رند، حاجي فقير محمد واڍيلا بلوچ، مڱيو جوکيو ڳوٺ، علي بخش ڳوٺ، حاجي عرضي بلوچ ڳوٺ، حاجي الله بچايو بلوچ ڳوٺ، ڳوٺ حاجي سائين رکيو جوکيو، غلام محمد جوکيو ڳوٺ، حاجي قادو جوکيو ڳوٺ، مُريد جوکيو ڳوٺ، راڌو جوکيو ڳوٺ، دوست محمد خاصخيلي ڳوٺ، سانوڻ خاصخيلي ڳوٺ، مولوي عبدالرحمان جوکيو ڳوٺ، خميسو جوکيو ڳوٺ، حاجي جبلي جوکيو ڳوٺ، ماستر علي محمد خاصخيلي ڳوٺ، هيبت خاصخيلي ڳوٺ، منو شيٺو ڳوٺ، محمد رمضان لاسي ڳوٺ، لالو ملاح، رب ڏنو زرگر وغيره.

ڪوهستان ـ لَس – ڪراچي ۽ گڏاپ جا جوکيا اکر "ڻ" جي جا تي اکر "ن" جو استعال ڪندا آهن.

مثلاً: ٻَن بنياد ٻُڻ ٻُڻياد

ٻَنيو ٻڻيو

ٻنيل ٻڻيل

ڪوهستان ـ لَس – واڍيلا بلوچ ۽ جدگال لهجن ۾ اکر "ن" جي جا تي اکر "ڻ" ڪتب آڻيندا آهن.

مثلاً: موئيداڻ موئيدان

مڪراڻ مڪران

هينداڻ هيندان

جدگالي لهجي ۾ ڪن عورتن جا نالا اهڙا به آهن. جن جي آخر

۾ اکر ”ن“ اچي ٿو تہ اُن جي جاءِ تي اکر ”ڻ“ جو استعمال ٿئي ٿو ۽ بلوچ اکر ”خ“ جي جاءِ ”ح“ جا آواز ڪڍن ٿا، اُهي بلوچ جيڪي لاڙ ڪان وني ڪيچ مڪران تائين آهن.

گڏاپ جي علائقي ۾ رهندڙ واڍيلا بلوچ، اُنهن جي ڳالهائڻ ٻولهائڻ واري لَهجي ۾ ”جدگالي“ لهجي جو رنگ نمايا ۽ چٽو پٽو ڏسڻ ۾ اچي ٿو. جيئن تہ گڏاپ ۾ ڪيترين ئي ذاتين جا ماڻهو رهندڙ آهن، پر واڍيلا بلوچ ڳالهہ ٻولهہ جو انداز پنهنجو هوندو آهي.

مثال: آواز ”ٿ“ جي جاءِ تي آواز ”ڇ“ ، جو آواز ”آ“ جي جاءِ تي ”اِ-يا-آ“ آواز ”ٿ“ جي جاءِ تي آواز ”س“ جو آواز ڪڍندا آهن.

(واڍيلا بلوچ)

اُڇڻ = اُٿَڻ

اُڇي = اُٿي

ڇَي = ٿَي

ڇِي = ٿِي

آتي = آءِ

سو = ٿو

مٿين لفظن وارا جُملا هيٺ ڏجن ٿا.

جملن ۾: اُڇڻ = اُٿڻ

نواز! اُڇڻ جي ڪَرِ، دير ڇي ويئي ئي.

نواز! اُٿڻ جي ڪر، دير ٿي وئي آ.

اُڇي = اُٿي

جملو: ”اُڇي پاڙي پري آئي.“

اُٿي پاڙي پري آءِ

ڇَي = ٿي ۽ ٿئي

ڇي سگهي سو، اڄ گرم ڇَي، يا ”ڇي سگهي تو“ اڄ گرم ڇي.

ٿي سگهي ٿو، اڄ گرمي ٿئي.

سو = ٿو

جملو: ”يوڪ چار سگهو نا هلين سو“

هير ڇالاءِ جلدي نہ ٿو هلين.

مٿين ڳالھہ ٻولھہَ وارو "جدگالي، لھجو سڏجي ٿو، پر گڏاپ جا واڍيلا عام ڳالھہ ۾ اڪثر جدگالي لھجو استعمال ڪندا آھن.

"يوڪ" جي معنيٰ ھي،ر ھينئر
چار جي معنيٰ ڇا لاءِ، ڇا
سو = ٿو
"تورڪي ڳالھہ تان ڏمرجي وڃي سو"
توري ڳالھہ تان چَپ چَپ تي چاڙھي ٿو.
چَپ توترا = معني چَپ چَپَ تي چاڙھڻ، اِھا ڪاوڙجي علامت آھن.
واڍيلا بلوچ ٽِن ٽِپڪن وارو آواز "ژ" استعمال ڪندا آھن.
زانت = شادي تي
"چوڪرو زانت وڃي سو."
چوڪرو شاديءَ تي وڃي ٿو.
ژان = شادي
توجو ژان ڇوءِ؟
تنھنجي شادي ٿي آھي؟
ڪنھن جو ژان اي؟
ڪنھن جي شادي آھي؟

گڏاپ جي ماڻھن ۾ سادگي وارو عنصر لاڙي ماڻھن جھڙو آھي. لاڙي ۽ گڏاپ جا ماڻھو ڪنھن سان ٽِڪو ۽ تيز ڪونہ ڳالھائين اندر منجھہ ڏنگ ڦڏ رکن ڪونہ ۽ ھي ماڻھو ڳالھہ ٻولھہ ۾ آواز "ھہ" جو استعمال گھٽ ڪونہ ڪندا آھن ۽ "توھان" جو لفظ بہ استعمال ڪونہ ڪندا آھن.

"توھان" لفظ جي جاءِ تي "تون" جو لفظ اچاريندا آھن ۽ ھر ڪنھن کي وڏو ھجي ڪٽي ننڍو "تون" چوندا آھن.

گڏاپ ۽ لاڙ جي ماڻھن جا لھجا۔آواز
آنَ = آءٌ
اي = آھي
مانجو = منھنجو
توجو = تنھنجو
آنجو = اوھانجو

وَنا = ونواهہ
مَ = نہ
آن = آءُ
سامون = سامهون
جينجو = جنهن جو
تينجو = تنهن جو
گڏاپ جا ماڻهو ڪن لفظ ۾ اڪر "ي" استعمال ڪونہ ڪندا آهن.

| وچولي ۽ اترادي لهجي ۾ | گڏاپ جا ماڻهو |
|---|---|
| ويهہُ | وَمَ ٻهہ... ٻي ۽ ٻيهہ |
| لُڙيو پاٽي (ميرو يا مٽي وارو پاڻي) | لُڙ پاڻي |
| وِڪيو | وڪتو |
| ڪِڏي = ڪيڏانهن | ڪِيڏي = ڪيڏانهن |
| هِڏي = هيڏانهن | هِيڏي = هيڏانهن |
| تِلي آئو = هلي آءُ | اِين = آهين |
| ائين = هوس | |

هن سلسلي ۾ جڏهن گُل حسن ڪلمتي سان ملاقات ٿي تہ ان پڻ ٻڌايو تہ گڏاپ جي علائقي جا دوست جيڪي هڪ ئي ڳوٺ، هڪ ئي پاڙي ۽ ڪي ٻيرپاسن وارن ڳوٺن جا رهندڙ آهن جڏهن اهي پاڻ ۾ ڳالهہ ٻولهہ ڪندا آهن تہ جملن ۾ ڪجهہ لفظ الڳ انداز ۾ اچاريندا آهن.

مثلا: ڪاٺ جي سنهڙين تيلين ۽ ڪٽڪ جي سنهڙين تيلين مان نهيل ماني رکڻ واري "پنڊي" يا "دٻڪي" جا لفظ، اترادي ۽ وچولي لهجي ۾ استعمال ٿين ٿا پر گڏاپ جي علائقي ۾ "سپتي" جي معنيٰ (ڇٻي، پنڊي، دٻڪي ۽ ڇٻري) جا لفظ خاصخيلي استعمال ڪن ٿا. "چاهوڙي" جو لفظ جوڪيا استعمال ڪندا آهن.

جيئن دٻڪي ڪي لاڙي ماڻهو ڪاري ۽ ڇٻي چون، حقيقت ۾ هڪ لفظ جون ڪوڙ معنائون هجڻ سان ٻوليءَ جي سونهن سرس نظر ايندي آهي.

گڏاپ جي دوستن سان ڪچهريون ڪندي، اُنهن جي پاڻ ۾ ٻڌي، ايڪو ڏسندي ۽ لفظن جا اُچار ٻڌندي پوءِ "گڏاپ جا گل" جي نالي سان "لُغت" لکڻ جو خيال آيو. پوءِ انهن سان ڪچهريون ڪندو، "لفظ" ڦتين

وانگر چوندبيندو رهيس. اُنهن جي ڳوٺن ۾ وڃي، اُتي جي اُستاد، بزرگن ۽ نوجوانن سان ڪچهريون ڪيون. پوءِ پتو پيو تہ واڊيلا بلوچ ۽ ٻيا جيڪي بلوچن جا پاڙا آهن، انهن جي ڳالهہ تي ”جدگالي“ لهجي جو گهڻو اثر آهي ۽ ٻين ذاتين وارن ماڻهن جي ڳالهہ ٻولهہ تي ”لاڙي لهجي“ جو اثر موجود هيو.
بلوچي زبان جا ٽي وڏا لهجا آهن:

(1) مڪراني، (2) رخشاني (3) سليماني.

(1) مڪراني لهجو: مڪران کان علاوه ڪراچي، ايران ۽ بلوچستان جي ڪيترن حصن ۾ ڳالهايو ويندو آهي، مڪراني لهجي کي تيابي سمنڊ جي ڪناري وارو لهجو، ”تياب“ جي معنيٰ سمنڊ، هن لهجي کي ڪيچي بہ چوندا آهن.

(2) رخشاني لهجو: خاران، حڪ ت، چاني ۽ ٻين علائقن ۾ ڳالهايو ويندو آهي، هي مڪراني لهجي جي ويجهو آهي، جنهن ۾ ٿورو گهڻو اختلاف آهي، هي لهجو افغانستان ۽ تُرڪستان ۾ بہ ڳالهايو ويندو آهي.

(3) سليماني لهجو: هي لهجو بلوچستان، ڊيره غازي خان، ڪوهہ سليمان، تُرڪستان، راجن پور (سرائيڪي علائقو پنجاب) سنڌ جي اندر خاص طور تي ڪراچي ۾ گڏاپ جي علائقي ۾ بہ سليماني لهجو ڳالهايو ويندو آهي، هن لهجي ۾ سرائيڪي ۽ سنڌي ٻولين جا لفظ بہ شامل هوندا آهن.

ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ اُستادن، شاگردن ۽ گڏاپ جي دوستن سان گهاريل گهڙيون، پڪي گهڙي جي چِٽن وانگر چِٽ تي چٽيل آهن، سي مور نہ متجندا.

نوجوان جي عمر ۾ شاگرد ٿيڻ ۽ عمر جي پڇاڙيءَ واري حصي، سٺ ۽ ستر جي ڏهاڪي ۾ يونيورسٽيءَ ۾ پڙهڻ، روزانو اچڻ ۽ شاگردن سان ويهڻ، لئبريريءَ ۾ مطالعو ڪرڻ جو پنهنجو الڳ مزو ٿئي ٿو، ”سٺ ۽ لٺ“ جي چوٽي آهي، هن عمر ۾ گهٽي ياڳي جسم هلڻ کان لاچار ٿيو وڃي. ها! اها الڳ ڳالهہ آهي تہ تندرست سماج، ترقي يافتہ ملڪن جي ماڻهن جون عمريون وڏيون ٿين ٿيون، پڻ ان سماج جي بہ عمر وڌندي رهي ٿي پر جيڪو معاشرو سماجي ۽ معاشي لحاظ کان پيچ ڊاهہ جو شڪار ٿيندو هجي، ان معاشري جي ماڻهن جي عمر موت کان اڳي موڪلاڻي ڪري وڃي ٿي، يعني وقت کان اڳ ماڻهو معاشي ۽ سماجي ڏيڻ ۾ ڏيجي مري وڃي ٿو.

يونيورسٽيءَ ۾ سٺن استادن ۽ شاگردن جي محبت جو رنگ سنگت وارو هيو، اِها ڳالهہ ڏاڍي سُهڻي لڳي، واهہ، ڪاش، هر رشتي ۾ دوستي جي محبت وارو رنگ هُجي.

اڄ 15 فيبروري 2018ع ڏهاڙو آهي، نون ايندڙ شاگردن (شاگرد ۽ شاگرديائٽيون) کي "ڀليڪار ڀلي آيا" جي حوالي سان سنڌي شعبي ۾ سُهڻي محفل مچائي وئي، هن محفل ۾ پراڻن شاگردن جن امتحان پاس ڪيو ۽ يونيورسٽي مان موڪلائي ڪري رهيا هئا. انهن کي محفل ۾ مان ڏنو ويو، ائين ڪٺي چئجي تہ "نون شاگردن" ۽ "پراڻن شاگردن" جو ڏينهن هو، نون شاگردن ۽ پراڻن شاگردن کي گلن جا تحفا پڻ ڏنا ويا، سنڌي ثقافت جو هي ڏيک ڏاڍو وڻيو، حقيقت ۾ زندگي گل جهڙي واس سان سهڻي لڳندي آهي، تڏهن تہ شاگردن کي "گُلڙا" چيو ويندو آهي، هن محفل جي ماندڻ ۾ ڊاڪٽر شير مهراڻي ۽ پين دوستن کي واڌايون ڏنيون ويون.

آخر ۾ آئون ڪتاب جي پورهئي ۾ ساٿ ڏيندڙ، محترم ڊاڪٽر رخمان گل پالاري چيئرمين سنڌي شعبو، ڪراچي يونيورسٽي، اسسٽنٽ پروفيسر ڊاڪٽر شير مهراڻي سنڌي شعبو، ڪراچي يونيورسٽي، ليڪچرار اشرف شاد بلوچ ڪيچ، سائين گل حسن ڪلمتي، سائين عطا محمد ڀنڀرو، امر گل ليڪچرار، محترم سائين فتاح هاليپوٽو، احمد نواز واڍيلو بلوچ، زاهد واڍيلو، در محمد جوکيو، سائين احمدعلي بلوچ ڪلمتي، عبدالحڪيم جوکيو (هيڊ ماستر)، مير جنيد جوکيو، اسماعيل جوکيو، سعيد چانڊيو، پرويز چانڊيو، زبير خاصخيلي، اياز جوکيو، وقار احمد واڍيلو، زين العابدين، ببي فاطمہ ۽ ياٿرن جو پڻ ٿورائتو آهيان، ڊاڪٽر منير احمد ٿلهو، آفتاب احمد ٿلهو، بخشل ٿلهو، سجاد احمد ٿلهو، نويد احمد ٿلهو، سئوت نجيب ٿلهو ۽ سنڌي شعبي ۾ ڪم ڪندڙ ميڊم شازيہ ناز، محمد واحد قادري، عمران قريشي، اصغر اڄڻ، غفار ۽ سمبارا جي دوستن شاهزيب ميمڻ، آفتاب هنگورو، شهنيز ميمڻ ۽ ساجد سنڌي جو پڻ ٿورائتو آهيان.

**منصور ٿلهو**

## (الف)

اوڳـاريـنِ نـہ آنـرِ، ٻـڌا چَـرنِ نـہ ٻُـورُ
ليـڙَنِ کي، لطيف چئي، هَلَڻَ جو مَذکُورُ
مَينَ کي مامُورُ، آهي اُٺِنِ اڳيين پنڌ جي
(شاهہ)

اوندائي: اوندهي

آچون: اشارا... اک سان اشارا ڪرڻ
ادا ـ اشارا ڇو پيو ڪرن.
هي آچون ڇالا ٿو ڏين...
هي اشارا ڇالا ٿو ڪرين.

آرڻ: گدري جو فصل
ادا! قاسم جو آرڻ پلو ٿيو آهي.
ادا! قاسم جي گدري جو فصل پلو ٿيو آهي.

اُکڙ: هَٽڙ (جدگالي ۽ ڪوهستاني لهجو)

اوٺاريو: قاتل
هو اوٺاريو پيو آهي. تنهن کي ٻاهر ڪيو
هو قاتو پيو آهي، تنهن کي ٻاهر ڪيو.

اوڪار: آثار ـ پار پتا

آڇلائڻ: اُگهارڻ

آمبريچي: موسمي ـ نارنگي (جدگالي لهجو)

اوچي: غرق ٿي ـ بلوچ واڊيلا (جدگالي لهجو)

آمري: گدامري

آنجوُن: لُڙڪ (جدگالي ۽ ڪوهستاني لهجو)

آستَ: اُڃ
جملو ـ ادا ـ ڏاڍي آستَ لڳي آ، پاڻي پيار.
سائين عبدالحڪيم جوکيو هيڊ ماستر هاءِ سڪول
گڏاپ ۾ ان سان ملاقات ٿي. پاڻ مير جنيد جوکيو بہ

گڏ هيو.
سائين پنهنجي اڻ ڇپيل شاعري جي ڪتاب مان هڪ شعر پڏايو.
آچيو موکي آستان، پاٽان پٽين مَٿَ،
پي پيالا پين، اُنهين نہ لَهي آستَ،
جي مَستي ۾ مَستَ، سي جاڳيو آچنَ جو ۾

آن (آن) — آؤن جدگالي لهجو. لفظ "آن" ۾ اکر "ن" جو اُچار ڪو نہ اچاريو ويندو آهي.

اڳوچٽي — ڪپڙو "ڪُني يا ماٽِي جي منهن تي ڪپڙو ڏيندا آهن. اُن کي اڳوچٽي" چوَن. جوکيا، خاصخيلي ڳالهائين ٿا.

اِلائي — گهٽو - لاڙ - ڪوهستان - لَس ۾ جدگالي لهجن ۾ استعمال ٿئي ٿو.
جڏهن تہ اترادي ۽ وچولي لهجن ۾ "اِلائي" جي معنيٰ گهٽو، جيئن تہ لاڙ - ڪوهستان - لاسي _ ڳڏاپ جي علائقن ۾ آواز "هہ" جو اچارڪن لفظن ۾ اچاريو ڪو نہ ويندو آهي.

آ — آءُ "آ" جو لفظ جهجهو استعمال ٿيندو آهي. "آءُ" جنهن ۾ "ءُ" الف حمزه "ءُ" "پيش" وارو اکر استعمال ڪو نہ ڪندا آهن. صرف "آ" چوندا آهن.
آ اچان ٿو....
آ کي چانهہ ڏي.
(مون کي چانهہ ڏي)

اُونجرَڻ — پنکيون ڪائڻ – ننڊ جا جهوٽا ڪائڻ

امبرا — همراهہ _ ساٿي _ بلوچ ڳالهائين: جدگالي لهجي ۾ بہ "امبرا" جي معنيٰ "همراهہ" ۽ "ساٿي" آهي

آڏُرَڻ — ٿابو ڪائڻ، جدگالي، لاڙي ۽ ڪوهستاني لهجو

آڪوندو — ڪانڌيرو، جدگالي، لاڙي ۽ ڪوهستاني لهجو

اَي — آهي

| | |
|---|---|
| آءِ | آچُ<br>"لُڱڙ ڀڳڙ وجهي آءِ"<br>(ڪپڙا پائي آچُ) |
| آئو | آيو |
| اِين | آهين ("اين" لفظ جو اُچار ۾ آواز "ن" خاموش هوندو آهي)<br>"ميرا! تون ڪڏنڪ آئو اِين".<br>(تون آهين) |
| آئي | ٻڪري (واحد) |
| آيون | ٻڪريون (جمع) |

گڏاپ جي علائقي سان گڏ "ڪانوڙ" جو شهر آهي.

گل حسن ڪلمتي ان تي هڪ ڳالهه ٻڌائي تہ: هڪ ڀيري "ڪانوڙ" جو هڪ ڳوناٽو ڊاڪٽر وٽ آيو. ڊاڪٽر اتر جي پاسي جو هجي، ڪيس ڳوناٽي عرض ڪيو.

ڊاڪٽر! منهنجي "آئي" بيمار آهي، تون آئي جو علاج ڪندين، ڳوٺ هلندين؟ ڊاڪٽر اهي جملا ٻڌي دل ۾ چيو، "ڪُراڙي بيماري آهي، هتِ ڪٽي ايندا تہ ڪُراڙي مائي کي تڪليف ٿيندي چو نہ ڳوٺ ڏي وڃي ڏسي اچانس."

ڊاڪٽر وراڻيو– "ها... آءِ هلندس."

ڳوناٽو ماڻهو ڊاڪٽر کي پنهنجي ڳوٺ وٺي آيو. ان کي ٻڪرين جي واڙي ۾ وٺي ويو ۽ هڪ بيمار ٻڪري جيڪا پٽ تي پئي هئي. ان ٻڪري ڏي اشار ڪري ڳوناٽي چيو.

ڊاڪٽر آئي جو علاج ڪَريو...؟

ڊاڪٽر حيران ٿيندي ڳوناٽي کان پڇيو.

تنهنجي "آئي" ڪٿي آهي، هي تہ ٻڪري آهي...؟

ڊاڪٽر! اها منهنجي "آئي" آهي....

پو ڊاڪٽر ڳالهہ سمجهي ويو، ڳوناٽي کي چيائين.
"آئون ماڻهن جو علاج ڪندو آهيان"
بنديچي يا بنديچو:
سنڌي ٻولي ۾ ڪيترا لفظ اهڙا آهن، جنهن جي آخر ۾ آواز "و" جو ايندو آهي. جڏهن تہ اهو لفظ ڪن جملن ۾ لفظ "ئي" ۽ اڪر "ي" ۾ .
مثال: اڪبر چانڊيو - سعيد چانڊيو - ادا - اڄ "اڪبر چانڊئي" ۽ سعيد "چانڊئي" جي ڳوٺ ڏي هلنداسين.
ستارو سومرو - ادا نواز! سڀاڻي ستار سومري جي گهر ڏي هلنداسين.
وَڄَر= "وڄر هلي چُريا"
سوير ويا هليا.
هي لفظ خاصخيلي اڳاراٽي بہ استعمال ڪندا آهن. گڏاپ جي بزرگ شخص سان ملاقات ٿي.
جنهن شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي رسالي ڪانسوا پيو ڪتاب ڪو نہ پڙهيو آهي. هن سان "حاجي فقير محمد واڍيلا بلوچ ڳوٺ ۾ ملاقات ٿي.
هن پنهنجو تعارف ڪرايو...
ادا! منهنجو نالو دُر محمد "دورا" ولد ڇَڇر،
ڳوٺ حاجي قادو جوکيو، مون کي "دورا، ڀٽائي جو فقير" چوندا آهن.
ڪچهري ۾ فقير دورا، ڀٽائي، شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جا بيت ٻڌايا ۽ گڏاپ جي علائقي ۾ مختلف ذاتين وارا ماڻهو جيڪي لفظ ڳالهائيندا آهن. ۽ عام وهنواري زندگي ۾ استعمال ڪندا آهن.
اهي ٻڌايا - ان مهل جيڪي دوست ڪچهري ۾ ويٺا هئا.
اسماعيل ولد سڪندر جوکيو، محمد نواز ولد علي نواز واڍيلو بلوچ، محترم گل حسن ڪلمتي، محترم

زاهد حسين جوکيو، زاهد بلوچ، مشتاق احمد واڍيلو بلوچ، اياز واڍيلو بلوچ، اسماعيل ولد حاجي غلام مصطفيٰ واڍيلو بلوچ، علي نواز واڍيلو بلوچ، نذير احمد واڍيلو بلوچ ۽ ٻيا دوست وينا هئا.

آيون
ٻڪريون
ٻئتو لفظ آيون مَيون معنيٰ گهٽيون ٻڪريون.
هِن ٻئي لفظ جو پهريون لفظ "آيون" پنهنجي معنيٰ ظاهر ڪري ٿو، ٻيو لفظ "مَيون" جيڪو واڌارو ۽ پهرين لفظ کي پَر ونرائيندڙ آهي.
واڍيلا بلوچ ۽ جوکيا "ٻَڪري" جي لاءِ "آئي" ۽ گهٽين ٻڪرين جي لاءِ آيون يا "آيون ميون" جا لفظ استعمال ڪندا آهن.

آئي
رَڙ، دانهن
"آئي مَري ويس"،
آئي مُنيس".
"آئي" جو لفظ عورتون جهجهو استعمال ڪنديون آهن. خاص ڪري عورت کي ڏَڪُ، يا چوٽ لڳڻ وقت هن کان دانهن نڪري ويندي آهي.
"آئي مَري ويس" يا ڪو مسئلو، معاملو اوچتو سَرَ تي آچي وڃينس تہ رڙ ڪري چوندي.
"آئي مُنيس".

آئين
هوس.
"تون پاهر هُئين تونک آئو آئين".
(تون پاهر هُئين ان وقت آيو آئين).
مٿين جملي ۾ "تونک" جي معنيٰ اُن وقت "جدگالي" لهجو آهي.

اوهير
دير. شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جو بيت آهي.
"اوهير ڪون آئيو، ماڻهو مليران
جنهن پُڇان خبرون، اُتي اُڪيران

جُسو زنجيرا، فارغ ٿيو فقير جو.
سرمارئي، (شاهہ)

آوير — دير
"اوير ٿي وئي اي"، (جدگالي، ڪوهستان، لاسي ۽ لاڙي لهجو)، لطيف سائين ڳماتو ۾ اهو لفظ استعمال ڪيو آهي، پائرن پيرو نہ ڪيو ادن ڪئي اوير.
(دير ٿي وئي آهي)
واڍيلا بلوچ آواز "هہ" اچارين ڪون، جيئن "لاڙي ماڻهو" آواز "هہ" گهٽ اچاريندا آهن.
"چي" واڍيلا بلوچ آواز "ٿ" جي جاءِ تي "ڇ" جو آواز ڪيندا آهن. جيئن "چي" جي معنيٰ "ٿي" مٿئين جملي ۾ ڏيکاريل آهي. ٻنهي لفظن ۾ ڇهہ ٽپڪا آهن.

اوڪر — گاهُ، (ڍور ڍڳو گاهہَ ڪائي، باقي جيڪو "گاهہ" بچائيندو آهي، ان کي "اوڪر" چون).

اوڪَر اوسڪر — گاهہ پنو (ٻٽو لفظ)
خالد! آيون مَيون ڏسُ، "اوڪر سوڪر" تہ ڏيو.

آڙي — سَڏ (ڪنهن کي پيار سان يا رعب سان سڏڻ)
"آڙي" جو لفظ عورتون زياده ڳالهہ ٻولهہ ۾ استعمال ڪنديون آهن. ڪا عورت راز نيا جي ڳالهہ ڪرڻ جي لاءِ يا دل وٺڻ جي ڳالهہ ڪرڻ لاءِ ٻي عورت کي "اڙي" جو لفظ سڏڻ جي لاءِ ڪم آڻيندي آهي.
آڙي هڏي آچُ
اڙي فاطمہ! هِيڏي آچُ
اڙي! ٻُڌين پئي...!؟
ڪا عورت اوڙي پاڙي جي ڳالهہ ٻڌندي آهي تہ پوءِ ٻي عورت کي سَڏ ڪري ٻڌائيندي آ.
آڙي! وَسائيءِ جي وَر ڪي وَرو لڳو آهي، گهر ۾ وينو آهي. معني "وسائي جي مڙس کي ڏڪ لڳو آهي، سو گهر ۾ وينو آهي."

(واڍيلا بلوچ "وَرو" جو لفظ چِتِ جي وچين ڪانيءَ جي لاءِ ڪتب آڻيندا آهن).

آڙي — ڏنگائي، ڦڏائي
"اڪير! آڙي نہ ڪَر".

آڙي — جانئو هٽڻ، خاص ڪري مَلهہ جي گُرَ جي لاءِ "اڙي" جو لفظ استعمال ٿئي ٿو.
آڙي هَٽڻُ معني پير سان ڪيراءِ

آڙيَ — سَڏ، سَڏ ڪرڻ
آڙي جو لفظ مَرد هڪبئي کي سڏڻ جي لاءِ استعمال ڪندا آهن. هي لفظ "معزز" ۽ "خاص" ماڻهو جي لاءِ ڪتب ڪونہ آندو ويندو آهي. پَرَ هڪ جيڏا دوست يا هم عمر وارا يا ڪو وڏي عمر وارو ماڻهو پاڻ کان ڪنهن ننڍي کي "اڙي" آواز ڏئي، سڏ ڪندو آهي. ڪاوڙ ۾ ماڻهو "اڙي" جو لفظ بہ استعمال ڪندا آهن.
"اڙي! انڌو آهين ڇا، ڏسين نہ پيو، پٽَ تي پَرِچ پيل آهي".
آڙي جو لفظ سنڌِي ٻوليءَ جي سيني لَهجن ۾ استعمال ٿيندو آهي. اُترادي ۽ وچين لَهجي ۾ عورت پنهنجي وَر (مُڙس) جو نالو ڪونہ وٺندي آهي. پر "آڙي" چئي، سڏ ڪندي آهي، ڪي مَرد پنهنجي گهرواريءَ کي "اڙي" چئي سَڏُ ڪندا آهن. (پر هينئر زال ۽ مُڙس هڪبئي کي نالن سان سڏيندا آهن)

آتو — ماني پچائڻ وارو آتو
ڪي ماڻهو گهرن ۾ ٻتو لفظ "آتو ٻتو" ڪتب آڻين ٿا.
"اما! گهر ۾ آتو ٻتو اِي". (جدگالي لهجو)
(امان! گهر ۾ آتو ٻتو آهي)

آن — آءُ، لاڙي لهجو، بلوچي واڍيلا

آنجو — اوهانجو، توهانجو
ادا، انجو گهر ڪٿي آهي؟

| | |
|---|---|
| آءِ | آچُ |
| | آءِ = آچي وئي: ماضي قريب جي لاءِ استعمال ٿئي ٿو. |
| | پر واڍيلا بلوچ "حال" ۾ هينئر جي لاءِ ڪم آڻين ٿا. |
| | عاليہ! آءِ مانجي مٿي مان "بودِ" ڪَڍُ. |
| | عاليہ! اچ منهنجي مٿي مان جونءِ ڪَڍُ. |
| | "جونءِ" جي لاءِ "بودِ" جو لفظ بلوچ استعمال ڪندا آهن. |
| اونت | ڪِرڪِر.. ڪُر ڪُر، بيزاري، بيزار ڪرڻ، تنگ ڪرڻ |
| اونت | اندر جي ڳالهہ، "راز" بيزاري، بيزار ڪرڻ، تنگ ڪرڻ |
| آچڻ | سرمو (جدگال بلوچ استعمال ڪن) |
| اُڪيواڙي | ڪراچي ڪوهستان جي ديهہ جو نالو |
| اورنگي | ديهہ جو نالو |
| الياس ڪانڙو | ڳوٺ جو نالو |
| اُڪليو | ڳالهايو، نہ نڪتو |
| | هاشم، ڊپ مان اکر ڪونہ اُڪليوهو. |
| | هاشم، ڊپ مان لفظ بہ ڪونہ ڳالهايو هو. |
| اوڳاليون | فضول ڳالهيون ڪرڻ، اجايو بَڪ بَڪَ ڪرڻ |
| | گڏاپ ۾ رهندڙ جوکيا "اوڳاليون" ۽ "وِلَ ليُون" جا لفظ استعمال ڪندا آهن. |
| | "تون اُڳاليون نہَ ڪر" |
| | "تون فضول ڳالهيون نہ ڪَر" |
| آگهو | بيمار |
| آرو | چاڪ، چڱو ڀلو |
| آرا | چڱا ڀلا |
| | ادا! آرا آهيو. |
| | گڏاپ جو شاعر "اياز جوکيو" اُن جو هڪ بيت آهي. |
| | هَلي آ اوڏڙو دَر تي، |
| | هِتي تو لاءِ هِينئو ترڙقي، |

ڪڙو آهين، ڇو پرتي،
تُنهنجي آئي، سُرها ٿياسين
متا هاٺي آرا ٿياسين
اُتي ادب ۾ ڪڙا ٿياسين
ڇَتيان گُل تنهنجي سِر تي

| | |
|---|---|
| اوڪِڻ | ويهڻ، ويهڻ جو نمونو (اوڪڙو ويهڻ) |
| آچ | آئون |
| اِنيچگ | نرڙ، نراڙ، پيشاني |

هي بلوچي جو "لفظ" آهي، پر گڏاپ جا واڍيلا جدگالي لهجي ۾ استعمال ڪندا آهن.

| | |
|---|---|
| اُچڻ | اُٿڻ |

"نواز! اُچڻ جي ڪَر"
(نواز اُٿڻ جي ڪَر)

| | |
|---|---|
| اُچي | اُٿي |

"اُچي پاٺي پَري آئي".
(اُٿي پاٺي پري آءُ)

واڍيلا بلوچ ڳالهائيندا آهن (جدگالي، ڪوهستاني ۽ لاسڪي لهجو)

15-9-2017 تي گڏاپ جي علائقي ۾ حاجي فقير واڍيلا بلوچ ڳوٺ ۾ مجهند جو احمد نواز واڍيلا سان سان گڏ ان جي ڳوٺ ۾ پهتس. ٿوري دير ڪان پوءِ احمد نواز جا دوست، استاد ۽ پيا ڳوٺ وارا اچي ويا. اتي ڪچهريءَ جو ماحول ٺهجي ويو. مختلف ذاتين جي ماڻهن سان سنڌي ٻوليءَ جي ڪوهستاني، جدگالي لهجن، واڍيلا بلوچ سان ڪچهري ٿي. اُنهن جي ڳالهه تي "جدگالي لَهجي جو اثر چٽو پٽو موجود هو.

ڪچهريءَ ۾ جن سڄڻن سات ڏنو، سائين احمد علي ڪلمتي بلوچ، هيڊ ماستر گورنمينٽ پرائمري

اسڪول بهادر بلوچ ڳوٺ، محمد موسيٰ واڍيلو بلوچ، واحد بخش واڍيلو بلوچ، غلام مصطفيٰ جوکيو، محمد صديق واڍيلو بلوچ، بشير احمد واڍيلو بلوچ، عابد اسحاق ڪلمتي بلوچ، وقار احمد بلوچ، اُن ئي ڏينهن شام جو ساڍي ستين وڳي، پاڻ احمد نواز واڍيلا بلوچ سان گڏجي، ڳوٺ حاجي سائين رکيو وياسين، اُتي جن استادن ۽ دوستن سان ڪچهري ٿي.

محترم سائين عبدالحڪيم جوکيو، هيڊ ماستر سيڪنڊري اسڪول، سائين علي نواز جوکيو ليڪچرار، نصير احمد جوکيو ۽ اسماعيل جوکيو ڪچهريءَ ۾ حصو ورتو. رات جو دير تائين ڪچهري هلندي رهي، پوءِ سيني سڄڻن کان موڪلائي احمد نواز واڍيلا جي جاءِ تي آياسين. رات جو يارنهين لڳي دوست زين العابدين، اسماعيل جوکيو ۽ مير جنيد جوکيو ڪچهري ڪرڻ جي لاءِ آيا. اُنهن سان سوا هڪ تائين سنڌي ٻوليءَ جي لفظن تي بحث ٿيندا رهيا، آءُ لکندو رهيس. رات جو هڪ ٿيو تہ مير جنيد، زين دوستن چيو، هلو تہ چانهہ پيئڻ هلون. پوءِ اسين موٽرسائيڪلن تي چڙهي چانهہ پيئڻ وياسين، اڌ ڪلاڪ کانپوءِ اتي واپس ٿئي رات جا ٽي ٿي ويا.

اُنگرڻ وَهنجڻ، تَڙُ ڪرڻ (واڍيلا بلوچ ڳالهائين) جدگالي لهجي ۾ ”اُنگرڻ“ جي معني وهنجڻ آهي.

اونگرڻ آءُ هير اونگري اچين ٿو
(مان هينئر تڙُ ڪري اچان ٿو)

آرو چگو ٻلو، عظيم! آرو آئين؟ (عظيم! چگو ٻلو آهين...؟)

جڏهن بہ اُترادي ۽ پوءِ مير جنيد جوکيو کان پڇيو ”ادا، چاپيو چئي، تون سمجهانءِ“.

سائين ”پِتِ ۾ شادي هئي“ يعني پاڙي جي گهر جي

پاسي ۾ شادي هئي. اُن ڪري دير سان آيس". وچولي لهجن ۾ چوندا آهن. "ادا، پِڪِ ۾ شادي هُئي. يعني گهر جي پاسي ۾ يا پاڙي ۾ شادي هئي.
پوءِ گڏاپ جا جوکيا ڪِن لفظن ۾ آواز "ڪ" جي جاءِ تي "ت" جو آواز استعمال ڪندا آهن. مثلا: پِڪَ يا "پِڪِ" = "پِتِ".
زين العابدين چيو "پِتِ ۾ شادي هئي". اُن جي جملي کي سمجهي نہ سگهيس، هُن جملو ورجايو ... "پِت ۾ شادي هُئي".

آنجهہ (اِنج) — ٻوڙهو، لُڙڪُ. گڏاپ جا ماڻهو "هہ" جو اچار ڪونہ اُچاريندا آهن پر ڪن لفظن ۾ لکندا ضرور آهن، جيئن "انجهہ" جو آخري اکر "هہ" لکيو ويو آهي، پرا چارڻ ۾ "انج" جو اچار ڪيندا آهن.

انجهون(اِنجون) — ٻوڙها..
"مير ٻالهہ ڪمڙي آ، توجي اک انج پئي ڏي."
(مير ٻالهہ ڪمڙي آهہ، تنهنجي اک ٻوڙها پئي ٻاڙي)
(گڏاپ جا واڍيلا بلوچ ۽ جوکيا "انج" جو لفظ استعمال ڪندا آهن)

اوڇَڙا (يا پِيڙي) — هنڌ، بسترا
ادي! اوڇڙا (پِيڙي) آوڍي ڇَڏَ
ادي! هنڌ بسترا مَنجڻ تي سِڏا ڪري ڇڏ
ادي! هنڌ بسترا تي مٿي ڪري رک

اوڍي — سڌا ڪري رکڻ يا هڪٻئي جي مٿان ڪري سنوت ۾ رکڻ

ايري — ناهہ رکڻ يا سَٽي رکڻ

آلگ — جدا: هرچ مردمي سوچ الگين. (بلوچي) هر ماڻهو جي سوچ لگ آهي.

اِسترگ — بليڊ، پاڪي: استر گاگون ريشان بساهہ. (بلوچي) بليڊ سان ڏاڙهي ڪوڙ.

| | |
|---|---|
| انتظار | ترسڻ: من باز تئي انتظار ڪُتا. (بلوچي) مون توهان جو گهڻو انتظار ڪيو. |
| ايمان | يقين: مَنان تئي سرا يقينيت. (بلوچي) مون کي توتي يقين آهي. |
| اور | برسات: مرچي اورا گورتا. (بلوچي) اڄ مينهن وسيو آهي. |
| آپ | پاڻي: آپ وَري. (بلوچي) پاڻي پيئين ٿو. |

(ب)

بهادر گڏيا بهادرين، ڪڙڳ ڪلول ڪن،
وجهن دڙ دڙن تي، هاڪارين، هٽن،
ڪرن، ڪَنڌ نچن، رڻ گجيو، راڙو ٿيو.

| | |
|---|---|
| ٻُني | جبل (گڏاپ ۾ رهندڙ سڀ قبيلا ڳالهائين ٿا) "ٻُني چڙهي اَچَ" (جبل تي چڙهي آچ) |
| ٻَني | جاءِ جو نالو: (جتي متيءَ جي ڪچين سِرنو کي پچايو وڃي، هي لفظ اتر ۽ وچولي لهجن ۾ ڳالهايو ويندو آهي) |
| بوڊِ | جونءِ (واڍيلا بلوچ ڳالهائين ٿا) هي بلوچيءَ جو لفظ آهي. |
| ٻنديچو | جوکيو (جوکين جو پاڙو) |
| بَڪَڪَ | ذات جو نالو |
| بوق | سوَرَّ. بلوچي ٻوليءَ ۾ بہ "بوق" جو لفظ استعمال ٿيندو آهي. |
| بانبتو | جَهنبو، (وڏو جهنبو اهو ڪهڙي بہ قسم جو هجي) |
| بانبتي | جَهنبي |
| بجار ٻُني | ديهہ جو نالو آهي، "ٻُني بهرام" ضلعو قمبر شهدادڪوٽ ۾ شهر جو نالو آهي. |
| ٻَتي مار | ٻَتي وساءِ، هي لفظ جدگالي کان علاوه پوري ڪوهستان ۾ ڳالهايو وڃي |
| ٻِڙَ | پيٽ (جدگالي لهجو) پوري ڪوهستان ۾ لس ۾ ڳالهائين. |
| با | پاءِ (جدگالي لهجو) پوري ڪوهستان ۾ لس ۾ ڳالهائين. |
| ٻڙ | گهاٽو (جدگالي لهجو) پوري ڪوهستان ۾ لس ۾ ڳالهائين. |

| | |
|---|---|
| بِبلائي | خدا نہ ڪَري (جدگالي لهجو) |
| بي سونتو | بي عقل هي لفظ جدگالي کان علاوه پوري ڪوهستان، لس ٻيلي ۾ لاڙ ۾ ڳالهايو وڃي |
| بِگر | سوا بغير، پوري ڪوهستان، لس ٻيلي ۾ لاڙ ۾ ڳالهائين ٿا. |
| بُشانڪ | مهارو، بشانڪ، هي لفظ ..... واڍيلا بلوچ استعمال ڪندا آهن، ايران ۾ رهندڙ واڍيلا بلوچ "جهل" جي معنيٰ "مهارو"، "مڇرداني"، ڪي چوندا آهن. |
| باز | گهڻو: من تئي باز انتظار ڪُتا. (بلوچي) مون توهان جو گهڻو انتظار ڪيو آهي. هي بلوچيءَ جو لفظ جيڪو واڍيلا ۽ جدگال استعمال ڪن ٿا. |
| بيمار | بيمار، ناچاڪ: مَنين دوست بيمارين. (بلوچي) منهنجو دوست بيمار آهي. |
| بيڪار | خراب: تؤ بيڪارين مَردُميئي. (بلوچي) تون بيڪار ماڻهو آهين. |
| بيشمار | گهڻو: ملڪا بيشمار نيڪين مَردُم هستين. (بلوچي) ملڪ ۾ بيشمار نيڪ ماڻهو آهن. |
| بهشت | جنت |
| بيقرار | بيچين: منين دل بغير تَرا بيقرارين. (بلوچي) منهنجو دل توکان سواءِ بيچين آهي |
| برباد | تباهہ، برباد: هي زمين بربادين. (بلوچي) هي زمين برباد آهي. |
| بزدل | ڀاڙيو: تؤ بُزدليءِ. (بلوچي) تون بزدل آهين. |
| بيچين | بي آرام: تراچيئين تؤ بيچيني. (بلوچي) توکي ڇا آهي تون بيچين آهين |
| بُلبُل | پکي جو نالو: بُلبُل جام وَرگين. (بلوچي) بلبل جام ڦل کائي ٿي. |
| بِرات | ڀاءُ: تؤ منين براتي: تون منهنجو ڀاءُ آهين. |
| ٻياري = ٻيار | ڪٿي اچ: هنگو ٻياري. هيڏانهن ڪٿي اچ |
| بُرو | وڃ: تؤ مرچي ڪراچيءِ بُرو. تون اڄ ڪراچي وڃ. |

| | |
|---|---|
| بورين | تکر، تکر، مکس ڪرڻ: تگنان بورين. مانيءَ کي تکر تکر ڪر. |
| بور | ڪاءِ پياءَ نگن بور: اچ ماني ڪاءِ |
| بياءَ | آچُ: بياءَ نِندِ. اچ ويھ |
| بوشتِ | بيھ: بوشتِ من ڪايان. بيھ آءِ اچان |
| بَجان | ھڻ: سينت بجان. سينت ھڻ |
| بَروت | مچيون، مڇ: منين بروت مزنا. منھنجون مُڇيون وڏيون آھن |
| بَتگان | ٽيس: من بيمار بنگان. آءِ بيمار ٽيس. |

(ٻ)

ٻڙي! تہ ٻيلِي گھڻا، ساٿي پڇي سُڪُ،
رِفاقَتَ رُڄَن ۾، ڏونگَرَ ڪاري ڏُکُ،
آريءَ جو آهُکُ، مون رَهنُما راهَہ ٿيو.
(شاھہ)

ٻيٺا — ويٺل، (واحد)
"وڃير هِت ڪير ٻيٺا ها؟
سوير هت ڪير ويٺل هو؟
واڍيلا بلوچ "ويٺل" جي جاءِ تي "ٻيٺل" جو لفظ ڪتب آڻين ٿا. جيئن تہ سرائيڪي ٻوليءَ ۾ "ويٺل" جي جاءِ تي "ٻيٺا" (ٻيٺها) جو لفظ استعمال ڪندا آهن.
"اتهِ ڪير ٻيٺها ها...؟" (هت ڪير ويٺل يا ويٺو هو؟)
"مين ٻيٺها ها"، (مان ويٺو آهيان)
"طاهر!" اوطاق ۾ ڇ ڪون ٻيٺها اي.
"طاهر!" اوطاق ۾ ڪير ويٺو آهي.
سنڌي ٻوليءَ جو آواز "ٺ" اڪيلو اکر آهي ۽ سرائيڪي ٻولي ۾ "ٹھ" (ٹ + ھ) ٻن آوازن جو گڏيل لفظ آهي. سنڌي لفظ "ٻيٺا" ۽ سرائيڪي ٻوليءَ ۾ "ٻيٹھا"، ٻنهي لفظن جون لکت واريون شڪليون مٽيل آهن، پر آواز ۽ معنائون ساڳيون ظاهر ڪن ٿا. سرائيڪي ٻولي "اردو" لپيءَ ۾ لکي ويندي آهي.

ٻُوڙ — ياڇي، ٻٽو لفظ "ٻوڙ موڙ" بہ استعمال ڪيو ويندو آهي.
يا — "ادي! ٻوڙ آهي" (ادي! ياڇي آهي)
ٻوڙ — "ٻوڙموڙ" ٻٽو لفظ آهي، هن ۾ پهرين لفظ "ٻوڙ" جي معنيٰ "ياڇي" آهي پر ٻيون لفظ "موڙ" جي معنيٰ بلڪل الڳ آهي.

موڙ جي معنيٰ ”هار“ (گهوٽ کي پَڏڻ وارو موڙ)
موڙ = پيٽوڪَر، يا وراءِ
ادا، ڪاغذ کي نہ موڙ
ڪاغذ کي نہ وراءِ.
موڙ = وڪڙ، وَرُ
ادا، اڳيان خطرناڪ موڙ آڻئي، خيال سان گاڏي هلاءِ
سنڌي ٻوليءَ ۾ ”ٻوڙ“ جي معنيٰ. ”پاڻي ۾ غوطا کائڻ“
جانو! چوڪَر کي پاڻيءَ ۾ نہ ٻوڙ، يعني پاڻيءَ ۾ غوطا نہ ڪاراءِ.
ڪنهن شئي کي پاڻيءَ ۾ ٻوڙڻ يا وجهڻ
ادي! ڪپڙا پاڻيءَ ۾ ٻُوڙ، يعني ”وِجهہ“.

پيهان — ويهون. واڍيلا بلوچ (واحد ۽ جمع) جي لاءِ ”پيهان“ جو استعمال ڪندا آهن.
ادا، اسماعيل! ڇتر وجهہ تہ پَيهان“.
ادا، اسماعيل پڙش وڇاءِ تہ ويهون يا ويهان)

ٻوهَہ — گاهہ

ٻوهَہ وارو — ڍوري جو نالو، (جتي ٻوهہ جام ٿئي)

ٻي — ويهہ

ٻَيهو — ويهڻ
سرائيڪي ٻوليءَ ۾ ”ٻَهَہ“ معني ويھُہ، يا ”ٻَيهَہ“.
اهي ٻئي لفظ ڪتب آڻيندا آهن.

ٻُنيُ — دروازو لاڙ جا ماڻهو بہ ”ٻُنيِ“ جو لفظ استعمال ڪندا آهن.

ٻُمپ — دروازو
ادا، گهر جي ٻُمپَ تي ڇو ويٺو آهين.؟

ٻاڏو — اک کان ٽيڏو، اک ۾ ڦير

ٻاڪڙي — اُها ڪُتي جا دڙ دڙ ڏڪا کائي.

ٻَرو — بُخار، تپ.
”چوري کي ٻرو پيو آهي“.

| | |
|---|---|
| ٻُوٿ | منهن، چهرو "چورا پنهنجو ٻوٿ تہ ڏِسُ". |
| ٻُهارو | صفائي ڪرڻ وارو ڇنڊڻو، ڪچيءَ جي ڦٽن جو ٺهيل |
| ٻَيڙئي | ٿانوَ رکڻ جي جاءِ، ٻيڙئي جو لفظ جدگالي لهجي ۾ آهي، جنهن جي معني ساڳي آهي، (خاصخيلي ۽ جوکيا بہ استعمال ڪندا آهن.<br>(گهر جي اڱڻ تي ڪاٺين جي ٺهيل ٿانوَن رکڻ جي جاءِ)<br>"ادي! رَڇَ ٻيڙئي جي مٿان لاٿا آهن".<br>ادي! ٿانوَ گهڙاونجيءَ جي مٿان رکيا آهن.<br>"لاٿا" جي معني، "رکيا".<br>رَڇَ جي معني = رڌ پچاءَ ۽ کائڻ پيئڻ جا ٿانوَ<br>"جدگالي لهجو" ۽ واڍيلا بلوچ بہ ڳالهائيندا آهن. |
| ٻيڌارو | ڏوٽو، ٻئي پاسا هلڻ وارو، ٻن کي ويڙهائڻ وارو<br>"نصير وڏو ٻيڌارو آي" "نصير وڏو ڏوٽو آهي".<br>(جدگالي لهجو) "واڍيلا بلوچ ڳالهائين". |
| ٻَتو | ڏُڪ ـ ڇُڪو جدگالي لهجو |
| ٻار | ٻاهر، جدگالي لهجو، لاڙي لهجي ۾ "ٻار" جي معنيٰ "ٻاهر" آهي. ان جون ٻيون بہ معنائون آهن. |
| ٻاڙو | ڪارو، جدگالي لهجو. سنڌي ٻولي جي سيني لهجن ۾ "ٻاڙو" لفظ استعمال ٿئي ٿو. |
| ٻَريوئي | بخار ۾ آ |
| ٻرو | بخار |
| ٻانئرو | قميص جي ٻانهہ ـ ڪَف |

(پ)

ڀلا ئي آهين، ڀرين ڀلائيءَ پانهنجي،
سپاجها سِرِ چڙهيو، ڏوراپو نہ ڏين.
مان ڏي مديُون تِين، سجڻَ سچاين ۾.
(شاهہ)

| | |
|---|---|
| ڀُونگي | رڌ پچاءُ واري جاءِ (خاصخيلي، جوکيا، واڍيلا بلوچ بہ استعمال ڪندا آهن. |
| پنجٽيون | پيرون |
| پنجا | پيرون |
| پِتِ | پَرِ، پاڙو، پِڪَ. ادا! زين رات پِتِ ۾ شادي هئي.<br>ادا، پِتِ ۾ ڪاج هُيو،<br>پِتِ ۾ پَتُ لڳو پيو هو، اُن ڪري دير سان آيس. |
| پينگ | ڪتو، بلوچي ڪوهہ سليماني لهجو، جيڪي ڳڏاپ ۾ ڳبول ڳالهائين ٿا، اترادي لهجو "پينگ" صفا سُڄو. |
| پرو | ڳوٺ جو نالو |
| پوٽڻ | نندي پار جو هلڻ ـ پير ڪٽڻ<br>نندو ٻار پنهنجي ماءُ ۽ پيءُ جي چيچ کي پڪڙي پيرڙا ڪٽي هلڻ سکندو آهي تہ ان کي "پوٽڻ" چوندا آهن.<br>ادا! ٻار پوٽي پيو.<br>ادا! ٻار هلي پيو. پيرڙا ڪٽي پنڌ سکي پيو. |
| پوٽي | پنڌ هلڻ ـ پيادل هلڻ ـ پنڌ ڪرڻ<br>پنهل ڏاران سرتيون، سُک نہ سنيران هِت جواني ۾ "جوکيو" چئي، پرت پرين جي تِت هوت منهنجو هُت، آ پوٽان ڪيئن پنيور ۾. |
| پِريوُن | پِرون (ڳڏاپ جو لهجو) پوري ڪوهستان، لس ۽ لاڙ ۾ استعمال ڪيو ويندو آهي. |

(ت)

تَرَسُ طبيبن جو، جَڏَنِ ڪِيو نہ جات،
جو ويڄَنِ، تان ڪرِيءَ ري ڪِينَ ٿئي.
(شاهہ)

| | |
|---|---|
| تونگ | اُن وقت (جدگالي لهجو) |
| توجو | توهانجو، توهين جو |
| ترا ڙي | ديهہ جو نالو (ڪراچي ڪوهستان) |
| تاڪَ | تخطو، ٿانوَ رکڻ جي جاءِ (هي لفظ بلوچ بہ ڳالهائيندا آهن. گهرن ۾ ڪاٺ جو ڏگهو (مستطيل) تخطو، جيڪو ڏيڍ يا ٻہ فوٽ ويڪرو هوندو آهي. اُهو گهر جي ڀِت ۾ ۽ ڇت کان ٿورو هيٺ زمين کان چار، پنج فوٽ مٿي لڳايو ويندو آهي. ان تخطي کي تاڪ چوندا آهن. ترادي لهجي ۾ "تاڪ" جي معني "تاڙ" ڪنهن جو ڳجهي نما تي نگراني ڪرڻ. جا رکڻ بہ آهي. تاس جي معني اڄ گرميءَ جي موسم ۾ ماڻهو کي پاڻيءَ جي تاس گهڻي لڳندي آهي. |
| تورڻ | ڪاڏو پڇائڻ، ماني پڇائڻ<br>"مان گهر ۾ پهتس امان "تورڻ، پئي ڪري،<br>(مان گهر ۾ پهتس، تہ امان ماني پئي پڇائي)<br>ريحانہ رات جو دير سان "تورڻ" ڪندي آهي.<br>گڏاپ ۾ خاص طور تي جوکيا "تورڻ" جو لفظ استعمال ڪندا آهن. |
| تاس | ڪٽورو، پاڻي پيئڻ<br>بلوچي بيت آ<br>ڪسي تاس آپ وري، سو سالہ وفا بڪن.<br>هِڪَ ڏُڪَ پاڻي پيئڻ جي سؤ سال وفا ڪرڻ آهي |

| | |
|---|---|
| تات | ڪت<br>(واڍيلا بلوچ ڳالهائين)<br>بلوچي ٻولي ۾ ڪت کي ”تات“ چوندا آهن. |
| تَران | هيٺان ”آءُ پل جي تران بيٺو آهيان.“ پل جي هيٺان بيٺو آهيان، آءُ ڇت جي تران بيٺو آهيان، آءُ ڇت جي هيٺان بيٺو آهيان. |
| تورَم | لوڏ – ٻارن جي لوڏ (بلوچي ۽ جدگالي لهجن ۾ استعمال ٿيندو آهي.) هي بلوچيءَ جو لفظ آهي. |
| تِينڪَ | تنهن کي (جدگالي لهجو) |
| توڪ | توکي (جدگالي لهجو) |
| تو | تو جدگالي لهجو – بلوچي لهجو<br>پنهل ڈاران سو تيون، سک نہ سنيران هت،<br>جوانيءَ ۾ جو کيو چئي، پرت پرين جي تت،<br>هوت منهنجو هت، آءُ پوٽا ڪيئن پنيور ۾. |
| تير | تير: تير بجان. تير هڻ |
| تلوار | تلوار: ٻي ٻي ٻيءِ نشان تلوار بي بيتا. ٻي ٻي ٻي جو نشان تلوار بہ ٿيو هو. |
| تئي | تنهنجو: اي پين تئي گين. هيءُ پين تنهنجو آهي. |
| تؤ | تون: تؤ ڪَئي چڪي. تون ڪنهن جو پٽ اهين. |
| تيجَگ | گدرو: هي تيجگ بازو شين. هي گدرو ڈاڍو مٺو آهي. |
| ترا | توکي: اين پين مَن ترا داتا. هي پين مون توکي ڈنو. |
| تيز | تِکو، تکو |
| تيشگ | لاهہ ڪيڻ وارو اوزار |
| تَنش | واهيلو: تنشا زيردارا گڙ: واهيلو ڪَڻُ ڪاٺ کي گڙ. |
| تَفر يا تپر | ڪهاڙي: تفرا زير داران بُر: ڪهاڙي ڪَڻُ ڪاٺيون وڍ |
| تيزاب | تيزاب مڪسچر: بيٽري ئَا تيزاب مان پِڪان. بٽريءَ ۾ تيزاب وجهہ. |
| تولگ | گدڙ: من مرچي تولگي ديتا. مون اڄ گدڙ ڈٺو |
| تين | تهؤ: تين گرمينْ. تهو گرم آهي. |

| | |
|---|---|
| تانوڪ | تانوڪ: هي تانوڪ مَزنين. هي تانوڪ وڏو آهي. |
| تِچ | ڇپي: نگنان تِچا مان ڪان. ماني ڇپيءَ ۾ وجهہ |
| تنچ | واٽڙ: تاتا تچ. ڪَتَ ڪي واڙِ. |
| تپ | بخار، تپ: مرچي منان تپا گِتا. اج مون ڪي تپ ورتو آهي. |
| تُرپشين | کٽو: انگور تُرپشين. انگور کٽو آهي |
| تَلَڪ | منڊي. ڪئي ڪي جهلڻ وارو: تلڪا منڊي. تِلڪ مَنڊِ، |

(ٽ)

ٽِيا رَسيلا رَحمانَ سِين، سُگھڙُ سونَهين جي،
آئيون تَنِين ڪي، واڏايُون وِصالَ جُون.
(شاهہ)

ٽينجو — ٽنهن جو (جدگالي لهجو)

ٽَڏَ — ڪتل ننيڙي ڪاتي،
زمين ۾ ڪتل ننيڙي ڪاتي يا ڪا اهڙي شئي جا زمين ڪان ٽورو مٿي اڀريل هجي. پنڌ هلندڙ ماڻهو کي جڏهن اها ڪاتي پير منجهہ لڳندي آ تہ ڪيس "ٽڏو" ايندو آهي. ماڻهو ڪان هلڪي دانهن نڪري ويندي آهي. پير ۾ لڳندڙ ڪاتيءَ کي "ٽڏ" چوندا آهن، ان کي "ٽُڏَ" چوندا آهن.

ٽَير — ٻڪر: (هي لفظ ڪوهستان ۽ لس جي سموري علائقي ۾ استعمال ٿئي ٿو)

ٽورڪو — ٽور وـ ٽورڙو (هي لفظ ڪوهستان جي سموري علائقي ۾ استعمال ٿئي ٿو)

ٽوٽا ڏيڻ — رُلڻ (هي لفظ ڪوهستان جي سموري علائقي ۾ استعمال ٿئي ٿو)

ٽي ڪرڻ — هِيٺ ڪرڻ ـ شرمندو ڪرڻ (جدگالي لهجو)

ٽيلهي — ٽيلهو: ڪتابان ٽيلهيءَ ڪان. ڪتاب ٽيلهي ۾ ڪر.

(ٽ)

تَڪُ وِنگي، وَرَ گهٽا، ڪَٽيان ڪچاڙو؟
ڪاپـي مـٿـان ڪِـيـتـرو آٽـيـان اُڏارو،
جَي وَرُ ڏئي وارو، تہ سونُهان سَرتُين وِچَ ۾.
(شاهہ)

ٽول — هنڌ، بستا، وهاٽا (جو ڪيا ۾ خاصخيلي ڳالهائين)

ٽاندومار — تاندو وسا (گڏاپ جو لهجو)

ٽيلگ (واحد) — اک (بلوچي زبان جو لفظ آهي.)

ٽيلگا (جمع) — جملو: آڄڻ ڪڻ پَرزڻ سِين ٽيلگام ڪَيو
سرمو ڪڻ سرميداڻيءَ سان اکين ۾ وِجهہ.

ٽوهتينگ — پوٽيءَ جو قسم
وارياسي پٽن تي جام ٿئي ٿي. ڪي ماڻهو هن جي پاڙ سڪائي، پُسائي اچو "سوهيرو" ٺاهيو ويندو آهي. گهڻا ماڻهو پاڙ جي ڪل لاهي، سُرميداڻي وانگر اکين ۾ ڦيرائيندا آهن.
(حوالو، صفحو (547) ڪراچي سنڌ جي مارئي، ليکڪ، محترم گل حسن ڪلمتي)

ٽاپ ڪرڻ — وار نهرائڻ، وار ڪترائڻ
يا
ٽاپ ڪيڏائي — گڏاپ جي علائقي ۾ اڪثر عورتون پنهنجن ٻارن کي چونديون آهن تہ "عيد اچڻ واري آهي، وڃو ٽاپ ڪيڏائي آچو". جنهن جو مطلب اهو آهي، تہ "وار نهرائي آچڻ". جيئن تہ ٽاپ ڪيڏڻ جو مطلب وار نهرائڻ جو ورتو وڃي ٿو. ننڍڙا ٻار هڪٻئي کي "ٽاپ ڪيڏڻ" جو اصطلاح استعمال ڪندا آهن.

ٽُڳڻ — سبڻ، سلائي ڪرڻ
ڪپڙو ٽُڳي ڇَڏِ. فاطمہ! ڪپڙو سلائي ڪر.

کپڙو ٽڳي ڏي. اُترادي لَهجي ۾ کپڙو "ٽوپي" ڏي.
کپڙا سبي ڏي.

ٽولَر — جونءِ (جمع) (رنڊُ)-(بوڊُ)
وڏي جونءِ جو قسم، رَنڊو، بوڊو (بوڊر)
جونءِ جي لاءِ "بوڊُ" جو لفظ گڏاپ جا بروهي بلوچ بہ ڳالهائيندا آهن. هي بلوچيءَ جو لفظ آهي.
ننڍڙي جونءِ کي "ليک" جنهن کي "جوکيا" گڏاپ جا "جَيُون" چوَن.
جملو: روز تڙ کنديءَ تہ مٿي ۾ ٽولرءَ کونہ پونديئي.

ٽلي آءُ — هلي آءُ، جوکيا استعمال کندا آهن.

ٽوپي — ٽوپي: ٽوپيءَ منان ڏئي. ٽوپي مون کي ڏي.

ٽونس — پاپا، ٽونس: مَن ٽونس وارن. آءُ ٽونس کائيندس.

ٽونسا — ٽونسو، مُک: مَنا ٽونسا مَجَن. مون کي ٽونسو نہ هڻ.
اترادي لهجي ۾ "ٽونشو" چوندا آهن.

ٽکيٽ — ٽکيٽ: مَنايک ٽکيٽِ بِدي. مون کي هک ٽکيٽ ڏي.

ٽيڙا — ٽيڙو: مَن آسنا ٽيڙا کَنَگايان. آءُ لوهہ کي ٽيڙو ٽو کريان،

ٽُنگ — سوراخ، ٽُنگ: کاغَزا ٽنگ بِکان. کاغز کي ٽُنگ کر.

ٽيليفون — ٽيليفون: مَنا ٽيليفون مَکان. مون کي ٽيليفون نہ کر.

ٽيليويزن — ٽيليويزن: ٽيليويزن مَچار. ٽيليويزن نہ ڏس.

ٽارچ — هٿ بتي، ٽارچ: مني کِرا ٽارچ نيس تين. مون وٽ ٽارچ کونهي.

(ٺ)

نلها ناھہ نڳيءَ جا، مُنهن ۾ مسلمان،
اندر ۾ شيطان، پنجُو پنهنجي پيت لئہ.
(مشڪور ڦلڪارو)

| | |
|---|---|
| ٺپوڪَ | سوٺي، چلٺي، آلن ڪپڙن کي ڌوئڻ وقت سوٺي هڻڻ |
| يا | (بلوچي ٻوليءَ ۾ استعمال ٿئي ٿو) گذاپ جا واڍيلا ۽ جدگال استعمال ن ٿا. |
| ٺپڪو | حاجره! ٻچن کي ٺپڪو آهستي هڻ. حاجره! ڪپڙن کي سوٺي آهستي هڻ. |
| ٺانگر | ٺانءُ، چلھہ مان ڦليار (راک) جنھن ٺانوَ ۾ ڪٽبي آهي، ان کي "ٺانگر" چوندا آهن. |
| ٺوُلو | پيالو (جدگالي لهجو) لاڙي لهجي ۾ بہ استعمال ٿيندو آهي. |
| ٺپو | ٺپو، مهر: مَني ڪِرا اسَڪول ٺپا آستين. مون وٽ اسڪول جو ٺپو آهي. |
| ٺونٺ | ٺونٺ: مَني ٺونٺا لَگتا. منهنجي ٺونٺ ۾ لڳو آهي. |
| ٺيري | بلور، ٺيري: مَن ٺيري ئي لَيبايان. (بلوچي) آءُ بلور جي راند ڪريان پيو. |

(ث)

ثابت لنگھيا سِيرَ، لَهرين لوڏيان ڪِين ڪي،
وَجي پُهتا پار ڪي، نِرتُون منجهان نِيرَ،
ماءِ! پَهُتا مِيرَ، پار لنگهِيائون پاجهَ سِين.
(شاهه)

| | |
|---|---|
| ثمر | ثمر پمپ: مَئي ڪرا زياده تر ثمر هلگان. (بلوچي) اسان وٽ زياده تر ثمر هلن ٿا. |
| ثواب | نيڪي، ثواب: هرچي نيڪي ڪن تين آئيا ثواب ملي. (بلوچي) جيڪو نيڪي ڪندو ان کي ثواب ملندو. |

(پ)

پريان سندي پار جي، مڙيئي مٺائي،
ڪانهي ڪڙائي، چکين جي چيت ڪري.
(شاهه)

پَڙَچ — تَڏو، "زمين تي وڇائڻ وارو".
سنڌ ۾ "پَڙَچ" ناهڻ وارو تمام پراڻو هُنر آهي. لاڙ جي ماڻهن جو روزگار، گذر سفر "پڙچ ناهڻ تي هوندو هو.

پُڇَ — ڪَپڙا

پُڇ مُڇَ — ڪَپڙا لَتا (ٻٽو لفظ)
"مير! پُڇَ وجهي آءِ"
"مير! پُڇ وجهي آچُ." (مير! ڪپڙا پائي اچ).

پاٽي — پاٽي ادا، پاٽي ٻاٽي پيار (ٻٽو لفظ

پانجو — پنهنجو، پانجو گهر پري آهي
"پانجو" جو لفظ لاڙ ۾ ڳڏاپ وارا ماڻهو استعمال ڪندا آهن.

پَئين — پنهنجو ۽ پنهنجي
پَئين مَئين، ٻٽو لفظ جملو" يو ڏڳو مَئين پَئين اي."
هي ڏڳو منهنجو پنهنجو آهي.
(جدگالي لهجو) واڍيلا بلوچ بہ استعمال ڪندا آهن.

پَتي — چانهه جي پَتي
جملو۔ زبير! چانهه ۾ پَتي متي زياده وجهہ.
پَتي مَتي = ٻٽو لفظ آهي، ٻنهي لفظن کي الڳ ڪرڻ سان جُدا جدا معنائون ڪيندا آهن.
پَتي جي معني حصو، ادا، ڏڳي ۾ ڪنهن جي پتي آهي"
مَتي = = هوش، عقل، ٻاهه، ڪاوڙ، تيز
متي = مَچي. ادي فاطمہ! هر هنڌ ٻاهِ متي پئي آ

هير! محفل "متي" آ، جو منير، زبير، وقار، احمد نواز واڍيلو، مير ۾ قنمبر شهر کان سعيد چانڊيو آيا آهن.

پِچا — اکين جو مَرُ
هيءُ ماني چا کار ائيندو، اکين مان "پَچا" پيو ڪڍي.

پِچون — اترادي لهجي ۾ "پِچون" اکين ۾ سفيدي اچڻ
گڏاپ جا ماڻهو اُن "سفيدي" کي "مَرَ" چوندا آهن.

پُت پُٽي — ڪُنيي،

پِلينڊ — شرارتي، ٻن کي ويڙهائڻ وارو، هي لفظ پلينڊ آهي، جيڪو بلوچيءَ جو لفظ آهي، جدگال بہ استعمال ڪندا آهن.

پِچڪو — پتڪڙو

پتاڙ — اڳٺ

پچيرڻ — ڪپڙو ـ ڪپڙي جو قسم
اهو ڪپڙو جنهن ۾ ماءُ پنهنجي ننڍڙي ٻار کي وجهي، ان ڪپڙي جون چارئي ڪنڊون پاڻ ۾ ملائي متي سان ٻڌندي آهي، پو اها هلندي ڪم ڪندي، گهمندي وتندي آهي تہ ٻار ان "پچيرڻ" ۾ آرام سان ستو پيو هوندو آهي.

پِينچَ — مار ـ ڪنڪو ـ سَنڪو (اهڙو پينچ ڏيوس، وري نہ اچي)
ڏاس کي "پيچ" ڏئي، پو وتبو آهي. اها وتيل ڏاس گول ڪري ٻانهن ۾ چوڙو ڪري وجهندا آهن. ان کي "ڏوتي" چوندا آهن پو ان جي اندران تند ڪڍي ڪنهن

پارابو — نياپو ـ سَنهيو لاڙي، ڪوهستاني لهجن ۾ بہ استعمال ٿئي ٿو
وقار! تون واجد جي ڳوٺ وڃين پيو، ان کي پارابو ڏج تہ مون کان ٿي وڃي.

پارابا — نياپا

ادا! جنيد کي پارابا موڪليا آهن. الائي ڇو اڃي نہ پيو.

| | |
|---|---|
| پُرهيہ | مَرد (جدگالي لهجو) |
| پيئڙو | هئڊو |
| پونجارٽي | سانجهي ڪان ٿورو اڳ وارو پهَر يعني وچين ۽ سانجهي جي وچ واري وقت کي "پوجاٽي" چوندا آهن.<br>"پونجاٽيءَ جو پهر ظالم، پنجي چو ٿي پلا آرس".<br>شاعر: اياز جوکيو<br>اُترادي لهجي ۾ "ج" جي جاءِ تي "ي" جو آواز "پونياڙي" ۽ "ٽ" جي جاءِ تي "ڙ" استعمال ڪندا آهن. |
| پَتيلو | ديڳڙي يا ديڳڙو<br>جملو: پاڻي پتيلي ۾ پيو آهي<br>پاڻي ديڳڙيءَ ۾ پيو آهي. |
| پِٿون | لِڦُون |
| پَنُ | گاهہ جو پَن |
| پَبَ | جبل جو نالو، ماٺهوءَ جو نالو، ڳوٺ جو نالو، پَبَ ملير، پَبَ ۽ ملير ٻئي ماٺهوءَ جا نالا آهن. |
| پاپوهہ | پيار، محبت |
| پُر | پَريل، بلوچيءَ ۾ بہ ڳالهايو ويندو آهي. |
| پاڳ | پڳ، پٽڪو (بلوچي ٻوليءَ جو لفظ آهي)<br>گهوٽ جي پاڳ سُهڻي آهي. (جدگالي لهجو) |
| پُئي | وهنجڻ واري جاءِ، ڪاڪُوس ڪرڻ واري جاءِ<br>جملو: تون هير پُئي تان ڇي آيو اين. (جدگالي لهجو)<br>تون هير پُئي تان ٿي آيو آهين. |
| پاڳ | پڳ، پٽڪو: حسن پاڳا بَند. حسين پڳ ٻَڌُ.(بلوچي) |
| پتنگ | لغڙ: پتنگا بال دَئي، (بلوچي) لغڙ اُڏار. |
| پوش | ڪور، پوش: ميزي پوش، ميز جو پوش |
| پوست | چمڙو، کل، گوڪي پوست ڪُجائين. (بلوچي) ڳئون |

جو چمڙو ڪتي آهي

| | |
|---|---|
| پَس | ٻڪري: پسان چارين بيا. (بلوچي) ٻڪريون چاري اچ |
| پشڪ | چولو، قميص: پشڪا دوچ. (بلوچي) چولو سِب. |
| پشت | پٺ: پشتا ٻجار. (بلوچي) پويان نهار |
| پُشتا | پويان، پٺيان: پشتا ٻرو. (بلوچي) پويان وڃ. |
| پگهار | پگهار، اجرت: مَن گپهار گِتا. (بلوچي) مون پگهار ورتو آهي. |
| پونمَڙ | پولڙين: پَس پونمڙ دان. (بلوچي) ٻڪري پولڙين ڏي ٿي. |
| پيار | پيار، محبت: مَنا تئي گومان پيار استين. (بلوچي) مون کي توسان پيار آهي. |
| پادانيا | پيرين پنڌ: من پادانيا گڏاپا شتگان. (بلوچي) مان پيرين پنڌ گڏاپ ويو آهيان. |
| پاد | پير: منين پاد درد ڪَنَگين. (بلوچي) منهنجو پير ڏکي ٿو. |
| پنيرباد | پنير: پنيرباد شيرين درماني. (بلوچي) پنير باد سٺي دوا آهي. |
| پُٽ | وار، پنگ: پَسي پٽ ڪڪڙ پٽ اِشاني توڪا فرقين، ٻڪري جي وارن ۽ ڪڪڙ جي ڀنگن ۾ فرق آهي |
| پيدا | جاپڙ، جاؤ، پيدا: جاويدا چُڪي پيدا بيتا. (بلوجي) جاويد کي پٽ جاؤ آهي. |
| پيداڪين | اڇي پيو: منصور ٿلهو پيدا ڪين. (بلوچي) منصور ٿلهو اچي پيو. |
| پمپ | هوا ڀرڻ وارو پمپ: پمپاگون گُواتا پرڪان. (بلوچي) پمپ سان هوا ڀر. |
| پينمپ | پائيپ: آپي پينمپ ترڪِتا. (بلوچي) پاڻيءَ جو پائيپ ڦاٽي پيو آهي. |
| پينڊل | پينڊل: سائيڪل پينڊل. (بلوچي) سائيڪل جو پينڊل |

| | |
|---|---|
| پاڪي | صاف: منين گڏ پاڪان: منهنجا ڪپڙا صاف آهن. |
| پاقي | بليڊ: پاقي تيزين. بليڊ تِکو آهي. |
| پِتِ | پيءُ: تئي پتي نام چيئين؟ (بلوچي) تنهنجي پيءُ جو نالو ڇا آهي؟ |
| پين | پين: سبزين پين. سائو پين |
| پنچر | پنچر: موٽر سائيڪل پنچرين. (بلوچي) موٽر سائيڪل پنچر آهي |
| پِير | پوڙهو، ولي، بزرگ: (1) تؤ پير بيتگي. تو پوڙهو ٿيو آهين. (2) مئي پير حضرت پيرانِ پيرين. اسان جو پير حضرت پيرانِ پير آهي. |
| پَپِيا | پپيتو: پپيائي جاڙ مَزينن، پپيتي جو وڻ وڏو آهي |
| پانَ | ڪاٺ وارو پن: منا پانيءِ بِدي. مون کي پن ڏي. |
| پيش | پيش، ننڍي و جي شڪل: اکراني سَرا پيش، زير زبر بَيان: اکرن تي پيش، زير، زبر ٿيندا آهن. |
| پاڪيٽ | ننڍڙو باڪس: پاڪيٽ توڪا پيسايان مان بڪان. پاڪيٽ ۾ پيسا وجهه. |
| پنڊِگ | پنڻ، گهرڻ: فقير پنڊاگين. فقير پني ٿو. |
| پڪا | پڪل، پڪو: انب پَڪا. انب پچي ويو آهي |
| پُچ | ڪپڙا: منين پُچان پيار، منهنجا ڪپڙا کٽي اچُ. |
| پچگين | پچائي ٿو، ٿي: نگنان پچ گين، ماني بچائي پيو/پيئي. |
| پهلوان | پهلوان: اختر ي پهلواني. اختر هڪ پهلوان آهي. |
| پَچ | بچائي: نگنان پَچ. ماني پچاءِ. |

## (ج)

جيئڻ سو هَرَڻُ هُماءِ، سَرگردان سنسارَ ۾،
هيءَ پَڳُ نہ کوڙي پَتين، هُو ڏَڙَ سِرِ ڏَري نہ ساهُه.
(شاهہ)

| | |
|---|---|
| جَنهي | جبل جو نالو |
| جوگن | اُکري يا اکرو، بلوچي ٻوليءَ جو لفظ آهي. گذاپ جا ”جوکيا“ استعمال ڪندا آهن. |
| جينجو | جنهن جو ـ گذاپ، لاڙ ۾ ملير جي علائقن جا ماڻهو ۽ جدگالي لهجن ۾ بہ اکر ”هہ“ وارو آواز ڪڍيو ڪو نہ ويندو آهي. نہ ئي ڪن لفظن ۾ لکيو ويندو آهي. |
| جِتڪَي | جتي جدگالي ۽ بلوچي لهجو |
| جمپ | جمپ، ٽپو: جمپ مَجان. جمپ نہ هڻ. |
| جگ | جگ: جگ پُرين.جگ پريل آهي. |
| جُلهہ | وَنو: مرچي جلهہ بندگي روچين. اڄ وَني جو ڏينهن آهي. |
| جوش | لهر، جذبو: آپ جو شايان. پاٽيءَ لهر ڪنيو آهي. |
| جشن | جشن، خوشي: ماچاردا اگست جشن ملهانين. اسين چوڏانهن اگست تي جشن ملهايون ٿا. |
| جذبات | جذبو: وَتي جذباتان ڪم ڪِان. پنهنجا جذبا گهٽ ڪر. |
| جُدا | الڳ: مناچي الڳ مَبهي. مونکان الڳ نہ ٿي. |
| جُدائين | الڳ آهي، مختلف ها: تئي راه جدائين مَني راهہ جدائين، تنهنجو رستو الڳ ها منهنجو رستو الڳ آهي. |
| جول | اونهو: چات باز چلان. کوهہ اونها آهن. |
| جگہ | هند: اي جگہ صافين. هِي جگہ صاف آهي |
| جنگ | لڙائي: سن 1965ع جنگ لَڳِتا. سن 1965ع تي |

لڙائي لڳي هئي.

جوان — جوان: مُن جوان بِيتگان. (بلوچي) مان جوان ٿيو آهيان.

جواب — جواب: تؤمَنا جواب داتا. (بلوچي) تو مون کي جواب ڏنو.

جهالر — جهالر: هي جهالري. هي جهالر آهي.

(ڄ)

ڄـاڻـِـي ٻُـجـهـي ڄَـن، تـوسـِـن سُـورَ سُـڄ ڪِـي،
تون ڪِيئَن سنديُون تَنِ، سين پَچارون ڪَرِيين.
(شاهه)

| | |
|---|---|
| ڄيرو | باهه: "يو ڄيرو ڪنهن ٻاريو آيَ"، ريحانه! ڄيرو ٻاري وَٽ تـہ ٻوڙ تيار ڪَي (هي باهه ڪنهن ٻاري آهي) |
| ڄيرو | اندر جي باهه (واڍيلا بلوچ) |
| ڄَرَ | سڙڻ، خارش. ادا، مون کي پير ۾ ڄَر پئي |
| ڄام | زيتون، ڪوهستان ۽ ملير ماڻهو زيتون کي ڄام چوندا آهن. جوکيا ـ خاصخيلي ۽ واڍيلا بلوچ استعمال ڪن ٿا. |
| ڄار | وڻ جو قسم (مڇي مارڻ واري "رَڇَ" کي بہ "ڄار" چوندا آهن) |
| ڄَيون | جوئون، جنهن کي "لِيک" بہ چوندا آهن. |
| ڄائو | پيدا ٿيو، ادا، نواز کي پُٽ ڄائو آهي. |
| ڄائو | ڏورو، اڻ ڪڙهيل کير ۾ سنباڻ وجهي اُن کي ڄمائڻ جي لاءِ "ڄائو" جو لفظ استعمال ڪندا آهن. |
| ڄاقل | زيتون جوکيا ـ خاصخيلي ۽ واڍيلا بلوچ سميت پوري ڪوهستان، لس ۽ لاڙ ۾ استعمال ڪيو ويندو آهي. |
| ڄَڙو | ڄَڙو ـ جهڙو |

(جهه)

جَهنگَلُ هَلِيا، سي نـہ پُليا، راهہ هَلِيا ڦُرجَنِ،
آوَجَهڙِ سي تـہ پوَنَ، ٻيئي جنين جَڏيُون.
(شاهہ)

| | |
|---|---|
| جهور | زهر<br>هي دوا ڪڙي جهور لڳي پئي اِي<br>هي دوا ڪڙي تيز/زور لڳي پئي آهي<br>لاڙي ۾ گڏاپ جا ماڻهو اکر "ز" جي جاءِ اکر "ج" جو بہ استعمال ڪندا آهن. "زال" کي "جال"، زور کي جور، زوراور کي جوراور. |
| جهڻ | لَسي |
| جهڻ ٻڻ | لسي، ٻسي (ٻٽو لفظ)<br>ادا، جهڻ ٻڻ پي وڃو.<br>ادا، لَسي، ٻسي پي وڃو |
| جهڳڻ | لَسي ناهڻ، ولوڙڻ يا ڪنهن شئي کي ملائڻ |
| جُهور | گل جو قسم، خوبصورت گل آهي، هن گل جو پن زهريلو ٿئي ٿو. |
| جنگ ڪنڊ | ديهہ جو نالو (ڪوهستان ڪراچي) |
| جهونجهار | ديهہ جو نالو (ڪوهستان ڪراچي) |
| جهنگلي پير | وڻ جو قسم (ڪوهستان ڪراچي) |
| جُهل | ونواهہ (بلوچي لفظ)<br>ڪنوار کي ونواهہَ ۾ ويهاريندا آهن. بلوچيءَ ۾ انهيءَ رسم کي "جُهل" بندي چيو ويندو آهي.<br>واڍيلا بلوچ ۾ جڏگال "جُهل" جو لفظ استعمال ڪندا.<br>ادي! آج فرزانہ جو، "جُهل اي بہ" يا "اج فرزانہ جو جهل ٿي". |

ادي! اڄ فرزانه جو ونواهه آهي. ادي! فرزانه جو "ونا" آهي، لاڙي ماڻهو "ونا" چوندا آهن.
لاڙ جا ماڻهو ڪيترن لفظن ۾ "هه" جو آواز ڪونه ڪڍندا آهن، دراوڙي قوم جا ماڻهو جيڪي ساموندي پٽيءَ ۾ رهن ٿا، جن کي ماڱر، ماڇر، ملاح، ميد چيو ويندو آهي، اُهي هه جو آواز ڪونه اپاريندا آهن.
لاڙڪاڻي ۾ "موهن جو دڙو" جي پر ۾ رهندڙ ڳوناٺا "موهن" لفظ جو اچار "موئين" چوندا آهن. ڪنهن وقت ۾ ڏوڪري اسٽيشن تي بيٺل ٽانگن وارا سواريءَ کي آواز ڏيندا هئا، هلو "مُئين" هلو، اهي "هه" جو آواز ڪونه ڪڍندا هئا:

(ج)

ڄُوڄڻ ڇنـي آءُ تون، منهنجا پور پاءُ،
ڏرتي پنهنجي ماءُ، ڪيو ڏارين قيد مان.
(مشڪور ڦلڪارو)

ڄوڄڻ

وَنگُ: ڳڏاپ ۾ آواز ”ج“ جي جاءِ تي ”ن“ جو استعمال ڪندا آهن، منعيٰ ”نوڄڻ“
”ڄوڄڻ“ سنڌي ٻوليءَ جو قديم لفظ آهي، جيڪو سنڌ جي لاڙ واري علائقي ۾ اڄ بہ مالدار ماڻهو ڪم آڻيندا آهن. ڪير ڏيندڙ جانورن، جهڙوڪ ڳئون يا مينهن کي پاڳيا ڏهائيءَ وقت پوين ڄنگهن ۾ جيڪو ونگ ۽ ڍنگ وجهندا آهن، ان کي لاڙ ۽ ڪوهستان (خاص ڪري ٺاٽي ٻولا خان کان ٺٽي تائين) ۾ ”ڄوڄڻ“ چوندا آهن، جيئن تہ ”ڄ“ اکر جا لفظ تاريخ جي قديم زرعي دؤر کان پوءِ گهٽي پاڳي عام وهنوار واري ٻوليءَ مان ختم ٿي ويا آهن پر خوشقسمتيءَ سان هي ”ڄ“ سان شروع ٿيندڙ هڪ لفظ، ڄ اکر جي باقيات طور اڄ بہ مستعمل آهي، اُتر طرف ”ڄ“ اکر، ”ن“ ۾ تبديل ٿيڻ ڪري اتي ”ڄوڄڻ“ يعني ونگ کي نوڄڻ چوندا آهن، ٻئي طرف ٿر واري علائق ۾ ان ساڳئي لفظ کي ”نهنڄڻ“ چيو ويندو آهي.
ان کان سواءِ ڏهائيءَ وقت ڳئون جو ڦر، گابو يا گابي، ڳئون جي اڳينءَ ڄنگهہ سان ونگ ڏئي ٻڌبي آهي، ان کي ٻڻ ”ڄوڄڻ“ چوندا آهن.

## (چ)

چَنڊ تنهنجي ذات، ڇاڙيان تان نہ پرينءَ سين،
تون آچو مَ رات، سڄڻ نت سوجهرو.
(شاهہ)

| | |
|---|---|
| ڇُڪَ | پُت: بلوچي ٻوليءَ جو لفظ |
| ڇُڪَ | مئيلو، مصالو ڪٽڻ جو اوزار (مُهري)<br>اُکري ۾ مرچ پيل آهن، ڇُڪَ سان سي ڪُٽي ڏي<br>(گڏاپ جا جوکيا ڳالهائين)<br>"مُهري" کي واڍيلا بلوچ "موئيلو" چوندا آهن. |
| ڇِلٽي | سوٽي: جنهن سان ڪپڙن کي ٽَپڪو آ.<br>گڏاپ جا رهندڙ واڍيلا بلوچ "سوٽي" جي لاءِ "ٽَپوڪ" لفظ استعمال ڪندا آهن ۽ جوکيا "چلٽي" چون.<br>ٽپوڪ بلوچيءَ جو لفظ آهي. |
| ڇَي | هلڻ = "هي ناچي ٿو"، هي نہ ٿو اچي. |
| ناچي | نہ هلڻ |
| ڇُل | رڍ ٻڪريءَ واري جاءِ، بلوچي لفظ آهي، جنهن کي واڍيلا بلوچ استعمال ڪندا آهن. لاڙ جا ماڻهو "ڇُل" لفظ جي جاءِ تي "ڪُل"، خاص ڪري درياهن تي شڪار ڪندڙ ماڻهو ناڪئاءِ خلاصي "ڪل" جو لفظ استعمال ڪندا آهن. اترادي لهجي ۾ "ڇُلهہ" جو لفظ ڪتب آندو ويندو آهي. |
| ڇيلڪ | نوڙي _ رَسي<br>هي رَسي (ڇيلڪ) ڦڙن مان ناهيندا آهن. سنهڙي رَسي کي ڇيلڪ چوندا آهن. |
| ڇوُڇڪو | اُبهم _ ننڍڙو ٻار |
| ڇِڪار | ڀَريل _ ڳُل (سنڌي ۽ بلوچيءَ جو لفظ آهي) |
| ڇوري | گج (لباس) (عورتن جو چولو) جدگالي لهجو |

چَان — چانهه (جدگالي لهجو) ڪوهستان وارا ٻه ڳالهائين

چِيني — چانهه جي پيالي (جدگالي لهجو) ڪوهستان ۾ لس ۾ استعمال ڪيو ويندو آهي.

چَم ڪُتِ — بي حيا ـ اکين پور (جدگالي لهجو) بلوچيءَ جو لفظ آهي

چُني — مگٽو (جدگالي لهجو) ڪوهستان ۾ لس ۾ استعمال ڪيو ويندو آهي.

لاڙي لهجي ـ ٿري ـ وچولي لهجن ۾ "چُني" جي معنيٰ پوتي، رئو، گندي يعني مٽي ڪي ڍڪڻ وارو ڪپڙو. ادي! چني تي پرت پريو آهي، اهو ڏس.

چمچي — چمچ: چمچي ڪُجائين. چمچ ڪتي آهي.

چُڪ — پُت: تؤڪَئي چڪي. تون ڪنهن جو پُت آهين

چشما — چشمو، عينڪ: (1) چشمايا چمان ٻِڪان. چشمو اکين

ءِ چشمگ — ۾ وجهه. (2) آپي چشمگ هَلگانيان. پاٽيءَ جا چشما هلن ٿا.

چيز — شيءِ: وَرگي چيز شَران. ڪاڏي جون شيون سٺيون آهن.

چانگ — پنوڙو: آرتي چانگ. اتي جو پنوڙو.

چُلهه — رڌڻو: چُلها ٻرو نگنان پچ. رڌڻي ۾ وڃ ماني پچاءِ.

چمڙا — چمڙو: نرمين چمڙايا بيار. نرم چمڙو ڪڻي اچ.

چوت — تيڙو: هي آسن چوتين. هِي لوهه تيڙو آهي.

چار — نهار: گوڪان چار. ڳئون ڪي ڏس.

چمپل — چمپل: چمپلان پادا ٻِڪان. چمپل پير ۾ ڪر.

چين — زنجير: چينا لگائِن. چين لڳائي.

چقمق — مقناطيس: اي چقمقي. هي هڪ چقمق آهي.

چُن — چن: چن تيزين. چن تکو آهي.

چُوس — چوسڻ: انبا چوس. انب چوش.

## (ڃ)

ڃڏي هَلِيو هِتهِين، راڻيون پنهنجا راڄَ،
اگهيو دَرِ الله جي، ڪوڙين پُنسِ ڪاڄَ.
(شاهہ)

| | |
|---|---|
| ڃَي | ٿَي |
| ڃندڙو | ٻُهارو: |
| | ڃندڙو ڪٽي آڻ، تہ گهرَ ڪَرين (جدگالي لهجو) پوري ڪوهستان ۽ لس ۾ ڳالهايو ويجي ٿو. |
| | ڪُرين جي معنيٰ صاف ڪرڻ) (لاڙي لهجو) |
| ڃڪڃان | وَٽَ وٽان (ڃڪڃڪان، وٽ وٽان) |
| ڃَپَ | ڏوري جو نالو، جتي پاڻي اچي بيهي رهي ڍبو ٿي وڃي، ان کي "ڃپ" چون ٿا. |
| | هن ڏوري کي "شاهي ڃَپَ" جي نالي سان بہ سڏيندا آهن. |
| ڃتر | پڙش |
| | نواز! ڃتر وجهہ تہ پيهان" |
| | پڙڇ وڃاءِ تہ ويهون |
| ڃيڳري | ڃڙواڳ: ڃوڪريءَ جي لاءِ ڃيڳريءَ جو لفظ استعمال ڪبو آهي. |
| ڃانگ | ورڻ جي ٽاري |
| ڃوريون | گهڻيون ڃوڪريون پتو لفظ "ڃوريون پوريون" |
| ڃڙڪو | تيز |
| ڃڙو | ڪنوار (ڃڙو ڃانڊو) |
| ڃورا | گهڻا ٻار، گهڻا ڃوڪرا پتو لفظ "ڃورا پورا" |
| ڃال | ڃِپلِ (ڳڏاپ ۾ جوڪيا ۽ واڍيلا بلوچ ڳالهائين) |
| ڃال | ڪُڏَ، نينگ نپا |
| | ڪاڪَ نہ ڄَهليا ڪاپڙي، موهيا ڪهہ نہ مال |

جي چورن ڏنا چال، تہ بہ لاهوتي لنگهي ويا
(شاهہ)

ڪوهستان ۾ چال، جتي پيش جي ڦڙهي مان ناهين ٿا، انهن جتين کي چال چيو ويندو آهي، چالون جمع

چار — چالاءِ، چوءِ
تون مانڻ سِين گڏ چار ناچي سو
تو مون سان گڏ چالاءِ نہ ٿو هلين

چوءِ — چا
جملو: توڪءِ چوءِ اج "يَسين" لِچوئين
توکي چا آهي، هُن سان چنبڙيو پيو آهين.
لچڻ يا لچئو جي معنيٰ چمبڙڻ
جدگالي لهجوءِ هي لفظ واڍيلا بلوچ بہ ڳالهائين، ڪوهستان جي علائقي ۾ استعمال ٿئي ٿو، عام بلوچ بہ ڳالهائين.
ڪن لفظن ۾ (الف) جي جاءِ تي "ي" جو لفظ بيان ڪندا آهن.
"يسين" "آسين" (جدگالي لهجو)

چِپري — دَبڪي... پنڊي.. (جنهن تي ماني رکي وجي)
ڪَٽڪَ جي ڪلين يا گاهہ جي تلين جي ٺهيل هوندي
(ڳڏاپ ۾ خاصخيلي استعمال ڪندا آهن)
"امان! مانيءَ جي لاءِ چِپري ڪٽي آچُ"

چاهوڙي — دبڪَي، پنڊي،
ڳڏاپ ۾ جوکيا استعمال ڪندا آهن.
پيڻ، مانيءَ جي لاءِ "چاهوڙي" ڪٽي آچُ

چَلَ — لوٽي، (جنهن ۾ پاءُ ڪن پاٽي ايندو آهي)
پاٽي پيئڻ واري لوٽي، لاڙي ماڻهو بہ "چل" بہ لفظ استعمال ڪندا آهن.
(خاصخيلي، جوکيا)
ادي! پاٽيءَ جي چَل پَري ڏي"

| | |
|---|---|
| | امان، ڇَل ڏي پاٽي پيان |
| ڇار | قلهيار گڏاپ ۾ لاڙ<br>جدگالي لهجن ۾ "ڇار" جو لفظ استعمال ٿيندو آهي. |
| ڇَو | ٿيو (جدگالي لهجو) |
| ڇاڻ | هُئا، ٿيا هُئا، ٿيان (جدگالي لهجو) |
| ڇَڙ | لَهہُ (جدگالي لهجو) |
| ڇَيهار | چوهيث (جدگالي لهجو) |
| ڇتِ | ڇت: لوگي ڇت خرابين. گهر جو ڇت خراب آهي. |
| ڇي | ڇا: تؤ ڇي لوتي. تون ڇا ٿو گهرين. |
| ڇيا | ڇالاءِ: تؤ ڇيا زاري. تون ڇالاءِ ناراض آهين. |
| ڇَتي | ڇتِ: لاڙي ماڻهو استعمال ڪندا آهن. ترڪش زبان ۾ "ڇَتي" (Cati) معنيٰ ڇت (Roof) |

## (ح)

حَقَا حَقَ ٿِيوسِ، هُئي طالب حَقَ جي،
(شاهه)

| | |
|---|---|
| حدا | الله، خدا: حدا يا بِچارچو مَڪان. خدا کي ڏس ايئن نہ ڪر. |
| حد | ڏنگ، حد: مَني حداچي دير بُرو. منهنجي حد کان پري وڃ. |
| حدايا | خدا جي نالي: حدايا بچار نماز وانِ. خدا کي ڏس نماز پڙهہ. |
| حيوان | ندان، ڳُنگ دام، جانور: حيوانن نانِي سرا ظلم مڪان. جانورن تي ظلم نہ ڪر. |
| حون | رت: جانوراني حونا مريچ. جانورن جو رت نہ هار. |

## (خ)

خاموشي خَبرَ جي، مومل ٿِي مَتِ،
صَبر ٿيو سُپتِ، مُنهنجي حَقِ ميندڙا!
(شاهه)

| | |
|---|---|
| خاشو | سُهڻو، خوبصورت، خاشو، صحتمند لاءِ بہ استعمال ٿئي ٿو، ڪوهستان ۾ لس تائين هي لفظ استعمال ٿئي ٿو. |
| خاشي مؤنث | سُهڻي، خوبصورت |
| خچر | خچر: خچر يڪ جانوري. خچر هڪ جانور آهي. |
| خالي | خالي: جگہ خالي ئين. جگہ خالي آهي. |
| خون | رت، قتل: ڪَسيءِ خون مڪان. (بلوچي) ڪنهن جو قتل نہ ڪر. |
| خدمت | خدمت: ماتي پتي خدمتا بِڪَن. (بلوچي) ماءُ پيءُ جو خدمت ڪر. |
| خاڪ | متي- پليار: دار ستڪا خاڪ بِتا. (بلوچي) ڪاٺي سڙي قليار ٿيو آهي. |
| خاڪي | خاڪي رنگ: مفني پسنديده رنگ خاڪي ئين. (بلوچي) منهنجو پسنديده رنگ خاڪي آهي. |
| خان زاده | اوچو، وڏو: احمد يڪ خانزادائي. (بلوچي) احمد هڪ خانزادو آهي. |
| خنجر | خنجر، ڇُر: اسلمي ڪِرا خنجري استين. (بلوچي) اسلم وٽ خنجر آهي. |

(د)

دارُون ۽ ڪارُون، جان ڪي ڪيا ويجَ مون!
ٻُڪي ڏيندا ٻاجهہ جي، ٻِهاري ناڙُون،
جَن جُون سيڻُ لَهن سارُون، تَن تان ڏڪَندو ڏور ٿئي.
(شاهہ)

| | |
|---|---|
| دوزان | ديهہ جو نالو، ڪراچي ڪوهستان/ موڪيءَ جي پيٽ جو نالو |
| دوءِ | ڏڪو |
| | ڏوءِ وجين پٽ تي ڪريو |
| | ڏڪو ڪائي وجين پٽ تي ڪريو |
| دَدَڙ | ڪتي آمري (ڳڏاپ ۾ رهندڙ ماڻهو استعمال ڪن ٿا) |
| دبوق | بندوق |
| دنَزَ | دزَ ـ مِٽي (بلوچي لفظ) |
| دَئي | ڏونئرو (جدگالي لهجو) سنڌي ٻولي جو لفظ "دَهي" جدگالي، لاڙي لهجن ۾ "هہ" جو آواز ڪو نہ ايندو آهي. |
| دُدِي | ڳُڏي (جدگالي لهجو) |
| دوڙ پاءِ | دَڪائڻ (سنڌي ٻوليءَ جي سيني لهجن ۾ استعمال ٿئي ٿو) |
| دروازگ | دروازو: لوگي دروازگا بند ڪان. گهر جو دروازو بند ڪر. |
| درد | سور: مَني لاپ دردائين. منهنجي ڪَن ۾ درد آهي. |
| دار | ڪاٺ: داري چارگا شتا. ڪاٺ کي نهارڻ ويو آهي. |
| داري | جهيلنس: پينا داري. پين کي جهليندو |
| دل | دل: مَني دل خرابين. منهنجو دل خراب آهي. |
| دلپسند | پسنديده: بٹ مني پسندي ورگين. پٽ منهنجي |

| | |
|---|---|
| | پسند جو ڪاڏو آهي. |
| دِلريش | تڪليف: تؤ منين دل ريش ڪُتا. تو مون ڪي ڏاڍو تڪليف ڏنو آهي. |
| دلبر | دوست: تؤ منين دلبري. تون منهنڇو دوست آهين. |
| دَريڱِ | ڏري: لوڳي دريڳان پچ ڪان. ڳهر جون ڏريون ڪولي چڏ. |
| ديڳهہ | ديڳهہ: ديڳها چاڙين. ديڳهہ چاڙهي ڇَڏِ. |
| دير | ڀري: ڳڏاپ باز ديرين. ڳڏاپ ڳهڻو ڀري آهي. |
| ديران | دير سان: تؤباز ديران آتِڪِڳي. تون ڏاڍو دير سان آهيو آهين. |
| دوشمبي | ڏينهن جو نالو: دوشمبي روچہ بيا. سومر جي ڏينهن اچ |
| دو | ٻہ: دو روچہ رَند ٻيا. ڏينهن ڪان پوءِ اچ. |
| دَرمانِ | دوائي: تپي درمانان وَر تئي تپ هَتِي. تپ جو دوائي پِي تنهنجو تپ هتندو. |
| دوربيني | دوربيني: دوربينيا بيار. دوربيني ڪٽي اچ. |
| درويش | درويش، الله وارو: تؤ درويشئي. تون درويش آهين. |
| دوست | دوست: تؤ منين دوستي. تون منهنجو دوست آهين. |
| درياءَ | درياءَ: سنڌو درياءَ. سنڌو درياءَ. |
| دولت | رپيا، پئسا: منين ڪِرا دولت نيستين. مون وٽ دولت ڪونهي. |
| دشمن | دشمني تؤ منين دشمني. تون منهنجو دشمن آهين. |
| دَلوَت | جانور: دَلوَتانين سَرا ظلم مڪان. جانورن تي ظلم نہ ڪر. |
| دِيدار | ڏسٽي جناز ئي ديدار ٻڪني. جنازي جو ديدار ڪريو. |
| درگاهہ | زيارت: لال شهباز قلندي درگاهہ سيوهڻ شريفائين. لال شهباز جو درگاهہ سيوهڻ شريف ۾ آهي. |
| دِرين | اندلٺ: آسمانا دِرين ظاهرين. آسمان ڪي اندلٺ ظاهر ٿيو آهي. |

| | |
|---|---|
| دوجهان | ٻئي جهان: دوجهانانين سردار حضرت محمدصہ آسين. ٻنهي جهانن جو سردار حضرت محمدصہ آهي. |
| دوڳ | لسي. ڇَڻُ: مرچيگين دوڳِ ترپشان. اجهو ڪو لسي ڪٿي آهي. |
| دستي روغن | مکڻ، گيهہ: دستي روغن ختم ٿيتگان. مکڻ ختم ٿي ويو آهي. |
| دَستِ | هَٿِ: منين دو دستان. منهنجا ٻہ هٿ آهن. |
| دِشتارِ | ڪنوار: تئي منگني بيتا. تئي دِشتاري نام ڪئين. تنهنجو مڱڻو ٿيو آهي، تنهنجي ڪنوار جو نالو ڇا آهي. |

(ڏ)

ڏِٺايــو مِ، ڏَٺِيــن، جيــرو آنــدرِ جنــدَڙي
لڳــي سِيــخُ وجُــودَ مِ، سنــدي نِيــنهــن نئيــن،
مُشــاهــدي تــهِيــنِ، مــون ڪــي وِڏو مَــچَ مِ.
(شاهه)

ڏُوتاري — ٽِڪَ، آرسي، آئينو
جملو: "سچو ڏينهن پنهنجو مُنهن ڏوتاري ۾ پيو ڏسين". (واڍيلا بلوچ ڳالهائين) جدگالي لهجو

ڏُوپ — ڪپڙا ڌوئڻ
فرزانه ڏوپ پئي ڪَري
(فرزانه ڪپڙا پئي ڌوئي)

ڏُوپ — واس ڏيڻ

ڏِيئڙي — چوڪري (جدگالي لهجو) اترادي وچولي لهجي ۾ "ڏيئڙي" جو لفظ چوڪريءَ جي ڪتب آندو ويندو آهي.
ڪوهستان، اترادي ۽ وچولي لهجن "ڏيئڙي"، ڌي کي چئبو آهي.

ڌهوبي — ڪپڙن ڌوئڻ وارو: ڌهوبي ڳُدان شودگين. ڌهوبي ڪپڙا دوئي رهيو آهي.

(ڏ)

ڏمَرَ پاسو ڏُکُ سِين، ڪانڌِ ڪتُوري هوءِ،
وَالله مَعُ العابرِين، آگو اِيمينَ چوءِ.
(شاهہ)

ڏاس — وار
ٻڪرين ۽ رڍن جا وار
نواز، ٻڪرين جي ڏاس ڪتِر

ڏاڻ — وَنگ جو قسم
هيءُ ونگ گڏهہ کي هڻندا آهن. گڏهہ جي ٻن اڳين تنگن، پوين ٻن تنگن يا هڪ اڳي تنگ ۽ پوئين تنگ، ٻنهي ۾ "ڏاڻ" هڻندا آهن.

ڏري — سَر
پيتِ ـ اوٺ ـ جَهلو ـ گهر ـ اوطاق ـ رَهڻ واري جا ـ کي ڏري جا جهلا ڏيندا آهن.
سَر مان ڏري ٺهندي آهي، اهو سَر صفا سنهڙو ٿئي ٿو.
عام طور تي هي "سَر" جابلو پٽي ۾ جام ٿيندو آهي.
هن سَر جي "ڪاني" سنهڙي ٿيندي آهي. غريب ماڻهو پنهنجن گهرن (اجهن) کي ڍڪڻ جي لاءِ خاص طور تي سرن "ڏري" جو استعمال ڪندا آهن.

ڏا — ڏَهہ (جدگالي لهجو)

(ڏ)

ڏيلِيون نہ ڪي مور، ڪومايل ا ڪاسبو،
ويا چورائي چور، ساري سوپيا سنڌ جي.
(مشڪور ڦلڪارو)

ڏُول — مُنهن - چهرو
چوري جو ڏول ڏس،
اتر ادي ۽ وچولي لهجي ۾ ”ڏول“ ۽ ڏُول“ ٻئي لفظ استعمال ٿيندا آهن.

(ڍ)

ڍُٽف ڍُري ڍَٽِ ڍيئِيُون، آيون آمرڪوٽَ،
ڍسايون ڍَلرَ سين، سُڪا ڍَٽ جي سوٽُ،
ڇَنچل ڏٺي ڇُوٽ، سَڀ سامارو سِرُ ڪيو.
(شاهه)

ڍلڻ — چڏڻ (جدگالي لهجو)

ڍلينس — چڏينس (جدگالي لهجو)

ڍنيڪار — سُتڪو جدگالي ۽ ڪوهستاني لهجو ۽ بلوچي ۾ ڍنيڪار لفظ استعمال ڪيو ويندو آهي.

ڍنيورو — پنئورو (جدگالي لهجو)
اترادي لهجي، لاڙي لهجي ۾ "ڍنيورو" جي معنيٰ خوار ڪرڻ پتڪو، ڪنهن جي غير موجودگي ۾ ان جي برائي ڪرڻ، گهٽ وڌ ڳالهائڻ.

ڍنگ — ڍنگ: ڍنگ نمارا ڍنگ جتا. (بلوچي) نانگ ڍنگ هنيو آهي.

ڍولِ — ڍول

ڍَولِ — طريقو يا وانگر: منين ڍَولا مڪان. (بلوچي) مون وانگر نه ڪر.

(ذ)

ذرو آهـن ظـاهـر ۾، انـدر ڪُوريـون ڪـامـن،
ٻـرن ۾ اُجـهـامـن، جـذبـا مـاٽـهـو مـن جـا.

(مشڪور ڦلڪارو)

| | |
|---|---|
| ذرو | ننڍڙو، ٽڪرو - ٽُڪر |
| ذري | ڀرت جو قسم - ٽُڪري |
| | ڪنهن شئي جي ٿوري حصي جي لاءِ ذرو ۽ ذري جا لفظ ڪتب آندا ويندا آهن. |

(ر)

رامَ رَهيـن م رُوحَ، ڀَـهـر ڀولـيـن ڪِ ڀيـو،
سـنـدائـيـن سَـفـرَ ۾، مَـتـا تِـيـنَ مـوُءِ،
سامِيَڙا صُبوحَ، سارِيان گهٽو سَيد چَئي.
(شاهه)

رِڇُ جانور جو قسم

رَڇَ ڪاڏي پيتي جا تانوَ/تاب

جملو: ڪارو وا ئو آئو رَڇَ شينگ شانگ ڇي ويا.
(جدگالي لهجو) "شينگ شانگ" بلوچي لفظ آهي.
ڪارو واءُ آيو تانوَ تِڙَ پکڙ تي ويا. "رڇ" جو لفظ
جدگالي لهجي ۾ بہ آهي، جيڪا ساڳي معني رکي ٿو.
لاڙ جا ماڻهو "رَڇَ" جو لفظ "چار" جي لاءِ استعمال
ڪندا آهن.

"ڪو جو قهر ڪُن ۾، جو گهڙي سو لَهي
خبر ڪونہ ڏئي، تہ رَڇ ڪجاڙو رنڍئا".
سُر گهاتو (شاهه)

رانڍ شام (جدگالي لهجو)

روچ ڏينهن (گڏاپ ۾ ڪلمتي بلوچ ڳالهائين)، ڪوهہ
سليمانيءَ جا بلوچ "روش" چون.

راقو ڪُليل متي، وارياسي متي
آئون راقي ۾ قاسي پيوس

رَودِي سُتي پيئارڻ جي پيالي (جدگالي لهجو)

ريڙ لِيڙ (جدگالي لهجو) هي اصل ۾ بلوچيءَ جو لفظ آهي.
هي لفظ ڪوهستان ۽ لس ۾ بہ استعمال ٿئي ٿو.

رَمبَڪو روئڻ جو آواز (جدگالي لهجو)
(اترادي، وچولي لهجن ۾ "رمبڪو"، رنپ، معنيٰ رَڙَ)

رَئي مان هنڌ نچڻ ڪپڙن ۾ نہ ماپڻ (چوٽي) (جدگالي لهجو)

| | |
|---|---|
| ريشم | پشم، اُن: ريشما چي ريشمي رومال بني تين. (بلوچي) ريشم مان ريشمي رومال ٺهندو آهي. |
| رِيل | ڊيري، رول: گڏاپاچي سبزين رِيل بيار. (بلوچي) گڏاپ کان ساؤ ريل وٺي اچ |
| رَوَگ | وڃڻ: من ڪراچي روگايان. (بلوچي) مان ڪراچي وڃان پيو. |
| روت | آنڊا: منين روت زحمييان. (بلوچي) منهنجا آنڊا زخمي آهن. |
| رِنگ | وهيل: سائيڪلي رنگ زنگان. (بلوچي) سائيڪل جا وهيل زنگيل آهن. |
| ريل گاڏي | ريل گاڏي: ريل گاڏي ئي پٽڙي پُر شتا. (بلوچي) ريل گاڏيءَ جي پٽڙي ٽُٽل آهي. |
| ريڪ | بجري، واري، ريتي: ڪوري توڪا ريڪ بازين. (بلوچي) نئي ۾ ريتي گهڻي آهي. |
| رَلي | رِلي: سنڌي رلي مشهورين. (بلوچي) سنڌ جي رلي مشهور آهي. |
| ربڙ | رٻڙ: گاڏي ئي ٽاير ربڙي گان. (بلوچي) گاڏيءَ جا ٽائر رٻڙ جا آهن. |
| ريش | زخم: منين پادا ريشي درتڪا. (بلوچي) منهنجي پير ۾ رخم نڪتو آهي. |
| رِيش | ڏاڙهي: من وتي رِيشان داران. (بلوچي) آءُ پنهنجي ڏاڙهي ڇڏيندس. |
| رنگ | ڪلر، رنگ: گلابي رنگ گلابي ئين. (بلوچي) گلاب جي گل جو رنگ گلابي آهي. |
| رفتار | رفتار، اسپيڊ: ڪاري رفتار باز تيزين. (بلوچي) ڪار گاڏيءَ جو رفتار گهڻو تيز آهي. |
| رنج | ڏک، رنج، غمي من تراچي باز رنجان. (بلوچي) آءُ توکان گهڻو رنج آهيان. |
| ريشم | ريشم: ريشمي رومال، ريشمي رومال يا ٽوال. |

(ڙ)

ڙاڪُون ڏسي ڦاڪون، منهنجو مَن ٿيو،
ڪيڏو ڦهر ڪيو، ڏارين سنڌو درياهه سان
(مشڪور ڦلڪارو)

ڙي — ور - مڙس، ساموندي پٽيءَ ۾ عورتون مڙس جي لاءِ "ڙي" جو لفظ استعمال ڪنديون آهن.
ڙي! ڪچا پيو ڪرين.
ڙي! ڪچاڙو، "آڙي ڇا" سنڌي ٻوليءَ ۾ "ڙي" جو لفظ عجب يا ڪنهن وڏي دانهن، ڪوڪ جي پڻ معنيٰ ڏيکاريندو آهي.
گهوڙا ڙي، مار ڙي، ڏاڙ ڙي.
"ڙ" جو آواز ڪن لفظن جي پٺيان لڳائڻ سان ان لفظ کي ڪشش وارو ۽ چڪ وارو بڻائيندو آهي. ائين ڪٿي چئجي تہ "ڙ" جو آواز لفظ کي سهاجڙو ۽ سونهن وارو بڻائيندو آهي.
مثلا:

| | |
|---|---|
| پٽ | - پٽڙو |
| سٽو | - سٽڙو |
| پيارو | - پيارڙو |
| جاني | -جانيڙو |
| منو | -منڙو |
| ڪارو | -ڪارڙو |
| سانول | -سانولڙو |

## (ز)

زيريين پيڙيين لوهہَ ۾، گُتَنِ ڪَيَسِ ڳاهُ،
سَنڪي سنڌي سُومرِي، هَڏَ نـ چاڙهيم ماهُ،
سرتيُون! دُعا ڪَجاهُ، تـ پِرَمُ پاروڙيءَ رَهي!

(شاهہ)

| | |
|---|---|
| زِينئَن | ڪيسو (جدگالي لهجو)<br>بلوچ عورتون پنهنجن چولن ڪي ڪيسو لڳائن. بلوچ جي ثقافت آهي. |
| زالبول | عورت<br>سنڌي ٻوليءَ جي سيني لهجن ”زال“ جو لفظ ”عورت“، ۽ گهرواري“ جي لاءِ استعمال ڪيو ويندو آهي، جڏهن تـ گڏاپ ۾ رهندڙ ڪلمتي بلوچ ”عورت جي لاءِ ”زالبول“ ڪتب آڻيندا آهن ۽ پيو لفظ ”جنين آدم“ بہ عورت کي چوندا آهن. |
| زار | زَهر (جدگالي لهجو) اصل ۾ بلوچيءَ جو لفظ آهي. |
| زان | شادي (جدگالي لهجو)<br>جملو: تو جو زان چوءِ؟<br>تنهنجي شادي ٿي آهي؟<br>ڪنهن جو زان ٿي؟ يا ”ڪنهن جو زان اي“.<br>ڪنهن جي شادي آهي؟<br>واڊيلا بلوچ ٿِن ٺِڪن وارو آواز ”ز“ استعمال ڪندا آهن. |
| زردِ | پيلو (رنگ): انب پچي زرد بتين. (بلوچي) انب پچي پيلو ٿيندو آهي. |
| زر | پئسو: تئي ڪِرا زر مري استين. (بلوچي) تو وٽ پيسو پيسو آهي. |
| زرگُل | ٻوڙي، (پکي جو نالو): زرگل مرغا بچار. (بلوچي) ٻوڙيءَ پکي کي ڏس. |

(س)

سوريءَ سڌ ٿيو، ڪا هلندي جيڏيون،
وچڻ تن پيو، نالو نيهن ڳڀنن جي.
(شاهه)

| | |
|---|---|
| سَيجَو | رڌ پچاءُ (جدگالي لهجو) |
| سَيجهو | ماني تيار ڪرڻ<br>زينت! سيجهو ڪَري وَٺُ، مهمان اچن پيا<br>زينت! ماني تيار ڪري وٺ، مهمان اچن پيا. (واڍيلا بلوچ) |
| سانَ | ڏوري جو نالو (ڪوهستان ڪراچي) جانور، نَر ڍڳو |
| سونڊي | ڍيھه جو نالو (ڪوهستان ڪراچي) |
| سَمون | سامهون |
| يا | هي ڪوپ سَمون رکيو آهي ”يا“ |
| سامون | هي ڪوپ سامون رکيو آهي.<br>لاڙي ماڻهن وانگر ڳڌاپ جا جوکيا اکر ”ھ“ جو اُچار لفظن ۾ گهٽ يا بنهه ڪونه اُچاريندا آهن. |
| سُڪڻ | نديءَ جو نالو<br>هيءَ ندي ديهه ڪوٽيرڙو ۽ ديهه داڀيجي ڪان وٺي سيد يوسف شاهه جي پِر مان درساٽي چني ۾ واقع آهي. |
| سُوران | پرواهه ناهي<br>”مون سوران (ڀَل مَري)<br>(مون کي پرواهه ناهي ڀلي مري)<br>”مون سُران مَر ڪتيوس“ (جدگالي لهجو) هي لفظ ڪوهساني ۽ لاسڪي لهجي ۾ بہ آهي.<br>اترادي ۽ وچولو، لاڙي لهجن ۾ ”سُران“ جي مڌ سُرڻ، پرپرو ٿيڻ، پري ٿي ويهڻ،<br>”ادا مان سُران ٿو“، (ادا، مان سُران پيو) |

ساڏ — ساراھ ڪرڻ
”ادا، گڏاپ وارا تنھنجي ساڏ پيا ڪن“.
(ادا، گڏاپ وارا تنھنجي ساراھ پيا ڪن)ھي لفظ لاسڪي ۽ ڪوھستاني لهجي ۾ بہ ڳالھايو ويجي ٿو.

سياڻ — سنباڻ
ڪير ۾ ٿوري لَسي وجهي، عورتون اھو ڪير جمائڻ لاءِ رات جو رکنديون آھن. اُن کي ”سنباڻ“ ۽ ”سياڻ“ چوندا آھن. ھي لفظ ”جوڪيا“ استعمال ڪندا آھن. اُھا ”سياڻ“ (سنباڻ) صبح جو ڏُڌ ولوڙڻ واري چاڏيءَ ۾ وجهندا آھن.
ھيءَ ديھہ موئيدان يونين ڪائونسل ڪراچي ۾ آھي.

سپتي — چَبي، دبڪي (جنھن تي پڪل ماني رکجي)
”ھيڏا بہ تي مانيون سپتيءَ ۾ ڪٽي آڇُ“.

سو — ٿو
واڊيلا بلوچ ”ٿو“ لفظ جي جاءِ تي ”سو“ جو لفظ استعمال ڪندا آھن، ھي لفظ (سو) جدگالي لَهجي جو آھي.
مثلا: يوڪ چار سگھو ناھلين سو؟
ھينئر چا لاءِ جلدي نہ ٿو هَلين
”يوڪ“ لفظ جي معنيٰ ”ھير“، ھينئر“.(جدگالي لهجو)

سِرنگھہ — لوھہَ جي شيخ
سرنگھہ سان زمين ۾ کڏو کوٽيو ويندو آھي.
بہ اڍائي فوٽن جي لوھہ شيخ ھوندي آھي، جنھن جو ھڪ پاسو ٿورو ويڪرو ھوندو آھي. پھر اڙي جا مانھو چَنَ، مَنھہَ ناھڻ جي لاءِ زمين کي کوٽي ٻن اڍائي يا ڏيڍ فوٽن جو کڏو ڪري، ان ۾ ڪاٺي ھڻندا آھن.

سُتاڻ — سُتڻ ـ شلوار (جدگالي لهجو) ڪوھستان، گڏاپ ۽ لاڙ ۾ استعمال ٿئي ٿو.

| | |
|---|---|
| سَن | کوهہ ۾ رسي ايندڙ پاٽي (جدگالي لهجو) ڪوهستان ۽ لاڙ ۾ استعمال ٿئي ٿو. |
| سَٽڻ | تيز تيز هَلڻ (جدگالي لهجو) ڪوهستان ۽ لاڙ ۾ استعمال ٿئي ٿو. |
| سوَنت | عقل (جدگالي لهجو) |
| سوَنتاتو | سمجهدار _ عقل مند (جدگالي لهجو) ڪوهستان ۽ لاڙ ۾ استعمال ٿئي ٿو. |
| سَڪت | سَخت (جدگالي لهجو) ڪوهستان ۽ لاڙ ۾ استعمال ٿئي ٿو. |
| سَتاڙو | رسم جو نالو، شادي کانپوءِ ڪنوار پنهنجي ماءُ ۽ پيءُ جي گهر ويندي آهي ۽ اتي گهوٽ ۽ ڪنوار لاءِ ست طعام تيار ڪيا ويندا آهن. ان رسم کي ستاڙو چئبو آهي، "ستاڙو ۽ ستاوڙو" ٻئي لفظن جي ساڳي معني آهي. |
| سَرَگ | سِسي، مٿو: تئي سرگ گنجائين. (بلوچي) تنهنجو سسي گنجو آهي. |
| سوچاڪ | تيز، ٻاڙي: تؤنار شت سوچاڪ بنائنتگان. (بلوچي) تو ٻوڙ ٻاڙي بنايو آهي. |
| سُچگين | سڙي ٿو، سور ڪري ٿو: نگن سچگين. (بلوچي) ماني سڙي ٿو/پيو. |
| سوچي | ساڙينس: نگنان سوچ مان. (بلوچي) ماني کي نہ ساڙ. |
| سونچ | ويچار، سونچ: پهلا سونج گُڙا جواب دئي. (بلوچي) پهرين سوچ پوءِ جواب ڏي. |
| سونف | سونف: سونف ور. (بلوچي) سونف کاءُ. |
| سُجي | سجي: سجي ورگا وشي. (بلوچي) سجي کائڻ ۾ مزيدار آهي. |
| سوال | سوال: مَنان سوالانين جواب نہ يا يان. (بلوچي) مون کي سوالن جا واب نہ ايندا اهن. |
| سوزمان | جلهن. سڙڻ: منين جسما سوزمائين. (بلوچي) منهنجي |

جسم ۾ جلهن آهن.

سَد — سؤ، 100: منان سَد رپيا دئي. (بلوچي) مون کي سؤ رپيا ڏي.

سردار — اڳواڻ، چڱو: ملڪ اسد سڪندر يڪ سرداري. (بلوچي) ملڪ اسد سڪندر هڪ سردار آهي.

سَريگ — پوتو، گندي: سريگا سراڪان. (بلوچي) پوتو مٿي تي ڪر.

سُرڪي — لالي: سرڪي استعمال مَڪان. (بلوچي) سرڪي استعمال نه ڪر.

سُرڪ — پيئڻ: چانهيا سُرڪ. (بلوچي) چانهه پي. (هي بلوچي ڪانسواءِ جدگالي، ڪوهستاني، لاڙي ۽ لاسڪي لهجي ۾ به آهي)

سير — سير، ڍؤ: من وارتا سيران. مون کان ڍؤ ڪيو آهي.

سِنز — نيرو: احمدي پسنديده رنگ سنزين. (بلوچي) احمد جو پسنديده رنگ نيرو آهي.

سُرخي — لالي- چپن کي لڳائڻ واري، (لاڙي، اترادي، وچولي لهجن ۾ استمال ٿئي ٿو)

(ش)

شَمَع پاريندي شَب، پِرهَ باڪون ڪَيئُون،
موٽُ، مَران تي، ميندرا! راٺا! ڪارڻ رَبَ،
تننجي تات طَلبَ، ڪانگ اُڏايم ڪاڪَ جا،
(شاهه)

شورَڪَنڊ — ديهه جو نالو
شِينز — سائو رنگ (جدگالي لهجو) اصل ۾ بلوچيءَ جو لفظ آهي.
شار — شهر (جدگالي لهجو) ڪوهستان جو لفظ آهي.
شيڪڻ — جنڊ جي هيٺئين پُڙ جي هيٺان ڪپڙو ڏيندا آهن. ان ڪپڙي کي "شيڪڻ" چوندا آهن.
ڪو وقت هوندو، ڳوٺن ۽ ننڍن شهرن جي گهرن ۾ عورتون "جنڊ" جو استعمال ڪنديون هيون. هينئر ان ج رواج گهٽبو وڃي ٿو.
جنڊ ٻن پُڙن وارو ٿيندو آهي، جنهن جي مٿئين پُڙَ کي "نر" پُڙ چوندا آهن. هيٺئين پُڙ کي "مادي" پُڙ چئبو آهي.
جنڊ جي مٿئين پڙ ۾ "هٿو" لڳندو آهي، جيڪو ڪاٺ جو هوندو آهي. هيٺئين پُڙ جي وچ ۾ سوراخ جنهن ۾ ڪاٺي جو ننڍڙو گول ٽڪرو لڳندو آهي، ان کي "ڪُمر" چئبو آهي. ان ۾ لوهه جي شيخ جنهن کي "ڪِير" چوندا آهن. ان ۾ ڪاٺي جو ٽڪرو لڳندو آهي. ان کي تاڙي چوندا آهن.
شيپاڪ — سنهڙي لَٺَ
شينگ شانگ — بي ترتيب _ بلوچ ڳالهائين (جدگالي لهجو). اصل ۾ بلوچي جو لفظ آهي.
شير — شينهن=دلير: شير پيدا ڪين، شينهن اچي پيو.

| | |
|---|---|
| شِڪرو | شِڪرو، شڪاري پکي: شڪرو شڪار ڪن گين. (بلوچي) شڪرو شڪار ڪري پيو. |
| شلوار | شلوار، سٿڻ: منين شلوار اسپيتين. (بلوچي) منهنجو شلوار اڇو آهي. |
| شور | هُل: باز شور مڪان. (بلوچي) گهڻو هل نہ ڪر. |
| شِمسِ | هڪ قسم جو پوتو: شمس بازين. (بلوچي) اهو پوتو گهڻو آهي. |
| شوق | دل لڳائڻ: مَنا وانگي باز شوقين. (بلوچي) مون کي پڙهڻ جو گهڻو شوق آهي. |
| شرڪت | شريڪ ٿيڻ: من جلسايا شريڪ بتگان. (بلوچي) آءٌ جلسي ۾ شريڪ ٿيو آهيان. |
| شِنَڪ | چيلو، چيليَ: پَسِي شنڪان بِچار. (بلوچي) ٻڪريءَ جي چيلن کي نهار. |
| شِيشگ | شيشو: شِيشَگا مَپُروش. (بلوچي) شيشي کي نہ ٽوڙ |
| شَڪَر | کنڊ: متائِيان شڪر باز مانين. (بلوچي) متاين ۾ گهڻو کنڊ پيل آهي. |
| شِرڪين | مٺي: چانهہ باز شِر ڪينان. (بلوچي) چانهہ گهٽي مٺي آهي. |
| شورنگ | ديهہ جو نالو آهي. |

(ص)

صُوفِي صافَ ڪَيو، ڏوئِي وَرُقُ وُجودَ جو،
تِنهان پوءِ ٿِيو، جِيئري پَسڻ پرينءَ جو.
(شاهه)

| | |
|---|---|
| صابن | صابڻ: صابُڻا جانا بجان. جسم تي صابڻ هڻ. |
| صورت | شڪل: مَني صورت خرابين. منهنجو صورت خراب آهي. |
| صورتخطي | لِکت جو نمونو |
| صورتحال | نمونو، جائزو |
| صاف | صاف سُترو، چٽو |

(ض)

ضامن آهہ ضميرُ، ماڻهو جي ماڻهپي جو،
من ۾ مفتي پِير، جن سمجهيو سي صالح ٿيا.
(مشڪور ڦلڪارو)

| | |
|---|---|
| ضعيف | پيرسن، ڪمزور |
| ضامن | ذميواري ڪڻندڙ، ڪنهن جي پر ونڻ |

(ط)

طالِبُ ڪَـٿَـرَ، سـونهـن سَـرُ، انـدر رُومـيءَ راءِ،
مـاڙهـو اِتِ ڪـيـاءِ، مَـنـبَ نـہ پَـسـيـن مَـنـبـيـو!

(شاھہ)

| | |
|---|---|
| طاهر | نالو مرد جو |
| طاهري | پيٽ جو قسم |
| طوطو | پکيءَ جو نالو |
| طول | ڊيگھہ ڏيڻ- اگھائڻ |
| طويل | ڊگھو |
| طبلو | وڄائڻ وارو اوزار- ساز |
| طنبيلو | گھوڙن جي جاءِ |

(ظ)

ظالم ساڻ ناهہ جي، پورا! منهنجا ياءُ
مون ڪي نہ صلاح
(مشڪور قلڪارو)

ظلم — جبر، زيادتي: اي باد شاهہ ظلم ڪَنگين. (بلوچي) هي باد شاهہ ظلم ڪري ٿو.

ظالم — ظلم ڪرڻ وارو: تؤ ظالم ئي. (بلوچي) تون ظالم آهين.

(ع)

عاشق زهرَ پياڪَ، وِهُ ڏسي وِهُسَنِ گهٽو،
ڪَڙي ۾ قاتلَ جا، هميشه هيرا ڪَ،
لڳين لَنوءِ، لطيف چئي، فَنا ڪيا فِراقَ،
توٽي چِڪَنِ چاڪَ، ته به آهَ نه سَلن عامَ کي.

(شاهه)

| | |
|---|---|
| عينڪ | چشمو، عينڪ: منين عينڪا بيار. (بلوچي) منهنجو چشمو کڻي اچ |
| عيد | سال: توڪا دو عِيدان. (بلوچي) سال ۾ ٻه عيدون آهن. |
| عنطر | عطر، سرهاڻ: عنطري استعمال ڪنگ سنتين. (بلوچي) عطر جو استعمال سنت آهي. |
| عَيال | آڪهه- ڪٽنب يا گهٽا ڀاتي |

(غ)

غافِل! غَلتَ چوڙ! تُون ڪيئُن، اُٿاسِي! اوجهرِين،
چُپاتا چُڙهي ويا، وِجي پَهتا تور،
نيٽين، نند اکور، جِـمَ وَرنِ ۾ واڪا ڪَرِين.
(شاهه)

| | | |
|---|---|---|
| غلام | غلام، خاصخيلي: من تئي غلام نَيان. آءٌ تنهنجو غلام نہ آهيان. |
| غُسل | غسل وهنجڻ: آمروچ غسل بڪان. هر روز غسل ڪر. |
| غُليل | شڪار ڪرڻ جو اوزار |
| غافل | اڻجاڻ |
| غفلت | لاپرواهي |

(ف)

فانِي نِي فاني، دنيا دَم نہ هيڪڙو،
لَتِي لوڙهُ لَتُنِ سين، جوڙيندءِ، جاني!
ڪوڙِءِ ڪانِي، آهي، سِرَ سَپ ڪَنهِيُن.
(شاهہ)

| | |
|---|---|
| فُشڪُوندڻ پشڪُوندڻ: | وجھہَ ڳولڻ (جدگالي لهجو). اصل ۾ بلوچيءَ جو لفظ آهي. |
| فوجي | سپاهي، فوجي: اي يڪ فوجي ئي. هي هڪ فوجي آهي. |
| فانوس | بتي، فانوس: فانوس روڪين. فانوس ٻري ٿو. |

(ق)

ڦِري آءُ، فِراق! مون ڪي وِصالان وِڇُ پيو،
جي ٿي چڪيم چاڪَ، سي پِرينءَ ڳڏجي پوريا.
(شاهه)

| | |
|---|---|
| ڦنگ | جبل جو نالو، (جنهن کي ڦنگ جَبل چَون) اُن کي ڦنگ جبل ان ڪري چئجي ٿو جو هي پکيءَ جي ڦنگ وانگر آهي. |
| ڦيئي | ٿانوَ رکڻ جي جاءِ جيڪا پَٽَ (ڌرتي) کان مٿي هُجي. سا ڪاٺ جي ٺهيل هوندي اُن کي "ڦيئي" چوندا آهن. |
| ڦِڦِڙيون | ڦنبڙيون، ڇَپَر |
| ڦِرڪي | ڦنيوري (جدگالي لهجو) |
| ڦل | گل: گلابي ڦل سورين. گلاب جو گل ڳاڙهو آهي. |
| ڦِرٽي | گول ڦرندڙ شئي |

(ق)

قلم ڪاغذ جيئن، وٽي وجهن نہ وچ ۾،
شال! پرين تيئن، پنهنجا گذرن ڏينهڙا.
(مشڪور ڦلڪارو)

| | |
|---|---|
| قلم | پين، قلم: سيائين پين ڪُجائين. (بلوچي) ڪاري پين ڪٽي آهي. |
| قران | ڪلام پاڪ: |
| قرب | محبت۔ پيار |
| قريب | ويجهو۔ نزديڪ |
| قول | اقرار |
| قوت | طاقت |

(ڪ)

ڪاتي جا قريب جي، سا هَڏُ چيري چَم،
عاشق پنهنجو لحم، الله ڪارڻ وڍيو.
(شاهہ)

ڪاڪي — چاچي

ڪاڪو — چاچو، ڪوهستان ۽ لاڙي لفظ

ڪونک — (ڪهڙي وقت) ڪونک جو لفظ وقت پڇڻ جي لاءِ استعمال ڪيو ويندو آهي. (جدگالي لهجو)
وقار! تون ڪونک آئو اين؟
وقار! تون "ڪهڙي" مهل آيو آهين. (جدگالي لهجو)

ڪَڍُ — ٻاهر، ڪڍ ڪوهستان ۾ استعمال ٿئي ٿو.

ڪڍ — وجهہ
واڍيلا بلوچ "ڪڍ" جي معنيٰ "وجهہ" استعمال ڪندا آهن.
مانجي اکين منجهہ آڄڻ ڪڍ
(منهنجي اکين ۾ سُرمو وجهہ)

ڪانيگ — ڍوري جونالو، بلوچي لفظ. ڪانيگ جي معني "ننڍڙو تلاءُ".

ڪِڏي — ڪيڏانهن، ڪِڏي ٿو وڃي، ڪوهستان ۾ رهندڙ ٻين ذاتين وارا بہ "ڪِڏي" جو لفظ استعمال ڪندا آهن. جڏهن تہ "ڪَڏي" هڪ جيت جو قسم آهي.

ڪَيڏيَ — ڪيڏانهن

ڪُمير — جيت جو قسم
20-9-2017 ڳوٺ دوست محمد خاصخيليءَ ۾ رات جو جن دوستن سان ڪچهري ڪئي، انهن ۾ زبير احمد خاصخيلي، محمد سليم خاصخيلي، دوست محمد خاصخيلي ۽ الله بخش خاصخيلي شامل هئا. جن ڪان ڪُجهہ لفظ ڪٺي ڪيا.

ڪِتڪَي — ڪِتي- ڪوهستان

ڪَينجو — ڪنهن جو ـ بلوچ واڍيلا، مليرءِ لاڙ جا ماڻهو

| | |
|---|---|
| | جدگالي ڳالهائيندڙ ڪي لفظن ۾ "هہ" جو اچار ڪونہ ڪيندا آهن ۽ لکندا آهن. |
| ڪوئيڪي | ڪُئي ـ ننيڙو ڪوئو (جدگالي لهجو) |
| ڪَيتڪَو | ڪيترڙو ـ ڪيترو ـ لاس ـ جدگالي لهجن ۾ استعمال ٿئي ٿو. |
| ڪوڙ وَڍڻ | ڪوڙ ڳالهائڻ (جدگالي لهجو) ڪوهستان ۽ لاڙ ۾ استعمال ٿئي ٿو. |
| ڪَي | ڪر (جدگالي لهجو) |
| ڪال | ڪالھہ بلوچ ـ لاڙي ماڻهون، گڏاپ ۽ ملير جا ماڻهو "ڪال" جو لفظ استعمال ڪندا آهن. ڪوهستان ۽ لاڙ ۾ استعمال ٿئي ٿو. |
| ڪِڇيئين | ڪُرڙي (جدگالي لهجو) |
| | لاڙي ماڻهو "ڪِڇَ"، مَڇي (سنهي مَڇي ڪي چوندا آهن). |
| ڪَينڪَ | ڪنهن کي (جدگالي لهجو) |
| ڪَڙو | ڪهڙو (جدگالي لهجو) ڪوهستان ۽ لاڙ ۾ استعمال ٿئي ٿو. |
| ڪاڪو | چاچو (جدگالي لهجو) ڪوهستان ۽ لاڙ ۾ استعمال ٿئي ٿو. |
| ڪاڪي | چاچي (جدگالي لهجو) ڪوهستان ۽ لاڙ ۾ استعمال ٿئي ٿو. |
| ڪئي | ڪنهنجو: اي ڪتاب ڪئي گين. هي ڪتاب ڪنهن جو آهي. |
| ڪتاب | ڪتاب |
| ڪُچَڪ | ڪتو: اي منين ڪچڪين. (بلوچي) هي منهنجو ڪتو آهي. |
| ڪائنات | دنيا، ڪائنات: ڪائنات باز مزنين. (بلوچي) ڪائنات تمام وڏو آهي. |
| ڪرسي | سيٽ، ڪرسي: ڪرسيئا بيار. (بلوچي) ڪرسي کڻي اچ. |

(ڪ)

ڪِمُ! ڪُمنَدنِ ڪَتيو، هارايو هوڙَنِ،
چَڪيو نہ چُوتَدنِ، هُو جو ساءُ صَبُرَ جو.
(شاهہ)

| | |
|---|---|
| ڪا | ڪاءُ - جدگالي ۾ "ڪا" جو لفظ آهي. ادا! ماني ڪا سنڌي ٻولي جي سيني لهجن ۾ عام طور "ڪا" ڳالهايو ويندو آهي. پر لڪت ۾ "ادا ماني " "ڪاءُ" جو لفظ استعال ڪيو ويندو آهي. |
| ڪارو | تيز سنڌي ٻولي جي سيني لهجن ۾ "ڪارو" جو لفظ استعمال ٿيندو آهي. جنهن جون ٻيون بہ معنائون آهن. ڪارو _ ڪتو جدگالي لهجي ۾ "ڪارو" استعمال ٿيندو آهي. |
| ڪُرڻَ | ڪنهڻ (جدگالئ لهجو) |
| ڪنڊ | ڪنڊ چوڪرا! ڪنڊ وٺي آ" (ٻئو لفظ) ڪنڊ ٻنڊ واڍيلا بلوچ ڪچهريءَ ۾ ٻئا لفظ استعمال ڪندا آهن. ٻئا لفظ، ڪوهستان ۽ لاڙ ۾ بہ استعمال ڪيا وڃن ٿا. |
| ڪُري | صاف ڪر |
| ڪُرين | صاف ڪرڻ، ڪَٽ لاهڻ خلاصي، هوڙي ڪي ڪُرين پيو (واڍيلا بلوچ) |
| ڪاري لڪي يا ڪارڙي لڪي | ديهہ جو نالو (ڪوهستان ڪراچي) |
| ڪَتو جَڻ | لَسي، اسين ڏينهن جو ڪتو ڪير پِيتو (واڍيلا بلوچ) ۽ اترادي لهجي ۾ ڏاچيءَ جي کير کي ڪتو کير چوندا |

آهن.

ڪِرِ — مذاق، نخرو
ڪو ننڍو ٻار مذاق يا نخرو ڪندو آهي تہ چوندا آهن
ڇورا "ڪِرِ" ڇڏ، يعني مذاق يا نخرو ڇَڏ

ڪِرِ مَتَ — نڳي، دوڪو
ڪِرِ مِتِ تي ڪائي ڏنو نہ
نڳي ڪَندي ڪائي ڏنو نہ

ڪَرڪاڻ — چَمپل - جتي
نوڙئيءَ مان نهيل چمپل
ڪرڪاڻ اهڙي ڏيندو ساءِن
موچڙا اهڙا ڏيندو سانءِ

ڪڙو — ڀِتَر

ڪِپَ — ٻوٽيءَ جو قسم آهي، هن ۾ ڦَرُ ٿيندو آهي.
قد ۾ ٻن فٽن کان مٿي آهي، ڪَپَ سان مال جي وٿاڻ کي
لوڙهو ڏيندا آهن. ڪِپَ ڏاڍي گرم ٿيندي آهي، سياري
جو موسم ۾ مال ڪَپَ جي لوڙهي بند هوندو آهي تہ اُن
کي سردي ڪونہ لڳندي آهي.

ڪَرِڻَ — ڪنهڻ
ڇورا ڇو ٿو ڪرين
ڇورا ڪرڻ ڇڏي ڏي
ڇورا ڪنهڻ ڇڏي ڏي

ڪرڻ — خراب ٿيڻ، بگڙجڻ

(گ)

گَنڍَ جنِ جيءَ گوڏِ ۾، مَٿن تي موڙيونُ،
آچَن سنيوڙيُون، سَمي جي سَلامَ تي.
(شاهہ)

گدامَري — وڻ جو نالو ـ جنهن جي ميوي کي گدامڙيون چوندا آهن.

گِلڪا — تُوريون

ڪراچي يونيورسٽي جي سنڌي شعبي جي سامهون ننڍڙو پارڪ هجي، اتي گڏاپ جي دوستن ۽ يونيورسٽي جي دوستن سان سائي ڇپر تي ڪچهري ڪئي، جن دوستن سان لفظن تي بحث ڪيو، وقار اعظم جوکيو، وقار احمد واڍيلو بلوچ، زبير احمد خاصخيلي، رضا محمد واڍيلو، ساجد جوکيو، احمد نواز واڍيلو بلوچ ۽ سعيد احمد چانڊيو بحث ۾ حصو ورتو.

گُڏَ — پِر ـ پاسو (لاسڪي ۽ ڪوهستاني)
ادا! منهنجي گُڏَ ۾ جو پينو ڀڪ سُجاٽي...؟
ادا! منهنجي پِر ۾ جيڪو وينو ان کي سجاٽي؟

گُڏَ — ڪا ٻچيل شئي، ٿورو ذرو، ڪنهن بہ ڪاڌي پيتي واري شئي جو ٻچيل حصو.
جملو! "جنيد! مون کي چانهہ جي "گُڏ" ٿو پيارين.
جُنيد! مونکي چانهہ جي ذري ٿو پيارين.
مونکي چانهہ جي ٿوري ذري پيو پيارين.
امان! مون کي چانورن جي گُڏَ ڏي.
امان! مون کي ٿورا چانور ڏي.

گُٻ — ڳِل ـ ڳِتا (جدگالي لهجو) اصل ۾ بلوچيءَ جو لفظ
گَندَل — بستر بلوچي زبان مان آيل آهي. (جدگالي لهجو)

| | |
|---|---|
| گُشادو | تڪڙو ـ ڪم جو ـ بلوچ ـ جوڪيا |
| گَدَّرَ | گج (لباس) (جدگالي لهجو) |
| گَر | وَٽ |
| گولو | ڪَہر |
| گُشتِ | چوڻ: تؤمنان گشت. (بلوچي) تو مون کي چيو. |
| گناهہ | ڏوهي: دُزي ڪَنگ گناهين. چوري ڪرڻ ڏوهہ آهي. |
| گيگان | ويچارا: منين گيگانا مَگِر. (بلوچي) منهنجا ويچارا نہ وٺ |
| گون | وٽ، سان: تئي پين منين ڪرائين. (بلوچي) تنهنجو پين مون وٽ آهي. ”گون گون“ اسپيني ماڻهن جي ذات آهي. |
| گيتِ | تورو: منان گيتا گِتا. (بلوچي) مون کي تُوري ورتو آهي. |
| گلاب | گلاب: گلابي قل. (بلوچي) گلاب جو گل |
| گِروڪ | کِوڻ، وج: گروڪ جنگين. (بلوچي) وج لڳي پئي. |
| گوشت | ماس، گوشت: ڪڪڙي گوشت. (بلوچي) ڪڪڙ جو گوشت |
| گوڪ | ٻَئون، ڍڳي: هاگوڪا بچار. (بلوچي) هوءَ ڍڳي ڏس. |
| گوش | ڪن: منين گوش دردائين. (بلوچي) منهنجو ڪن ڏکي ٿو. |
| گابو پٽ | تَپي جو نالو، ديهہ جو نالو |
| گَنجو | ذات جو نالو |
| گنجي فراق | جسم تي اوڍڻ وارو ڪپڙو (بغير ٻانهن جي ڍيگهہ ۾ ڄيلهہ تائين)، سنڌ جا ماڻهو خاص طور تي ٻهراڙين جا ماڻهو گرميءَ جي موسم ۾ ”گنجي“ جو استعمال گهڻو ڪندا آهن. گذاپ جي علائقي ۾ گنجي فراق هوندا آهن. |
| گنجي | نوڙي (جنهن جي مٿي وار نہ هُجن)، عورت جي لاءِ لفظ ”گنجي“ ۽ مرد جي لاءِ ”گنجو“ جا لفظ استعمال |

| | |
|---|---|
| | تيندا آهن. |
| گُشاڻ | مٽي تي اوڏڻ وارو رَئو، |
| | زرينہ گُشاڻ مٽي تي ڪَر (واڍيلا بلوچ) (جدگالي لهجو) |
| | زرينہ رئو مٽي تي رک |
| گُراڙ | ٻڪريءَ جي مادي ڦر کي "گُراڙ" چوندا آهن. اُترادي "چيلي" |
| گَرم | گرمي |
| | چي سگهي سو، آچ گرم چَي (جدگالي لهجو) |
| | تي سگهي تو، اچ گرمي ٿئي/ٿي |
| گول | چوٻير - دائرو (گولائي وارو) |
| گُل | نالو- ٻوٽي جو قسم |
| گُلو | نالو |
| گولي | غلام- نوڪر- ٻانهي |
| گيت | راڳ جو قسم |
| گوسڙو | گُسائيندڙ |

## (ڳ)

ڳـائـو نـہ وائـو، اَدِيُـون! آريـچَـن جـو،
لَـنـگـهـي پـَبـُ پَـري تـيـا، چـڏي رِڻُ، راٽـو،
ڏيـئـي ڦـوڙاٽـو، ويـا ويـچـارِيءَ سُـپـريـن.
(شاهہ)

| | |
|---|---|
| ڳجهڙو | ديهہ جو نالو<br>حوالو ليکڪ گل حسن ڪلمتي، ڪراچي سنڌ جي مارئي. ص (544) |
| مائي ڳاڙهي | ديهہ جو نالو، مائي ڳاڙهي ڪراچي ڪوهستان ۾ آهي. |
| ڳاڱيون | ٻوٽيءَ جو قسم، ڳاڱيارو ديهہ |
| ڳورو | سهٽو، خاشڪو، ڳت، ٿلهو، متارو. ادا! هي ڳت آهي، ادا! هي ٿلهو آهي.<br>ڳورو لفظ ڪنهن ڳري شئي لاءِ بہ استعمال ٿئي ٿو. |
| ڳَتَ | کڏو، زمين ۾ کڏو کوٽڻ کي 'ڳت' چوندا آهن. |
| ڳُوَرڻ | ڳيهڻ (جدگالي لهجو) ڪوهستان ۽ لاڙ ۾ بہ استعمال ٿئي ٿو. |
| ڳِئڙو | ٿُلهو (جدگالي لهجو) ڪوهستان ۽ لاڙ ۾ بہ استعمال ٿئي ٿو. |
| ڳِئي | گجگو ـ ڪڪرن جو گوڙ جو ڪيا ـ خاصخيلي.<br>ڪوهستان ۽ لَس ۾ "ڳِئي" جو لفظ استعمال ڪيو ويندو آهي. |
| ڳِيَڙ | چوڪرو ـ چوڪرات (جدگالي لهجو)<br>ڪوهستان، لس ۽ لاڙ ۾ استعمال ٿئي ٿو. |
| ڳِيڙيون | چوڪريون (جدگالي لهجو) |

(گھہ)

گَھڙو ڀڳو، مُنڌَ مُئي، وِسيلا ويا،
تنِهان پوءِ سُئا، سُهڻيءَ سَڏَ ميهار جا.
(شاهہ)

| | |
|---|---|
| گھگھي | مٽي جو ٿانءُ. جنهن ۾ پاڻي ڀريو ويندو آهي. |
| گھوڙا | جانور. گھٽا گُھرڙا |
| گھوڙي | جانور. (مادي گھوڙي) |
| گھورَ | مبارڪي |
| گُھور | چتائي |
| گھاءُ | زخم - وَڍ |
| گھڙو | مٽيءَ جو ٿانءُ |
| گھولِ | قرباني. صدقو |
| گِھل | گھري ننڊ |
| گھگھہ | گھري اوندھہ |
| گھاڙي | گھڙيل، جن تي چٽ سالي نڪتل هجي. |
| گھگھي | يانداور، جنهن ۾ ڏوڪڙ پئسہ ڪَنَي "جمع" ڪبا آهن. |

(ڳ)

ڳي ڳي ڳونگن جيان، ڳاءِ نہ ٺمريءَ راڳ،
سِڏو ڪر سُجاڳ، ڳائي وائي شاهہ جي.
(مشڪور ڦلڪارو)

ڳاڳي — ٻوٽي جو نالو
ڳاڳيارو- ڪراچيءَ ۾ ديهہ جو نالو
(حوالو: "ڪراچي سنڌ جي مارئي" گل حسن ڪلمتي)

(ل)

لالَ ڪي لالُ ٿيا، لالُ لنگھيو جِن،
عَدم جي اوڙاھُ ۾، ڪَيا آسَڻَ آڏو تين،
گردا نِيو گُنگَنِ، گرِداب ڪي گيان سِين.
(شاھ)

لَمَپشُڪ — ڪارڪن جو خالي ڇُڳو (جدگالي لهجو) ڪوهستان ۽ لاڙ ۾ استعمال ٿئي ٿو. بلوچيءَ ۾ بہ استعمال ٿئي ٿو.

لَئي — رَڪ (جدگالي لهجو)

لئڻ — ڪڻ (جدگالي لهجو)

لچئو — لچڻ، چنبڙڻ

لُڳڙ — ڪَپڙا

اصغر! لُڳڙ وجھہ ڪراچي هلون.

اصغر! ڪپڙا پاءِ (وجھہ) ڪراچي هلون.

لَسي — لَسي

ادي! لَسي مَسي تو وٽ آهي. (پٽو لفظ)

لاهي — رڪ

ادا، ڪير مٿان ڏئي لاهي، قوشي پي وَندي" (جدگالي لهجو)

ادا، ڪير مٿان رڪَ، ٻلي پي ويندي.

ڳڏاپ ۾ رهندڙ واڍيلا بلوچ "ٻليءَ" کي "قوشي" چوندا آهن، پٽا لفظ "قوشي موشي" چوندا آهن.

"لاهي" هيٺ ڪري، (اترادي لهجو)

ادا، ڳوڻ کي هيٺ لاهي رکَ

لال بڪر — ديھہ جو نالو (ڪوهستان ڪراچي ۾ آهي)

لوهارڪولنگ — ديھہ جو نالو

لوگ — گھر، لوگ، بلوچي ٻوليءَ جو لفظ آهي.

مَني لوگين آي“
منهنجو گهر آهي
آي مني لوگين
هي منهنجو گهر آهي.

لِنب — راڳو، ليپو

لَنب — چرٻي، اٺ جي ٿوهي جي چرٻي کي ”لنب“ چوندا آهن.

لَنبَ — گاهه جو قسم

هي گاهه هلڪي سائي رنگ جو ٿيندو آهي، مال ”ڍور“ ڍڳو هن ”گاهه“ کي ڪونه کائيندو آهي. پر جڏهن ”لنب“ گاههُ سُڪي ذردي (ڦڪي) رنگ جو ٿي ويندو آهي ۽ ٻيو گاههُ ڪونه هوندو آهي تہ اُن کي مجبوري واري حالت ۾ ڍور ڍڳا کائيندا آهن.

لَنبَ (گاهه) جو تيلو سنهڙو ۽ ڇهنبدار ٿئي ٿو. جڏهن ماڻهو هن گاهه مان گذرندو، هلندو آهي، ماڻهن جي پيرين ۽ سلوار جي پاڇن ۾ سنهڙا تيلا چنبڙي پوندا آهن. اُهي ڪپڙن مان ٽپي ماڻهو جي جسم ۾ سُئي وانگر ٽنبجي پوندا آهن. اُن کي ڇِڪَ يا سَٽَ ڏئي يا هٿ سان ٻاهر ڪيبو آهي تہ اُن جي منهن وارو حصو جيڪو جسم ۾ چنبڙيل هوندو آ، اُهو ڀڄي پوندو آهي. جيڪو جسم ۾ سُئي وانگر لڳو رهندو آهي.

16-9-2017

آءُ احمد نواز واڍيلو بلوچ، ساجد سومار اڻي سان گڏ گورنمينٽ ڊگري ڪاليج ”ڪُونڪَر ۾ ساٿين آمر گُل ليڪچرار سان ملاقات ڪئي. اسين اُتي چانهہ پي ڪري پوءِ سائين امر گل ڪان موڪلائي ڪاليج مان ٻاهر آياسين. ڳوٺ مولوي عبدارحمن ڪونڪَرَ (علائقي جو نالو آهي) مان ذيشان رضا جوکيو کي ساڻ ڪنيوسين. هاڻ اسين ”متارن“ جون قبرون جيڪي ”نارا ٿر“ جبل تي هُجن. اُهي ڏسڻ جي لاءِ روانہ

ٿياسين.
اسين چارئي دوست موٽرسائيڪل تي روانا ٿياسين، ڪونڪر ڳوٺ مان نڪري اڳتي هلندين، ڪجهه منٽن ڪانپوءِ سهراب فقير ڳوٺ (1890) ۾ فقيرا اسٽاپ تي هڪ اسٽور تان پاڻيءَ جون بوتلون ورتيونسين. پوءِ "نارا ٽر" جبل ڏانهن روانا ٿياسين. ڳاڙهي بتي گرائونڊ ڪان اندر اڳتي هلي "نارا ٽر" جبل جي پاسي ۾ موٽر سائيڪلون بيهاري، پوءِ پنڌ هلي جبل تي چڙهڻ لڳاسين. منجهند جو وقت ڏينهن گرم هجي. جبل تي سائو سنهڙو گاهه ڦتل هُجي. احمد نواز واڍيلو اُن گاهہ ڏي ناري چيو. هي لَنبَ گاهہ آهي. ماڻهن جي پرن سان وڏي حالت ڪندو آهي. جڏهن اُن گاهه وٽان هلڻ لڳس تہ پيرن ۾ سُيون ٽنبجي ويون، بوٽ مان اندر جورابن ۾ وڃي گاهہ جا تيلا ڦاسي پيا. اُنهن سنهڙن گاهه جي تيلن ڪي ڇڪي ٻاهر ڪڍيو. پوءِ بہ پيرن ۾ سيون لڳنديون رهيون. اُنهن سُين جي لڳڻ - چنبهڻ جي ڪري، هلڻ ڏاڍو ڏکيو ٿي پيو. هڪ چاڙهي پيو لَنبَ گاهه جا لَنبا جا سُور، جيڪي سُرڻ ۾ هلڻ ڪونہ پيا ڏين. پر پوءِ بہ جبل تي مٿي چڙهندا رهياسين. نواز آواز ڏئي چيو:
متارن جون قبرون اجان ٻئي پاسي آهن. اسين غلط طرف ڪان جبل تي چڙهياسين. جبل تي هلندي، هڪ ڏنار تي نظر پئي، پوءِ ساجد نوجوان جيڪو اسان ڪان هلڻ ۾ تيز هيو. اهو هيٺ لهي وڃي متارن جي قبرن جي باري ۾ اُن ڏنار ڪان پُڇي آهہ. پوءِ پاڻ اُن طرف هليو ويو. جڏهن اُتي پهتو تہ پوءِ اسان ڪي آواز ڏنائين. جبل جيءَ ٻي چيڙي تي متارن جون قبرون هجن. اسين آواز ٻڌو پوءِ ساجد سومار اٽي جو ڪيو جي طرف هلندا رهياسين. احمد نواز واڍيلو اسان ڪان اڳ ۾ وڃي اُتي پهتو، آءٌ ۾ ذيشان رضا پٽرن تان

هلندا. لَنب گاهہ جا گھاوَ سهندا، نيٺ پندرنهن منٽن کانپوءِ اُتي پهتاسين.
متارن جي قبرن جي پاسي ۾ "ديوي جو وڻ" هيو. اُن جي چانوري ۾ ساهي پٽڻ جي لاءِ ويهي رهياسين، هر ڪو پنهنجن ڪپڙن مان لَنبَ گاهہ جا سَنهڙا تيلا ڪڍي رهيو هو. مون پيرن مان بوٽ لاٿو ۽ پيرن جا جوراب بہ لاٿا، تہ پوءِ بہ لَنبَ جون سنهڙيون ننڍڙيون سُيون، پيرن جي ڪل ۾ چنبڙيل هُجن. اُنهن کي ٻاهر ڪَڍيو، پوءِ وڃي پيرن جو سور جَهڪو ٿيو.
شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي رسالي "شاهہ جو رسالو" سُر يَمن ڪلياڻ ۾ موکي ۽ متارن جو ذڪر آهي. داستان چوٿون آهي. ساجد سومارا ٽيءَ ۽ نواز واڍيلو متارن جي قبرن ڏانهن ڏسي موکي متارن وارا شعر پڙهڻ لڳا.

اُٺـي اُتـر واءِ، مـوڪـي مَـتَ اُپـتـيـا
مـتـارا تِـہ سـاءِ، آچـن سِـرَسَـنـبـاهِـئـو
سُر يمن ڪلياڻ (شاهہ)

وڃـهـچ واتـاڙُئـن تـي، مـيـخـانـي جـي مـاڪَ
ٿِـنـدي سُـڌِ سَـيَـڪـيـم، هنڌِ هنڌ پـئـنـدي هـاڪَ
پِـرِهَ جـا پـيـاڪَ، جُـہ سـي اڱـڻِ آئـيـا.
سُر يمن ڪلياڻ (شاهہ)

جُـہ سـي اڱـڻِ آئـيـا، تـہ سَـرو ڪـنـدا سُـڃ
سـائـي ٿـنـديَـنِ اُڄ، هـي پـيـتـوا! آڻِ ڪِـيـن!
سُر يمن ڪلياڻ (شاهہ)

موڪـي چـوڪـي نـہ ٿـيـيءَ، اَصـلِ اَوچـي ذات،
وَٿـيـون ڏيـئـي وات، مـتـارا جِـہ مـارئـا

سُر يمن ڪلياڻ (شاهہ)

مَتارا مَري وِئا، موکي تون نہ مَرين،
ڪيهِي پَرِ پَرين، ڏکي ڏاتارن ري؟
سُر يمن ڪلياڻ (شاهہ)

متارا مَري وئا، مون کي تون پي مَرُ
تنهنجو ڏوسُ، ڏمرهُ، ڪون سَهَندو اُن رِي!
سُر يمن ڪلياڻ (شاهہ)

سَري ڪِينَ ڪِئون، ويڙ موکِيَ جي مارئا!
کو جو سُخن ڪلاڙ جو، پِتي تي پِئونِ!
تِهان پوءِ تِئونِ، مَرَڻَ متارنِ کي!
سُر يمن ڪلياڻ (شاهہ)

آجان کوري ماڳ! مَتَ کُتِکا، ڪَتَ گهٽا
لاهي وِهَ مَ لاڳَ، موکي متارن جا
سُر يمن ڪلياڻ (شاهہ)

ڪَندُ ڪتارو، مُ ِ وتِي عادت جنين اِيءَ
تنِين تِڪُون ڏنيون، جُنبِي منجها جِيءَ
سَرو تَنِ سبِي، حال ڪِئو حال کي
سُر يمن ڪلياڻ (شاهہ)
موکِي مَنو نہ گهرئا، وِهَ نہ وهِاتِئا
سُرکي ڪاڻ سيد چَئي، اُتي تِي آتِئا
جي ڳالِن ڳنگاتِئا، تَن بَنَنِ پاسي بُنيون
سُر يمن ڪلياڻ (شاهہ)

سِرَ ڏيئي سَتَ جوڙ، ڪ پَر ڪَلاڙنِ سِين!
ڪاتِي ڪَرتُ ڪَپار مِ، خنجر آٽي کوڙ!

مَـرِڻـا مُـئـہ مـوڙ، وَڻـي ڦِـي وَڍِ لَـهـي!
(شاهہ)

وَٽَ وَٽَ وَڻـيَ ۾، مَـٽُ مَـٽَ مَـنـدُ پِـئـو،
قـدر ڪـيـف ڪـلاڙ، جـو پـيـاڪـن پِـئـو
(شاهہ)

اڄـن دُرس دڪـان تـي، ڪـنـڌ قـبـول ڪِـيـئـو
سُـرهَـا سِـرُ ڏئـو، ڇَـڪِـنِ سُـرڪَ سَـيـد چـئـي
سُر يمن ڪلياڻ (شاهہ)

آتِـي ڦِـي اڳـار، ڪـامِـي ڪـردارَن سـيـن!
پَـسـيـن جـي پِـتـارَ، پُـرِ پـيـتـوءِ جَـن سـيـن
سُر يمن ڪلياڻ (شاهہ)

ڪَـلاڙَنـئُـون ڪـاءِ، مَـتَ نـہ سِـڪـيـن مـون هِـيـان!
رُنـدي رات وِهـاءِ، جـيـڪـائـيـنـدي ٻَـئِـيُـون
سُر يمن ڪلياڻ (شاهہ)

ساجن سومراڻي ٻڌايو تہ اسين جنهن هنڌ تي ويٺا آهيون. ان جاءِ کي "پورو" چوندا آهن. اهو نالو هن جاءِ تي ڪيئن پيو اِها خبر ڪونہ آهي. ڪجهہ دير ساهي پٽڻ ڪانپوءِ متارن جون قبرون ڏٺيوسين. ناراٿر جَبل جي پاسي ۾ تاريخي قبرستان آهي، ان ۾ گڏاپ جي شاعر مرحوم علي اڪبر جي آخري آرامگاهہ آهي. ساجد سومراڻي جوکيو چيو، "آءُ وچي موٽرسائيڪل ڪاهي آچان ٿو". ايئن چئي هليو ويو. اسين ديوي جي وڻ هيٺان اچي ويٺاسين. اڌ ڪلاڪ ڪانپوءِ ساجد سومراڻي جوکيو جبل جي پاسي ۾ هيٺ ڪچو رستو هيو. اُتي بيهي احمد نواز کي آوز ڏنائين. احمد نواز اٿي جبل تان هيٺ لهي ويو. پوءِ ساجد سومراڻي سان

گڏجي ويو. ڪُجھ دير ڪانپوءِ اڪيلو آيو، چيائين "ساجد سومار اٽي جي موٽرسائيڪل پنڪچر ٿي پئي، اتان ئي واپس هليو ويو. اسين ٽئي موٽرسائيڪل تي چڙهي ڳوٺ آياسين. اسي هوٽل تي ماني ڪاڌي سون. پوءِ دوستن کان موڪلائي واپس گهر آيس.

گڏاپ جا بلوچ انهن جي ڳالھ ٻولھ تي جدگالي لهجو، لاڙي لهجو، ڪوهستاني لهجن جا اثر نمايا نظر آچن ٿا. اُنهن جي جملن ۾ لفظ جي گهڙت ۽ لفظن جا اُچار اهڙا آهن، جيڪي ڪنهن نئين لهجي کي وجود ڏيندڙ لڳن ٿا. جڏهن تہ واڍيلن بلوچن جي ڳالھ ٻولھ ڪرڻ واري انداز تي (جدگالي) لهجي جو اثر موجود آهي.

لوگ — گهر: اي منين لوگين. هي منهنجو گهر آهي.

لاري — ٽرڪ: بيالاريءَ سوار ٿئي. (بلوچي) اچ لاري ۾ چڙھ "لاري" لوهہ جي گاڏي، "لاري" جي جاءِ تي بَس (Bus) ۽ ڪوچ (Coach) جا لفظ استعمال ٿين ٿا. "لاري اڏو" جي جاءِ بس جو اڏو يا بس جو اسٽاف (Bus Stop)، ڪوچ جو اسٽاپ (Coach Stop). سنڌي ٻوليءَ جو "لاري" لفظ نہ اُچارڻ جي ڪري هاڻ گم ٿيندو وڃي پيو، ائين ڪيترا ئي سنڌي ٻوليءَ جا لفظ اُچاريا نہ ٿا وڃن ۽ اديب انهن کي لکت ۾ آڻين ڪونہ ٿا، جنهن جو نقصان سنڌي ٻوليءَ کي ٿئي ٿو.

لٺ — لٺ: هالنا بيار. هو لٺ ڪڻي اچ.

لال — سرخ: چماتا پڪا لالين. چماتو پچي لال ٿيو آهي.

لالي — سرڪي: لالي استعمال مڪان. لالي استعمال نہ ڪر.

لشڪر — ٽولو: اي منين لشڪرين هي منهنجو لشڪر اهي.

لِمپ — سنگ: پونز لِمپا پرين. نڪ سنگ سان ڀريل آهي.

(٤)
مُٺِ مُٺِ سُورَن سَيِڪَهِين مون وَٽاٽانِ،
پَريو ڪِيو پُٽانِ، وِيا وِهائو نِڪَري.
(شاهه)

ماني — ماني
واڍيلا بلوچ ڳالهه ٻولهه ۾ ٻتا لفظ "ماني ٻاني" ڪتب آڻيندا آهن پر اترادي لهجي ۾ (ماني ٻاني) استعمال ٿيندو آهي.
"يو ماني ٻاني ڪائي ڇي" (جدگالي لَهجو) پر هي جملو عورت جي لاءِ استعمال ڪيو ويندو آهي ۽ مرد جي لاءِ "يوماني ٻاني ڪائي ڇو."
(هي ماني ٻاني ڪائي ٿي)

ميڙو — ميلو
واڍيلا بلوچ لفظن جا ڪي آواز بدلائيندا آهن. جيئن "ل" جي جاءِ آواز "ڙ" ڪڍين.
"ادا، وڏو ميڙو لڳو پيو آي"
(ادا، وڏو ميلو لڳو پيو آهي)
اترادي ماڻهو بہ لفظن ۾ "ڙ" جو استعمال ڪندا آهن. خاص طور ڀرازڙي ماڻهو "ميلو" جي جاءِ تي "ميڙو" جو لفظ ڪتب آڻيندا آهن.

مَئين — منهنجو، منهنجي، گڏاپ جا رهندڙ واڍيلا بلوچ "مئين" جي معنيٰ مُنهنجو، مٿين معنائن کان الڳ معنيٰ ڪڍين ٿا.
مثلاً: مَئين پَئين = منهنجو پنهنجو
هن لفظ ۾ آواز "ن" خاموش آهي، جيئن سرائيڪي ماڻهو "مَئين" جو لفظ استعمال ڪندا آهن، پر بلوچي سليماني لهجي ۾ "مَئين" ۽ بلوچي ڪيچي لهجي ۾ "مني" چوندا آهن. لفظ "مئين:" ۽ سرائيڪي ٻوليءَ

جو لفظ ”مئين“ ۾ لکت جو فرق آهي. محترم ڊاڪٽر رُخمان گل پالاري صاحب ”ڇپر ڪين ڏي“ شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر پاران ڇپايل ڪتاب ”تنقيدي جائزو“ جي صفحي نمبر 6 تي لفظ ”مئين“ جي باري ۾ ڪن ڏات ڏٽين، ليڪن جي حوالي سان ”مئين“ لفظ جون معنائون ڏيکاريون آهن.

شاهه عبداللطيف ڀٽائي جو بيت آهي

”موڙي ڪوهه مَئين، جيئن سڄيون راتيون سُمهين“.

(شاهه)

ماندا — سامهون، روبرو. ڪوهستان ۽ لاڙ ۾ استعمال ٿئي ٿو.

آڏواٽي - ڳڻين، ڪٿين

قاضي - ماپين، تورين

گربخشاڻي - ماپ ڪرڻ، تورڻ، ڳڻڻ

شهواڻي = ماپين، تورين

منگهاڻي = ماپين، تورين، وزن ڪرين

معين ٻڪڪ — ڳوٺ جو نالو

مُنيس — مَري وَيس

موڪي — ديهه جو نالو، عورت جو نالو

موئيداڻ — ديهه جو نالو (ڪوهستان ڪراچي)

مَهيو — ديهه جو نالو (ڪوهستان ڪراچي)

مهير — جبل جو نالو

”هي جبل 20 ميل ڊگهو ۽ 15 ميل ويڪرو آهي. هن جبل تي سَت ڳوٺ ٻڌل آهن. اُنهن ڳوٺن جا نالا (1) همير ڪانڙو، (2) بکر ڪانڙو (3) ٻڻليڊو ڪانڙو (4) ڏتو ڪانڙو (5) غلام محمّد ڪانڙو (6) منو ڪانڙو (7) جبل ڪانڙو آهي. ڳوٺ هڪٻئي کان فاصلي تي آهن. ٽي هزار فٽ مٿي مهير جبل تي الڳ دنيا آهي.“

حوالو ليکڪ گل حسن ڪلمتي ”ڪراچي سنڌ جي مارئي“ ڇاپو پهريو آگسٽ (2014) ص (548)

مَر — مٿي، ميراڻ

| | |
|---|---|
| مَر | ٻِل |
| مانڊڙو | ديھہ جو نالو (ڪوھستان ڪراچي) |
| منگھو پير | ديھہ جو نالو ۽ درگاھہ منگھو پير ڪراچي ۾ آھي. |
| مري | جبل جو نالو آھي. "مري" عورت جو نالو بہ آھي، ڪوھستان ۾ "مري مگتر" جي نالي سان مشھور عشقيہ ڪھاڻي آھي. |
| ميجڻ | ماڳ جو نالو، گڏاپ شھر ۾ واڻين جو ڪنھن وقت وڏو واپار ھوندو ھو، انھن ڏينھن ۾ "ميجڻ" چوندا آھن. پر جن ھنڌن تي ھندو واپاري رھندا ۽ ڪاروبار ڪندا ھئا، انھن ماڳن کي "ميجڻ" چوندا ھئا. گڏاپ ۾ ھنئر بہ واڻيا رھن ٿا پر "ميجڻ" جو نالو ڪونہ اپارو ويندو آھي. گڏاپ کي "ميجڻ" بہ چيو ويندو ھو. (گل حسن ڪلمتي) |
| موڏو | اھو جانور جنھن جا سنگ نہ ھجن. "موڏو" جي معني اڌ بيھوش ۽ ڪم عقل بہ آھي. |
| مول | جبل جو نالو |
| مھيري | اُٺ جو قسم ۽ ڪلمتي بلوچن جي ھڪ پاڙي جو نالو |
| مِي | مون<br>"مِي ماني ڪاڌي اِ"<br>مون ماني ڪاڌي آھي<br>(جدگالي لھجو)<br>مي وَڪَ چو ھو اِيئن نہ ڪر<br>مون ھن کي چيو اِيئن نہ ڪر<br>وَڪَ = ھن کي<br>چوھو معنيٰ چيو ھو |
| موچئين | عُضر خواھي، ھي لفظ صرف عورتون استعمال ڪنديون آھن، ادي! فاطمہ جو مڙس گذاري ويو، موچئين تي ھلون. ھي جدگالي لفظ آھي. |
| مليرو | مريڙو<br>خاص ڪري برسات ۾ ٿيندو آھي. ھن جا ننڍڙا ساوا پن ٿين، ڪاٺ ۾ مزيدار آھي. |

هن جي پاڇيءَ ۾ ڪتي لسي وجهڻ سان ذائقو سٺو ٿيندو آهي.

مهراڻ — ڪراچيءَ ۾ ديهه جو نالو
ماڙهوءَ جو نالو، سنڌو درياءَ جو نالو (مهراڻ درياءُ)

ميتاڻ — ديهه جو نالو (ڪوهستان ڪراچي)

مُگٽر — جبل جو نالو آهي. مگٽر جبل جيڪي عشقيه داستان سان تعلق رکي ٿو، انهن جو ذڪر هيٺ ڏجي ٿو.
هن جبل کي "مُگٽر" به چوندا آهن، گهاڙي قبرستان جي سامهون آهي.
محترم گل حسن ڪلمتي صاحب، ڪراچي سنڌ جي مارئي ڪتاب جي صفحي 539 ۽ 474 تي پنهي جبلن ۽ عشقيه داستان جو ذڪر ڪيو آهي. هن وقت ڪراچي جي ملير ضلعي ۾ آهي.
مَري مُگٽر: ڪوهستاني علائقو جيڪو پٿرن ۽ پهاڙن جي دنيا جي حوالي سان سڄاتو ويندو آهي. اُتي قديم تاريخي آثارن جا احوال به ملن ٿا ته انهن پهاڙن ۾ پيار جون پڪارون ۽ صدائون ۽ محبت جا دل ڏاريندڙ داستان به وجود وٺندا رهندا آهن. "مَري ۽ مگٽر" به هڪ اهڙو دل ڏاريندڙ داستان آهي.
مگٽر مالوند ماڻهو جو نالو هو، پر اڙٻنگ هٺيلو، پنهنجي ڳالهه جو عاشق ۽ جيڪو چوندو هو تنهن کي پورو ڪندو هو. جڏهن هن مريءَ کي حب مان پاڻي ڀريندي پنهنجي ساهيڙين سان ڏٺو ته هن تي موهت ٿي پيو. هڪ روايت اها آهي ته سڱ گهرڻ ڪانپوءِ جڏهن مريءَ جي مائٽن انڪار ڪيو ته هن مريءَ کي زوري ڪڍي لُسر واري جبل جي هڪ چوٽي تي هڪ غار ۾ بند ڪيو. ٻي روايت جيڪا حقيقت کي ويجهو به آهي اها آهي ته سڱ گهرڻ ڪانپوءِ پنهي جي شادي ٿي. مگٽر جيئن ته مالوند ماڻهو هو. هن جو ڪو مستقل نڪاڻو نه هو. جبل سندس ٿاڪ ۽ صحرا هن

جا سٽر هئا. لُسر جبل تي قدرتي غار هن جو گهر هو ۽ شاديءَ کانپوءِ ٻئي هتي جبل جي چوٽيءَ تي انهيءَ غار ۾ رهڻ لڳا. جبل جي ڪڇ ۾ هڪ کوهه مگٽر کوٽيو هو جنهن ۾ پيئڻ جو پاڻي حاصل ڪندا هئا. ڪنهن ڳالهه تان جڏهن اهي ناراض ٿيا ته مري ڪار "نئين" (ندي) پار هڪ ٻئي جبل تي وڃي رهي، جنهن جي ڪري هن جو نالو مري ۽ مگٽر پنهنجي پراڻي جاءِ تي جبل واري چوٽي تي رهندو هو هن جو نالو مگٽر ٿيو.

هڪ ٻيو ڪردار جيڪو مگٽر جو دوست هو. جنهن جو نالو "ڪُوراٽ" هو. ٻنهي کي پرچايو ۽ ائين وڏن وارن ۽ خوبصورت بانسريءَ وڄائيندڙ ڪُوراٽ آهستي آهستي مريءَ جي دل ۾ جاءِ ڪري ورتو. ڪُوراٽ جي وڏن وارن ۽ بانسريءَ جي ڌن ۾ مگٽر جي پهلواني ڪٿي گم ٿي وئي ۽ مگٽر جي شڪار تي وڃڻ کانپوءِ ٻنهي جي ملاقات جو سلسلو شروع ٿيو. مگٽر جي عشق جي انتها اها هئي، جڏهن هڪ ڀيرو هن کي شڪار نه مليو ته چون ٿا ته پنهنجي ران جو گوشت ڪپي پچاءِ "مريءَ" کي کارايائين. جنهن جي خبر مريءَ کي تڏهن پئي جڏهن مگٽر اُنهيءَ خم جي ڪري ٻري (تپ) ۾ ونجي ويو. ڪُوراٽ، مگٽر جي عشق جي انهيءَ معراج کي ڏسي هن مريءَ جي زندگيءَ مان نڪرڻ چاهيو پر مريءَ جي ايلازن پاڻ مارڻ جي ڌمڪين تي ڪوراٽ اهو شرط رکيو ته مگٽر جيئرو آهي ته پوءِ توسان شادي جو سوال پيدا نٿو ٿئي. مگٽر جي مرڻ کانپوءِ سوچيندس. هاڻي "مريءَ لاءِ ڪوراٽ اهم ۽ مگٽر غير اهم ٿي ويو هو. مگٽر جهڙي پهلوان کي مارڻ ڪنهن جي به وس جي ڳالهه نه هئي. پر هڪ ڀيري پنهنجي پهلواني جا قصا ٻڌائيندي مگٽر، مري کي چيو ته "هڪڙي ڀيري مون

ٻڪرين جي واڙي مان تنهنجي لاءِ آئي (ٻڪري)، جو ڦر ڪٽي جهڙو ٻاهر نڪتس تہ ڦرن جو تندو پير ۾ ڦاسي پيو، مون واڙي مان ٻاهر ٽپو ڏنو تہ سموارا ڦر، تندي سميت اڄلجي ٻاهر آيا ۽ تندو ڪونہ ڇنو، ڇاڪاڻ اهو رسو ننڍي آئٽ جي ڏاس (وارن) جو نهيل هو. بس هن ڏينهن ڪانپوءِ اهو وهم ٿي ويو آهي تہ جيڪڏهن ڪو مون کي انهيءَ رسي سان ٻڌي وجهي تہ پاڻ ڇڏائي نہ سگهندس." مري کي جڏهن اها ڳالهہ ياد آئي تہ هن ڪورائٽ کي اهڙو رسو ناهڻ لاءِ چيو. ڪجھ ڏينهن ڪانپوءِ ڪورائٽ اهڙو رسو ناهي مري کي ڏنو ۽ هڪ ڏينهن جڏهن مگٽر اهو رسو گهر ۾ ڏنو تہ مريءَ کان پڇيائين تہ "هي رسو ڪنهن جو آهي." مري چاڳ ڪندي چيو تہ توکي ٻڌڻ لاءِ، تہ جيئن تنهنجي پهلواني جي بہ خبر پوي، ڇاڪاڻ تہ تو پاڻ ذڪر ڪيو هو تہ، "ڪير مون کي ننڍي ائٽ جي وٽيل رسي سان ٻڌي وجهي تہ پاڻ ڇڏائي نہ سگهندس." مگٽر کي مريءَ جي انهيءَ انداز تي پيار آيو ۽ چيو تہ پوءِ "بسم الله اچ ئي ٿا آزمايون". مري تہ انهيءَ ڏينهن لاءِ تيار هئي.

جبل جي ڪناري تي هڪ پٿر تي مريءَ مضبوطيءَ سان مگٽر جي هٿنَ ۽ پيرن کي رسي سان قابو ڪيو. مگٽر جيئن ئي رسي مان پاڻ ڇڏائڻ لاءِ زور لڳايو، تيئن تي سڄو رسو اندر ماس ۾ گهڙندو هڏن تائين پهتو. پوري بدن مان رت وهڻ لڳو. مريءَ سامهون هڪ پٿر تي مگٽر کي جوش ڏياريندي رهي. نيٺ مگٽر عشق جي امتحان ۾ پاس ٿيو ۽ زندگيءَ تان هٿ ڌوئي ويٺو. مري جڏهن ڏٺو تہ مگٽر هاڻي چرڻ پرڻ جهڙو نہ آهي تہ هن کي ڌڪو ڏيئي مگٽر کي هيٺ ڪيرايو ۽ سوڳوار فضا ۾ "مري" جا ٿهڪ گونجندا رهيا ۽ هو ڪُورائٽ کي سڏي رهي هئي. "ڪور، " کي اهو يقين نہ

هو تہ مري ائين بہ ڪندي. مڱتر جو مري لاءِ اڻ مهيو پيار، شڪار نہ ملڻ ڪري پنهنجو گوشت ڪپي مري کي کارائڻ واريون سڀ ڳالهيون ”ڪوراٺ“ کي ياد آيون. ڪوراٺ کي خبر هئي تہ ”مريءَ“ هن جي ڊگهن وارن ۽ بانسري جي آواز تي عاشق آهي ۽ جيڪڏهن سيان اهي نہ رهيا تہ ڇا هن جو حشر بہ مڱتر جهڙو ٿيندو؟ اهو سوچي پنهنجا وار پاڪي سان لائي، بانسري کي ڀڃي پورا ڪري مري وٽ آيو. جيڪا خوش هئي پر هن جي خوشي ڪوراٺ کي ڏسي ختم ٿي ويئي. ڪوراٺ پنهنجا مٿي جا لاٿل وار ۽ ٽٽل بانسري ڏيندي چيو تہ. ”تون انهن تي عاشق هُئين سي هاڻي تون پاڻ وٽ رک، تو جڏهن هڪ پيار ڪرڻ واري مڙس (مُڱتر) جو قدر نہ ڪيو منهنجي حيثيت هن سامهون ڪجهہ بہ نہ آهي.“

مري پنهنجا هوش حواس وڃائي وڃي ۽ هتان پيرين پنڌ منگهي پير جي آستاني تي پهتي ۽ زندگيءَ جا باقي ڏينهن هتي گذاريائين. مڱتر کي ڪُوراٺ ۽ پين ماڻهن ”مڱتر جبل“ جي ڪڇ ۾ سندس ڪوٽيل کوهہ لڳ ڪنديءَ جي وڻ هيٺان دفن ڪيو.

مول جبل جو نالو آهي، شهر جو نالو آهي. ضلعو ڄامشورو

مَهر ڏينهن جو ديوتا، سنڌي ٻوليءَ ۾ ”مهر“ جي معنيٰ سِجُ آهي.

هي جابلو سلسلو ڪنهن ديوتا جهڙو آهي، ليکڪ گُل حسن ڪلمتي، ”ڪراچي سنڌ جي مارئي“ جي صفحي (549) تي لکي ٿو تہ ”مَهر“ جي معنيٰ ”ڏينهن جو ديوتا“ بہ آهي ۽ هي جابلو سلسلو بہ ڪنهن ديوتا جهڙو آهي. ڪوهستان شاهوڪار تهذيب جو مالڪ ۽ شاندار علائقو آهي. ماضيءَ ۾ هي اهم مذهبي مرڪز رهيو آهي. مذهبي علامتون هتي ماضي جي ٻڌمت، جوڳ پينٿين ۽ زرد تشتين کي ثابت ڪن ٿيون. ان ۾

ڪو شڪ نہ ٿو رهي علائقو قديم ٻڌين (ٻڌ مذهب) جي هٽ هيٺ هوءِ "مِهرَ" ڏينهن جو ديوتا" جو آستان رهيو هجي. پوءِ مقاني ماڻهن جي اُچارڻ ڪري "مِهر" مانِ "مهير" ٿيو آهي. "مِهر" ۽ "مهير" ۾ ڪو فرق بہ تہ نہ آهي. هتي موجود آثار هن جي شاهدي ڏين ٿا تہ "مهير" قديم مذهبي ۽ تهذيبي مرڪز رهيو آهي".

منڌيئو — لسي جُهڳڻ وارو

مانجو — منهنجو، واڍيلا بلوچ ڳالهائڻ . ڪوهستان ۾ لاڙ ۾ استعمال ٿئي ٿو.

مانجي — منهنجي، واڍيلا بلوچ ڳالهائن . ڪوهستان ۾ لاڙ ۾ استعمال ٿئي ٿو.

مَنجڻ يا مَنجي — هنڌ، بسترن جي رکڻ واري جاءِ
مَنجڻ ڪاٺ جو ڊگهو تختو (صندل)
جنهن کي آٺَ (8) ٽنگون هونديون آهن. (ڳڏاپ جا خاصخيلي استعمال ڪندا آهن).

ميڙي — گڏي، گڏ ڪري رکڻ واري جاءِ.
ميڙي جو لفظ زرعي جنس کي جنهن ۾ ميوو، ٻاجي وغيره زمين مان پٽي ڪنهن هڪ جاءِ تي رکڻ کي ميڙي چوندا آهن، پوءِ انهن کي ٻورين ۾ ڀيٽين ۾ بند ڪري مارڪيٽ موڪليو ويندو آهي.

ما — ماءُ (جدگالي لهجو)

مِسِلَ — اُٺ جا وار
اٺ جي وارن کي "مِسلَ" چوندا آهن. ٻڪري جي وارن کي "ڏاس" ۽ رڍ جي وارن کي "اُنَ" چوندا آهن.

مانڪَ — مون کي (جدگالي لهجو)

مارڪو — ڪچهري: ڪوهستان ۾ لاڙي ماڻهو بہ استعمال ڪندا آهن.

مَنڊَ — ڪارو علم: ڪوهستان ۾ لاڙي ماڻهو بہ استعمال ڪندا آهن.

مُشانڊو — تماشو (جدگالي لهجو) ڪوهستان جا ماڻهو بہ استعمال ڪندا آهن.

ميل — ملڻ ـ ملاقات
ادا! وري ڪڏهن ميل ٿيندو؟
ادا! وري ڪڏهن ملاقات ٿيندي؟

ميل — ميرو ـ گندو
هاشم! ميل وارا ڪپڙا مَٽا
هاشم! ميرا ڪپڙا مَٽا

مُشوڪ — نسوار (جدگالي لهجو) اصل بلوچيءَ جو لفظ آهي. بلوچ بہ استعمال ڪن ٿا.

مَ — نہ: لاڙي ماڻهو بہ ڳالهائين. جدگالي لهجو. ڪوهستان جا ماڻهو بہ استعمال ڪندا آهن.

مان گَر — مون وِٽ (جدگالي لهجو) ڪوهستان ۽ لاڙي بہ استعمال ڪندا آهن.

مَر — ڀلي - ڪوهستان ۽ لاڙي ماڻهو بہ استعمال ڪندا آهن.
سائين عبدالحڪيم جوکيو شعر ڀڏايو
سسئي ساري سِڪَ، پنهون سارو پيار،
جتن جهڙا جهان ۾، هُجن مَر هزار،
دليون سي ڏار، ڪري سگهندا ڪين ڪي.
(سائين عبدالحڪيم جوکيو)
سائين عبدالحڪيم جوکيو جو پٽ اياز جوکيو بہ ڳڏاپ جو سٺو شاعر آهي.

مَلڪَ مِيت — ملڪ الموت ـ عزرائيل (جدگالي لهجو)

مِين — مُون

مِٺوُ — طوطو سنڌي ٻولي جي سيني لهجن ۾ استعمال ٿئي ٿو. جدگالي لهجي ۾ "مِٺو" جي معنيٰ "طوطو" آهي.

مَوڪَو — ڪوريئڙو (جدگالي لهجو) بلوچيءَ ۾ بہ استعمال ٿئي ٿو.

مَوچَئين — تعزيت خاص طور عورتون استعمال ڪنديون آهن. جدگالي ۽ بلوچ واڍيلا، استعمال ڪندا آهن.

منين — منهنجو: اي پين منين گين. (بلوچي) هي پين منهنجو آهي.

ميتگ — ڳوٺ: اي مئي ميتگين. (بلوچي) هي اسان جو ڳوٺ آهي.

مينا — گندم خراب: منين پُچ مينا. (بلوچي) منهنجا ڪپڙا گنده آهن.

مڪان — نہ ڪر: دُزي مڪان. (بلوچي) چوري نہ ڪر.

موڪُو — ڪوريئڙو: موڪُو يڪ جيتي. (بلوچي) ڪوريئڙ هڪ جيت آهي.

مُشتِ — مُڪ: من ترا يڪ مشتي جنا. (بلوچي) آءُ توکي هڪ مڪو هڻندس.

مَچار — نہ نهار، نہ ڏس: مَنا مچار. (بلوچي) مون کي نہ ڏس

مئي گان — اسان جا آهن: اي ڪتاب مي گان. (بلوچي) هي ڪتاب اسان جا آهن.

متيگان — منهنجا آهن: اي چيز مني گان. (بلوچي) هي شيو منهنجون آهن.

موتي — موتي: موتي باز قيمتيئين. (ڪيچي بلوچي) موتي ڏاڍو قيمتي اهي.

مست — چَريو، پاگل: اسماعيل مستي. (ڪيچي بلوچي) اسماعيل چريو آهي. هي سنڌ جي سيني لهجن ۾ استعمال ٿئي ٿو.

مِس — پيشاب: تؤمِس ڪُتا. تو مِتيو آهي.

مور — مور، ماڪوڙي، مضبوط: (1)موريڪ شو والا مرغي، (1)مور هڪ سهڻو پکي آهي. (2)منا مور ورگايان، (2) مون کي ماڪوڙيون ڪائين ٿيون. (3)اي دار مورين داري، (3)هي ڪاٺي مضبوط ڪاٺي آهي.

مڪس — مڪس گڏيل: درمانان مڪس مڪان. دوائون نہ گڏ. (انگريزي مان آيل لفظ)

(ن)

نيهن نهائين ڪان، سڪ مُنهنجا سپرين!
سڙي سارو ڏينهن، پاهر پاڦ نہ نڪري.
(شاهہ)

نند پند — نند، تو "نند پند" ڪئي...؟

نومي — عورت جو نالو
ليڪڪ گل حَسن ڪلمتي، ڪتاب، ڪراچي سنڌ جي مارئي" جي صفحي (542) تي "نومي" نالي عورت جو هيئين ريت ذڪر ڪيو آهي.
"چشمي تائين پهچڻ جي لاءِ هڪ خطرناڪ لڪ آهي، انهيءَ لَڪَ مان ماڻهن جي اچڻ وڃڻ جي لاءِ آسٽريليا ڪان اينڊرڙ هڪ عورت سماج سڌارڪ "نومي" پنهنجي خرچ سان گس ٺهرايو هو. نومي هتي سماجي ڪمن سان سڃاتل نالو آهي. چشمي ڪان مٿي جبل جي مٿاڇري تائين اهو 2500 سان ٺهرايو هو. اهو مهير جو جابلو سلسلو آهي".

نايَر — ناريل (هي لفظ "جوڪيا" استعمال ڪندا آهن.)

نمن واري — ڊوري جو نالو (ڪراچي ڪوهستان)

نارااٿر — جبل جو نالو
هن جَبل تي متارن جون قبرون رکيل آهن.

متارن جو ماڳ، گهرَ هن غريب جو
پَليو پنيون، پلا ماڻهو، پلا سندن پاڳ
چاهت رکن چتِ ۾، چالاڪي نہ ڪو چاڳ
(شاعر: عبدالحڪيم جوڪيو جي پٽ اياز حسين جوڪيو جو شعر)

نيٽي — وِهَڃڻ واري جاءِ
جملو: زين! توليو نيٽيءَ م رکي آچُ
نيٽي جو لفظ گڏاپ جا خاصخيلي استعمال ڪندا

آهن. گڏاپ جا رهندڙ ماڻهو "مَتي ڏوئٽي" بہ چوندا آهن.

نِمرو — متارو (جوکيا ڳالهائين) ڪوهستان ۾ بہ استعمال ٿئي ٿو.
مهمان سان ملندي، اُن کان حال احوال پڇندي چوَن ادا، خوش جوڙ، آرو، نِمرو

نيڻ — نوڙي
هي نوڙي پيش (ڦڙا) جي پنن مان ٺاهي ويندي آهي. پيش جي پنن کي ڪٽيندا آهن. ڪٽڻ واري اوزار کي "چلٽي" چون، جنهن کي "هٽيو" بہ هوندو آهي. ڦڙا ڪُٽڻ کان اڳ، انهن کي پاڻي منجهہ پسائي رکندا آهن.
ڦڙن کي ڪُٽڻ سان "تبارو" يعني تندو، تفدو ٿي ويندو آهي. انهن تندن کي ٻنهي هٿن جي ترين سان ٽبو آهي ۽ چپتي سان بہ وٽيندا آهن.

نائين — ڏُن (جدگالي لهجو) ڪوهستان ۽ لاڙ ۾ بہ استعمال ٿئي ٿو.

نوجڻ — ونگ
گڏاپ جا ماڻهو "نوجڻ" جو لفظ "ونگ" جي لا استعمال ڪندا آهن.

نان — ننهن (جدگالي لهجو)

نوهہ — هلڪا ڪَڪَر، ڇَمر (جدگالي، ڪوهستاني ۽ لاسڪي لهجو)

ني — ۽ (جدگالي لهجو)

نَنڊڪو — ننيڙو (جدگالي لهجو) ڪوهستان ۾ بہ استعمال ٿئي ٿو.

نَرانَر — مُور ـ زوري (جدگالي لهجو)

نماز — نماز: پنج وقت نماز فرضان. پنج وقت نماز فرض آهن.

ني — ڪونهي: منين ڪرا هِچ ني. (بلوچي) مون وٽ ڪجهہ

| | |
|---|---|
| | ڪونهي. |
| نِرُوئان | ڪونہ ويندس: من مرچي ڪراچيءَ نروئان. (بلوچي) مان اچ ڪراچي ڪونہ ويندس. |
| نہ شُتان | ڪونہ ويس: من گڏاپا نشتگان. (بلوچي) آءٌ گڏاپ ڪونہ ويس. |
| نہ | نہ، ڪونہ: من مرچي ڪار نہ ڪنا. (بلوچي) آءٌ اچ ڪم ڪونہ ڪندس. |
| نگَن | ماني: منا نگن دئي. (بلوچي) مون کي ماني ڏي. |
| نر | نر: اي پس نرين پسي. (بلوچي) هي نر ٻڪر آهي. |

## (ڻ)

’ٽي، ڳي، ڙي، ڃي‘، ٻار پيو ٻولي، سنڌي سڀ اچار پيو ٻولي،
(مشڪور ڦلڪارو)

”ڻ“ جو آواز ’مصدر‘ ناهڻ لاءِ ڪتب آندو ويندو آهي ۽ ڪنهن ٻہ اکر جي پٺيان ”ڻ“ جو آواز اهو لفظ پنهنجي معنيٰ ظاهر ڪندو آهي.
مثلاً:

اڻ، ٻڻ، پڻ، ٻڻ، سڻ، ڪڻ، ڄڻ، وڻ، ڪڻ، ڏڻ ۽ ڳڻ وغيره

(۵)

وَٽ سوريندي، ولها! ويو تيل پُري،
موٽ مسافر سپرين! چانگي تي چڙهي،
راٽي لاءِ رڙي، ويئي وهامي راتڙي.
(شاهه)

وَهه — ويهه

وا — واءُ (واڍيلا بلوچ استعمال ڪن) ڪوهستان ۾ به استعمال ٿئي ٿو.

وَڄر — سوير
تون وڄر آئو اِين ۾
تون سوير آيو آهين؟
جملو: وڄر هلي چُريا

وَڄَرَ — هير، هِن وقت، هينئر
وقار! وَڄَرَ ڪيڏانهن ٿو وَڃين.
وقار هير ڪيڏانهن ٿو وڃين.

وڄير — سوير

۾ وَڄر — واڍيلا بلوچ (س + و) جي آوازن جي جاءِ تي (و + ڄ) جا آواز استعمال ڪندا آهن.
واڍيلا بلوچ سنڌي ٻولي ڳالهائين پر هنن جو گفتگو جو لهجو بلڪل ڌار آوازن تي ٻڌل هوندو آهي. ايتري قدر جو بلوچ جي آس پاس ۾ رهندڙ سنڌي ماڻهو به هنن بلوچن جي ڳالهه کي هڪدم سمجهي ڪونه سگهندا آهن. جي ڳالهه کي ڪو سمجهندو به آهي ته ڪن لفظن ڪين اوپرو يعني سمجهي نه سگندو آهي.
لطيف! وَڄير ڪِٿِ هئين! (واڍيلا بلوچ ڳالهائين)

واڙ — بند
اسماعيل! آيون واڙ ۾ وجهي آڄُ - ڪوهستان ۾ لاڙ ۾

بہ استعمال ٿئي ٿو.

واڙ — ڪوٽ، ڍنگرن جو ڪوٽ

واڙ — ويڙهو، اوڙو پاڙو

گڏاپ شهر جا ماڻهو پنهنجن گهرن کي ڪنڊن جي (پيت) ڏيندا آهن. اُن کي واڙ چوندا آهن. سي جانورن جي بچاءَ جي لاءِ ڪَنڊن، ڍنگرن جو لوڙهو پيت ڏيندا آهن. اُن کي بہ ”واڙ“ چوندا آهن.

واڻ ڪُنڊ — ديهہ جو نالو، ڪراچي ڪوهستان

وِجهہُ — وجاءِ، داخل ڪر، رک.

وِڪتو — وِڪيو

گڏاپ جا جوکيا ڪن لفظن ۾ اکر ”ي“ جو اچار ڪونہ اپاريندا آهن.

وِسهان — يقين ڪريان

يا وِسهڻ — پڳو آئون نہ چوان، ماريو تہ وِسهان (پتائي)

ويساهہَ — ساک

قسم کڻڻ، ساک ڏيڻ جي ويساهہُ لفظ استعمل ڪندا آهن.

واڪ — واڪ بلوچي ٻوليءَ جو لفظ آهي.

دل جو نہ لڳڻ، ڪَڪِ ٿيڻ، بيزار ٿيڻ

مير کي ڪتاب پڙهڻ تي واڪ نٿو ٿيئي

اياز کي ڪتاب پڙهڻ ي واڪ (بيزاري) ٿيئي ٿي.

وِنجڻي — هٿ واري پکي يا پکو

ڪنهن گاهہَ يا وڻن جي پَنن جي نهيل هجي، گرميءَ جي موسم ۾ وَنجڻي جو گهڻو استعمال ٿيندو آهي. ”ونجڻي“ جو سنڌي ثقافت ۾ اهم ڪردار آهي. خاص ڪري خوشين جي موقعن تي يا شادي جي ڏڻ تي سهڻيون ونجڻيون ناهيون ويندڻيون آهن. گهوٽ ۽ ڪنوار کي ونجڻيون هڻندا آهن.

وِلّون — فضول ڳالهائڻ، بڪواس ڪرڻ

| | |
|---|---|
| وَتاڙا | مَتر، (مَترَ جو فصل) |
| وِسِين | هُنَ سين يا هُن سان<br>واڍيلا بلوچ استعمال ڪندا آهن، جڏهن تہ جدگالي لهجي جو لفظ آهي.<br>"تون وَسِين ڳالهہ وين سو"<br>تون هن سين ڳالهائين ٿو؟ |
| واءِ | باغ<br>جدگالي لهجي کان علاوه ڳڏاپ ۾ مليرجا ماڻهو "واءِ" جو لفظ باغ جي لاءِ استعمال ڪندا آهن. |
| وَرنا | جوان، ڪلمتي بلوچ "وَرنا" جو لفظ استعمال ڪندا آهن. |
| وات ڏيڻ | مدد ڪرڻ، مَدد ڏيڻ<br>سنڌي ٻوليءَ جا ڪيترائي لفظ مختلف لَهجن ۾ الڳ الڳ معنائون ڪين ٿا، پر ڳڏاپ جي علائقي ۾ هڪئي پاڙي ۾ رهندڙ مختلف ذاتين جا ماڻهو هڪ لفظ کي پنهنجي روزمرهہ جي زندگيءَ ۾ لفظن جون الڳ معنائون بيان ڪندا آهن.<br>مثلاً: ڳڏاپ جي علائقي ۾ رهندڙ "جوکيا" ذات جا لفظ "وات ڏي"، استعمال ڪندا آهن. هن لفظ کي ٻڌڻ سان ماڻهو جو خيال، ڳَس، پيچرو، رستو سَڙڪَ ڏانهن هليو ويندو ۾ وات ڏيڻ يعني حساب ڪتاب ڏيڻ.<br>ادا، وات ڏي پار اچن پيا<br>ادا، وات ڏي، رستو ڏي.<br>يار! وات ڏي، "حساب ڪتاب ڏي، ايئن ڪَم نہ هلندو<br>پر "جوکيا" وات ڏي جي الڳ معنيٰ ڪيندا آهن.<br>مثلاً: جيڪڏهن ڪنهن جي شادي ٿيندي آهي تہ اُن کي راڄ ڀاڳ جا ماڻهو جيڪي ساڏي هوندا آهن. اُهي |

پيئسا ڏيندا آهن. (اُن کي ”گهور“، ”مبارڪ“، ”مبارڪي“، ”پوئو“) اُن کي گهور ڏيڻ چيو ويندو آهي ۽ ڪو ماڻهو وفات ڪري ويندو آهي تہ ان جي گهر وجي ماڻهو مَدد طور پيسہ ڏيندا آهن. اُن کي ”واٺ ڏيڻ“ چوندا آهن.

”ادي فاطمہ! تون فاتا تي وجين تي، اُتي واٺ ڏئي (مدد ڏئي) آچُ، الائي ”واٺ“ وٺنديون يا نہ پر تون ”واٺ“ ڏئي اچُ.

واڙ — لوڙهو، ڪنڊن جي پِٽِ
واڙ (ڪنهن شئي کي بند ڪرڻ)

وڪار — جتي هارين ۽ زميندارن جو پاڻ ۾ ليکو چوکو ٿئي.
زرعي جنسن جي لاءِ بارداڻو رکڻ جي جاءِ

وَس — مُند - ڪوهستان ۽ لاڙ ۾ بہ استعمال ٿئي ٿو.
ادا! هي وَس وارو مهينو آهي

وَ — هُنَ (جدگالي، ڪوهستاني ۽ لاسڪي لهجو)

واهِي — پَٽي
زبير! اوهان جي واهي ۽ واهہ (باغ) ۾ ڪهڙو فصل آهي.

وَها — هاري چَڏ
ادا! ٿانَو جو ڪنو پاٽي وَها چَڏ

وَڙو — هُن جهڙو (جدگالي، ڪوهستاني ۽ لاسڪي لهجو)

وِريَم — ويل _ وقت
وَري تہ وِريم نہ ڪري

وَري — چاهي، راضي ٿئي

وَري — واپس ٿئي

واوزار — روج راڙو: بلوچ ڳالهائين (جدگالي لهجو) اصل م لفظ بلوچيءَ جو آهي.

وَڪَ — هُن کي (جدگالي، ڪوهستاني ۽ لاسڪي لهجو)

وَم — هُن ۾ (جدگالي لهجو)

| | |
|---|---|
| ورڙ | گراٽَ |
| واچڻ | ونگ (جدگالي لهجو) ڪوهستان ۾ لاڙ ۾ بہ استعمال ٿئي ٿو. گڏاپ جا ماڻهو "واچڻ" جو لفظ "ونگ" جي لا استعمال ڪندا آهن ۽ "نوچڻ" جو لفظ بہ ڪتب آڻيندا آهن. ڪوهستان ۾ لاڙ ۾ "جوچڻ" جو لفظ استعمال ڪيو ويندو آهي. |
| وڙ | حالت بلوچ ڳالهائين (جدگالي لهجو) |
| وَگرِ | هُن وٽِ (جدگالي لهجو) ڪوهستاني بہ ڳالهائين |
| وِي | هُئي (جدگالي لهجو) |
| وتائڻ | اُڇلائڻ جدگالي ۽ لاڙي لهجن ۾ استعمال ٿئي ٿو. |
| وت | پاڻ: مَن وت روان. (بلوچي) آءُ پاڻ ويندس. |
| وَتي | پنهنجو: اي منين وتي پسين. (بلوچي) هِيءُ ٻڪري منهنجي پنهنجي آهي. |
| وش | مٺو: اي انب باز وشين. (بلوچي) هي انب گهڻو مٺو آهي. |
| وش رنگ | خوبصورت: اي مردم باز وش رنگي. (بلوچي) هي ماڻهو گهڻو خوبصورت آهي. |
| وَشان | راضي: من تراچا وشان. (بلوچي) آءُ توکان راضي اهيان. |

## (هه)

هَڻُ حبيب هَٿُ ڪٽي، ٻُنگا لهي پاڻ،
ماڱهين مون مِنهُ تئي، جهوليءَ وِجهان پاڻ.
(شاهه)

| | |
|---|---|
| هَڏَ | ”آن وَتَ پيسو هَڏَ ڪونهي“. (تو وٽ پئسو صفا ڪونهي) |
| هتاڙو | شاديءَ جو سامان وٺي اچڻ کي هتاڙو چوندا آهن. |
| هُتڪَي | هُتي جدگالي ۾ ڪوهستاني لهجو |
| هِتڪي | هِتي جدگالي ۾ ڪوهساني لهجو |
| هارگ | چوهارا (جدگالي لهجن ۾) اصل ۾ هي بلوچيءَ جو لفظ آهي. |
| هِيتڪو | هيترڙو (جدگالي لهجو) ڪوهستان ۾ استعمال ٿئي ٿو. |
| هنڌ ڪَرڻ | ٻهاري ڏيڻ (جدگالي لهجو) ڪوهستان ۾ استعمال ٿئي ٿو. |
| هَو | هُو (جدگالي لهجو) ڪوهستان ۾ استعمال ٿئي ٿو. |
| آستيگ | هاستين: پشڪي آستين مَزنا. (بلوچي) چولي جون آسنيون وڏيون آهن. |
| همت | همٿ |
| هم ڪلاس | ڪلاس وارو: منور منين هم ڪلاسين. (بلوچي) منور منهنجي ڪلاس وارو آهي |
| هنر | هنر، فن: منين ڪِرا هنر هستين. (بلوچي) مون وٽ هنر آهي. |
| هم سائگ | پاڙيسري: جاويد منين هم سائگين. (بلوچي) جاويد منهنجو پاڙيسري اهي. |
| هرچي | هر ڪ: هرچي منين گوما ڪئي من آيئيا بران. (بلوچي جيڪو مون سان گڏ هلندو آءَ ان کي وٺي هلندس. |

(٤)

’ئُوئَان ئُوئَان‘ ڪندي، روئندي ڇميو ٻالڪ،
سمجهي ڪو سالڪ، احساس انهيءَ درد جو.
(مشڪور ڦلڪارو)

ءِڄ "ءِڄ" لفظ سرائيڪي ٻوليءَ ۾ استعمال ڪيو ويندو آهي.

(ي)

يارَ سَجَڻَ جي فِراق، ڙي جيڏيون! آئون ماري،
دِر دوسَنِ جي ڪَئين جو هوندا، مون جيها مشتاق،
ڙي جيڏيون، آئون ماري.
(شاهه)

| | |
|---|---|
| يخي | بَڪَ نـ ڪر، رنگ رنگ نـ ڪر، يخي نـ هڻ، گهٽو نـ ڳالهاءِ |
| يوڪ | هير، (هينئر) (جدگالي لهجو) ڪوهستان ۾ استعمال ٿئي ٿو.<br>مِي يوڪ چانهه پيتي آئي<br>مِي يوڪ چنهه پيتي آي<br>(مون هينئر چانهه پيتي آهي) |
| يَسين | هن سِين، آسِين (جدگالي ۽ ڪوهستاني لهجو)<br>تون يَسين گڏجي وَڃُ<br>تون هن سان گڏجي وَڃُ |
| يَڪو | لاڳيتو<br>ادا، ڏهن منٽن جو چٽئي "يڪو" هليو وئين. |
| يَ | هِن (جدگالي لهجو) |
| يَم | هِن ڪي (جدگالي لهجو) ڪوهستان ۾ استعمال ٿئي ٿو. |
| يَڪ | هِن ڪي (جدگالي لهجو) ڪوهستان ۾ استعمال ٿئي ٿو. |
| يَوَ | هِي (جدگالي لهجو) ڪوهستان ۾ استعمال ٿئي ٿو. |
| يَجو | هِن جو (جدگالي لهجو) |
| ياڳ | سُياٽي (جدگالي لهجو) |
| يَڙو | همڙو (جدگالي لهجو) |
| يَگرَ | هِن وَٽَ |

ملير ضلعي ۾ رهندڙ بلوچ خاص طور تي گڏاپ جي علائقي جا بلوچ بہ ڳالهہ ٻولهہ ۾ جدگالي لهجي جا لفظ استعمال ڪندا آهن.

| | |
|---|---|
| يڪ | هڪ: يڪي. |
| يڪو | بار بار، هر هر: تؤ يڪو پيدا گي. (بلوچي) تون بار بار اچين ٿو |
| يا | اي |
| يڪشا | هميشہ: يڪشا سچ بُگو. (بلوچي) هميشہ سچ چؤ. |
| يڪدم | فورًا، هڪدم: يڪدم بُرو. (بلوچي) فوراً وڃ. |
| ياد | ياد: ياد بڪان. (بلوچي) ياد ڪر. |
| يعقوت | هيرا جواهرات: مني ڪرا يعقوت نيستين. (بلوچي) مون وٽ يعقوت ڪونهي. (فارسي مان آيل لفظ) |
| يار | دوست: حسن منين يارين. (بلوچي) حسن منهنجو دوست آهي. |
| يوڪ | هنيئر- هير |

## سمبارا پبليڪيشن پاران شايع ٿيل ڪتاب

| | | | |
|---|---|---|---|
| 1. هاءِ هنيلا هوڏي پريتم | (مضمون/تاثر) | ساجد سنڌي | (ختم ٿيل) |
| 2. سمنڊ ۾ سپ | (شاعري) | سرڪش سنڌي | (ختم ٿيل) |
| 3. اڌوري رچنا | (شاعري) | منظور سمون | (ختم ٿيل) |
| 4. ٻاراڻي ادب جو مسيحا | (مضمون/تاثر) | هاشم لطيفي | 300/- |
| 5. شاهه عبداللطيف ڀٽائي | (مضمون/معلومات) | غلام شبير پيراهين | (ختم ٿيل) |
| 6. هوائن جي هندوري ۾ | (شاعري) | وفا عظيم جلباڻي | 200/- |
| 7. اوجاڳيل آڱريون | (شاعري) | امر منصور چوهاڻ | (ختم ٿيل) |
| 8. مُرڪون محبوبن جون | (شاعري) | "شاد" جلباڻي | 150/- |
| 9. رڻ رڙيون ٿو ڪري | (شاعري) | نسرين الطاف | 200/- |
| 10. غلطي معاف | (مضمون) | جاويد جوکيو | (ختم ٿيل) |
| 11. شاهه لطيف جا شيدائي | (تحقيق) | راهب لاڙڪ | (ختم ٿيل) |
| 12. ڪنيس ڪويچن | (تنقيد/تحقيق) | مبارڪ علي لاشاري | (ختم ٿيل) |
| 13. دادلوءِ تاريخ جي آئيني ۾ | (تحقيق) | پروفيسر فدا حسين "فدا" | (ختم ٿيل) |
| 14. سويرن جا اُلڪا | (شاعري) | ملزم سومرو | 200/- |
| 15. لفظ هوا ۾ خوشبوءِ | (ريڊيو اسڪرپٽ) | جبار آزاد منگي | (ختم ٿيل) |
| 16. مٽيءَ جو آسمان | (شاعري) | علي اظهار | 150/- |
| 17. ڇا؟ | (شاعري) | منظور سمون | 50/- |
| 18. سار جا رستا | (شاعري) | فرحان اڄڻ | 200/- |
| 19. اکين ۾ مند مينهوڳي | (شاعري) | سائل پيرزادو | 200/- |
| 20. سُڌِ سچل جي | (تحقيق) | علي حسن سرڪي | (ختم ٿيل) |
| 21. ٻڇڙي آنکھ کا ماتم | (اردو ناول) | ساجد سومرو | (ختم ٿيل) |
| 22. ٻانڊي جي تاريخ | (تحقيق) | شبير احمد عباسي | (ختم ٿيل) |
| 23. پياسيءَ جون پڪارون | (شاعري) | شاهن "پياسي" گبول | 400/- |
| 24. هينئڙي منجهه هڳاءِ | (شاعري) | مخمور رضا | (ختم ٿيل) |
| 25. اُماس راتيون اداس رستا | (شاعري) | فهميده شرف بلوچ | 300/- |
| 26. دل صحرا، سمنڊ اکيون | (شاعري) | شاد جلباڻي | 150/- |
| 27. ٻهه ٻهه ڪنڌڙ ٻالڪ | (ٻاراڻي شاعري) | اويس ڀٽو | (ختم ٿيل) |
| 28. انگلش گرامر | (گرامر) | علي رضا سيال | (ختم ٿيل) |
| 29. فوٽو گرافر جي آتم ڪٿا | (آتم ڪٿا) | غلام علي ڪوساڻي | (ختم ٿيل) |
| 30. جانورن جو واڙو | (پرڏيهي ناول) | اياز ڀٽو | (ختم ٿيل) |
| 31. گيڙوءِ رتا خواب | (شاعري) | واحد سوز ملاح | 250/- |
| 32. من گهريو مشتاق بخاري | (مضمون/تاثرات) | احسان راهوجو | 150/- |
| 33. مُنهنجي مُٺي ڪانڀوءِ | (شاعري) | زخمي چانڊيو | (ختم ٿيل) |
| 34. جيئڻ جنين ڪاڻ | (ڪهاڻيون) | اقبال بلوچ | 200/- |
| 35. شهنشاهه لطيف ۽ بزرگ شاعر | (تحقيق) | شبير پيراهين | 300/- |
| 36. تاريخ گبول بلوچ | (تحقيق) | شبير حسن گبول | (ختم ٿيل) |
| 37. ڪوي ڪشمور جا | (شاعري) | ساحر سليم اوڳاهي | (ختم ٿيل) |
| 38. افضل عورت | (اسلامي معلومات) | رهڏنو خاصخيلي | (ختم ٿيل) |
| 39. روح جون رولاڪيون | (شاعري) | صالح عباسي | 200/- |

گڏاپ جا گل

منصور ٿلهو

سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد



گُل گُل پسي گودڙيا، گهڻا ۾ پانئيج،
سي ئي سجاڻيج، هيءُ هُو آهي هيڪڙو.
(شاهه)

سموري سنڌ هڪ خوبصورت باغيچو آهي، جنهن ۾ طرحين طرحين گل آهن. ڪٿي اتر جي خوشبوءِ ڪٿي لاڙ جو اهاءُ، ڪٿي سري جي سونهن، ڪٿي ٿر جي سڳنڌ، ته ڪٿي وري ڪوهستان جو واس! مطلب ته سنڌ سڳنڌن ۽ سونهن سان ڀريل آهي. جنهن جي ڏاکڻي، اولاهين پاسي يا پٽي تي گڏاپ آهي. گڏاپ پنهنجي پر ۾ هڪ عظيم تاريخ رکندڙ ڪوهستاني پٽي تي ٻيٺل آهي، جنهن ۾ موڪي ۽ متارن جون قبرون به آهن ته پٽائيءَ جا پنڌ ۽ انهن پنڌن جا اهڃاڻ به آهن، ته سسئي جي اها پونءِ به آهي جنهن لاءِ چيو هئائين!

"سڀ رڳينديس رت سين، پينر اوري پونءِ"

گڏاپ جي اڏول ۽ سگهارن پهاڙن ۾ تاريخ جون ڪيئي آهون ۽ دانهون دفن ٿيل آهن ۽ اتان جا ماڻهو انهن جا امين آهن.

سائين منصور ٿلهو به شاهه جي شاعريءَ ۾ ڪتب آيل استعارن" نه ڪو سڪ نڪتئين" ۽ "نه ويساند نئين" يا "ڪر ڪٽا لاهي سڪ نه ستا ڪڏهين" جي سچي پچي تصوير آهي. "ڪم، ڪم ۽ صرف ڪم" ئي سندس ڪرت آهي. اسان وٽ پي ايچ ڊي ڪرڻ آيو آهي. منصور جي اندر ۾ هڪ ڪوجي روح آهي جيڪو هر وقت ڪوجنا ڪندو رهي ٿو.

هن چار ناول لکيا آهن، جيڪي تاريخي حيثيت رکن ٿا. ڪهاڻين جو مجموعو "جي هانءُ نه هارين" پڻ شايع ڪيو اٿائين، "اکر پٽي" نالي سان ماجر جي لغت به لکي اٿائين، جيڪا سنڌيڪا شايع ڪئي آهي. سندس سفر نامو "سوڪي بندر ۽ ساموندي سور" به تازو ئي سمبارا پبليڪيشن طرفان شايع ڪيو ويو آهي. ان ڪان علاوهه ٻيا به ڪتاب جنهن ۾ "سنڌو لکت جون نشانيون، لاڙي لفظن جي موتين مالها" (لغت) ۽ "سنڌي، سرائيڪي ۽ اسپيني (Spanish) لفظن ۾ هڪ جهڙائي" ڇپجڻ واري پنڌ ۾ اٿس ۽ هي ڪتاب گڏاپ جا گل به توهان جي هٿن ۾ آهي، جنهن ۾ هن ڪيئي گل ميڙي، سهيڙي ورتا آهن.

سندس اها خوجنائي آهي جو هو پي ايچ ڊي ٿيسز جو ڪم تيزيءَ سان ڪري رهيو آهي ته تحقيق جي ميدان ۾ پڻ پاڻ ملهائي رهيو آهي. هر ڪو سندس علمي ۽ قلمي پورهئي جو قدر ڪري ٿو ۽ سندس علم ۾ اضافي جو خواهشمند ۽ دعاگو آهي.

ڊاڪٽر شير مهراڻي
سنڌي شعبو ڪراچي يونيورسٽي

# پڙهندڙ نَسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪَ ”لُڙهندَڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، ياڙي، ڪائُو، ياجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنی e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعویٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾ پَنَ کا خُصوصي ۽ تالي لڳل کِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، جاڻ، سمجهہ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.
... ...
جئن جئن جاڙ وڏي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛
... ...
ڪالههَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........
... ... ... ...
هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄڪلهہ اٽڪاٽائي ڪي پاڻ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني جي نشاني آهي.

پَڙهن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڃي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڄڪلهہ ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَڙهَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چون، چالاڪ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ "منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَـنَ پَـنَ جو پڙلاءُ".
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)